

# مونکي ساھ کٽڻ ڏيو

غلام نبي مغل

# مون کي ساهہ کڻڻ ڏيو

غلام نبي مغل، 12 مارچ 1944ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ سندس پهرين ڪهاڻي ”تِر“ جي نالي سان ماهوار مخزن ”روح رهاڻ“ ۾ 1960ع ۾ ڇپي. ان کان پوءِ سندس ٻي ڪهاڻي ”شيشي جو گهر“ ٽماهي مخزن ”مهراڻ“ ۾ 1962ع ۾ ڇپي. مغل جو پهريون ڪهاڻي- ڪتاب ”نئون شهر“، 1964ع ۾ ڇپيو. 1963ع ۾ هندستان ۾، ”سنڌي شارٽ اسٽوريز“ نالي هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ڇپيو جنهن ۾ ”حشو ڪيولرامائيءَ“ اٺ ڪهاڻيون هند جي سنڌي ڪهاڻيڪارن جون ۽ چار ڪهاڻيون سنڌ جي ليکڪن جون ترجمو ڪري شامل ڪيون جن مان هڪ مغل جي ڪهاڻي ”شيشي جو گهر“ هئي. 1965ع ۾ مغل فرينچ ليکڪ ”پيري لوئي“ جو ناوليٽ ”وومين اينڊ دي پَپيٽ“ جو ترجمو ڪيو ۽ ڪتاب ”عورت ۽ پيار“ جي نالي سان ڇپيو. مغل جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب ”رات جا نيڻ“ 1968ع ۾ ڇپيو. ٽيون ڪهاڻي- ڪتاب ”رات منهنجي روح ۾...“ 1979ع ۾ ڇپيو ۽ 1979ع ۾ انهيءَ ڪتاب کي ”سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ“ طرفان سال جي بهترين افسانوي ادب جو انعام مليو. چوٿون ڪهاڻي- ڪتاب ”سٺ ستر اسي“، 1989ع ۾ ڇپيو. مغل جو پهريون ناول ”اوڙاهہ“ 1994ع ۾ ڇپيو. ”دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ“ سندس ٻيو ناول هو. جنهن کي سنڌي ادبي سنگت سنڌ، 1996ع سال جو بهترين ناول قرار ڏنو هو. انهيءَ کان اڳ، 1995ع ۾ مغل، پنجابي ليکڪ ”فخر زمان“ جي ناول ”بنديوان“ کي بہ ترجمو ڪيو آهي جيڪو ”قيدي“ جي نالي سان ڇپيو. هيءُ ناول ”مون کي ساهہ کڻڻ ڏيو“ مغل جو ٽيون ناول آهي.

غلام نبي مغل، حيدرآباد سنڌ ۾ رهي ٿو.

'And God said, let us make man in our image, after our likeness... And the rib which the Lord God had taken from man, he made a woman...' (1:26-2:22) - Genesis - Bible

# مونکي ساھ ڪٽڻ ڏيو

(ناول)


غلام نبي مغل



نيو فيلڊس پبلڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
2001ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ چاليهه

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

پهريون ايڊيشن: فيبروري 2001ع

**قيمت** [redacted] روپيا

NEW FIELDS 200 HYDERABAD

(سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ جا قائم)

---

MOONKHEY SAAH KHANAN DIYO (Novel). By GHULAM NABI MUGHAL. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition February 2001.
Price Per Copy:
Book No. 240

---

هن ناول ۾ جيڪي به ڪردار ۽ واقعا آيل آهن سي جيتوڻيڪ ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا ڳالهين سان وابسته ناهن پر اهڙا ڪردار ۽ واقعا سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام جام آهن. انهيءَ لاءِ ليکڪ جي ذميداري محدود آهي.

هيءُ ناول

آءُ

## سراج ۽ آغا سليم

جي نالي ارپيان ٿو-

- جن سنڌيءَ زبان ۾ جديد ناول جي پيڙهه رکي ۽ ليڪن جي اُسرندڙ نسل کي سنڌي روايتي ڪهاڻيءَ جي ڪُنَ مان ڪڍي موضوع جي وسعت ۽ ڦهلاءُ ڏانهن موڙيو- ماڻهوءَ جي جذبن ۽ سنڌ جي اڻ-ڪٽ ماضي، حال ۽ اڻانگي مستقبل جي ڪهاڻين لاءِ وڏي ۽ ڦهليل ڪئنواس جي ضرورت آهي- جنهن لاءِ ناول ئي ٺهي اچي ٿو.

- غلام نبي مغل

'I am poet of the woman
the same as the man,

And I say it is as great to be
a woman as to be a man.

And I say there is nothing
greater than the mother of man.'

- Walt Whitman

- Songs of Myself- 1855

(ناول)

# مونکي ساھہ کٹڻ ڏيو

# ... پنهنجي پاران

ڏسڻ ۾ هيءَ هڪ ننڍڙي ڪهاڻي آهي تہ مڙس پنهنجي زال کي ڪات سان ڪاسائين وانگر ڪُٺو. پاءُ پنهنجي پيڻ کي ڪلاشنڪوف جي برسٽ سان رت ۾ ريٽو ڪيو. سبب؟ سبب اهوئي تہ "ڪارو- ڪاري". غيرت يا انگريزيءَ ۾ Honour Killing. ناول جي انهن سمورن واقعن کي هڪ دانشور يا ڪهاڻيڪار بہ ڏسي پيو جنهن جي هڪ تنگ ۾ فريڪچر آهي ۽ هُو چڱي ريت هلي ڦري نٿو سگهي پر چڱيءَ ريت سوچي سمجهي سگهي ٿو. دانشور يا ڪهاڻيڪار انهن واقعن کي عام نٿو سمجهي پر سندس ذهن ۾ اهو اثر ضرور جنم وٺي ٿو تہ عورت کي ايئن مارڻ صحيح ناهي ۽ اِهو باربيرين يا وحشي جيوت جو حصو آهي. پر جڏهن تاريخ ۾ يا ان کان بہ قديم وقتن ۾ ڏسجي ٿو تہ عورت جي غلط ڪاريءَ جي سزا هميشہ موت ئي رهي آهي. مذهبي ڪتابن، قانون جا ماهر ۽ آسماني احڪام بہ عورت جي "اهڙن" ڪمن لاءِ نهايت اُگري سزا مقرر ڪئي آهي ۽ مرد کي انهيءَ سلسلي ۾ آزادي مليل آهي تہ هو پنهنجي زال يا پيڻ يا... کي رت ۾ ڳاڙهو ڪري پاڻ کي سُرخرو ڪري. لڳي ايئن ٿو تہ جڏهن خدا عورت تي ڏمريو ۽ نافرمانيءَ جي سزا ۾ مرد کي بہ جنت مان نيڪالي ملي- اُن وقت کان عورت ظلم جو شڪار رهي آهي. غلط ۽ ذليل ڪمن ۾ لاڳيتو رذل نظر آئي آهي. لفظ ڪسب جي معنيٰ ڪم جي آهي. جيڪڏهن مرد ڪو ڪسب ڪري تہ ڪاسبي سڏجي پر عورت ڪسب ڪري تہ ڪسبياڻي يعني طوائف سڏجي. انهيءَ ڪري "عورت جي ڪم ڪرڻ کي" دنيا جو قديم ترين ڌنڌو سڏيو ويو آهي. بادشاهن ۽ شهنشاهن کان وٺي هيٺين درجي جي مردن، عورت کي، قديم دؤر کان وٺي ذليل ڪيو آهي ۽ نهايت گهٽ ڪري ڄاتو آهي. ارسطوءَ

جهڙي فيلسوف استاد پڻ عورت کي ٻي سمجهه سڏيو آهي ۽ انسان جي بگڙيل شڪل سڏيو اٿس ۽ عورت جو آڇپو، ڪيس، انهيءَ ۾ ئي لڳو آهي تہ هُو مرد جي خدمتگار ٿي رهي.

جيڪو هزارين سال وهيو واپريو آهي، اصل ۾ ايئن نہ آهي. هن موجوده دؤر جو انسان (مرد ۽ عورت) وڌيڪ ذهين آهي. هڪ ٻئي جا حق سڃاڻين پيا ۽ زندگيءَ جا اصول ڦيرو ڪائن پيا. ويهين صديءَ ۾ اسان گهٽو ڪجهہ ڏٺو آهي ۽ ايڪويهہ صديءَ ۾ تمام گهڻي اميد آهي تہ سونا ڪي ياءُ رائفل جون گوليون نہ هٽندو ۽ سونا جي ماءُ کي، پيءُ ڪات سان ڳيا نہ ڪندو- ۽ نڪي وڏيرو، زور تي، "ڪاري" ٿيل عورت جي دلالي ڪندو ۽ نہ ڪي ياڻ، پٽس يا ٻيا ڪاري ٿيل، ٻي واهي عورت کي صرف "ساهہ کڻڻ" جي مهلت ڏيئي، اُن جي جسم ۾ مَنَ گندي پاٽيات جا ڀري ڇڏيندا. ڪمزور جاندار- سازش، دولاب ۽ ويڙهہ جا اڻ-سڌا طريقائي اختيار ڪري سگهي ٿو. عورت بہ تاريخ جي طويل عرصي ۾ ضرور ايئن ڪيو آهي، جنهن کي شهزور مرد، ديوتا ۽ مرد جا ئي ٺاهيل خدا ۽ قانون برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ عورت کي ذليل ٿيڻو پيو ۽ تاريخ جي هر دڳ تي پنهنجو رت هارڻو پيو ۽ "ٻئي نمبر" جي انسان جي صورت اختيار ڪرڻي پئي.

هاڻ عقل ۽ شعور جو زمانو آهي. عقلمندن ۽ دانشورن کي هڪجهڙي نظر سان عورت کي ڏسڻ کپي ۽ عورت کي پيار، تحفظ ۽ عزت ڏيئي پاڻ جهڙو ڪري دنيا ۾ هلڻ جو حق ڏيڻ کپي. حق ڪير ڏيندو؟ عقل وارا مردا! جن جي ذهن ۾ عقل ۽ دانش آهي.

قدرت وٽ شايد عورت جي آڇپي لاءِ ڪابہ گنجائش نہ آهي. انهيءَ ڪري مون کي انسان ذات ۾ وڏي اميد آهي.

**غلام نبي مغل**
B-20، پرنس ڪامپليڪس،
ڪلفٽن برج، ڪراچي.

[1]

رات جو دير سان بي بي سي ۽ سي اين اين تيليويزن تان موسم جي باري ۾ نشر ٿيل خبرن ۾ ٻڌايو ويو تہ سائڪلون- هڪ قسم جو سامونڊي طوفان، سنڌ جي سامونڊي ڪناري کان ساڍا ڇهہ سؤ ڪلو ميٽر پري ڏکڻ طرف، هندستاني سامونڊي ڪنارن ڏانهن وڌي رهيو آهي ۽ سنڌ جا اُهي سامونڊي علائقا جيڪي ضلعي ٺٽي، ٿر ۽ بدين منجهہ آهن سي ڪجهہ اثر هيٺ ايندا پر سنڌ جو شهر ڪراچي گهٽي اثر کان محفوظ رهندو.

آءٌ ڇهن مهينن کان ڪراچيءَ ۾ ئي رهان ٿو. ڄامشوري وٽ هڪ حادثي ۾ منهنجي ساڄي ٽنگ ۾ گوڏي جي ڍڪڻيءَ کان هيٺ فريڪچر ٿي پيو. حيدرآباد ۾ گرميءَ جي ڪري آءٌ ڪراچي هليو آيس. سنڌ ۾ ڄامشورو اسان لاءِ برمودا ٽرائينگل (Bermuda Triangle) وانگر آهي. ڏکڻ ۽ اتر آمريڪا جي وچ ۾ فلوريڊا، ڪيوبا ۽ بهاماس جي ساحلي علائقن وٽ هڪ سامونڊي ٽڪنڊو

علائقو آهي جنهن ۾ پُراسرار نموني، ساموندي ۽ هوائي جهاز، حادثن ۾ گم ٿي وڃن ٿا ۽ انهن جو ڪو ڏس پتو ڪونہ ٿو ملي. انهيءَ ساموندي ٽڪنڊي علائقي کي برمودا ٽرائينگل چوندا آهن. ايئن ئي سنڌو درياھہ جي ڪناري، حيدرآباد جي ٽڏين ساموندي هوائن ۽ دادو ضلعي جي گرم جابلو علائقي جي شروعات ۾، لاهين ۽ چاڙهين ۾ ناهيل اعليٰ تعليمي ادارن ۾ سنڌ جا نوجوان بہ گم ٿي ويندا آهن. ڄامشورو سنڌ جي جابلو علائقن جي ڏيڻ آهي جيڪا هر سال الائي ڪيترن نوجوانن کي ذهني ۽ بدني طور تي مفلوج ڪري ڇڏي ٿي ۽ پوءِ اُهي آسيب زده نوجوان، تعليم ۽ تهذيب حاصل ڪرڻ بدران Werewolf وانگر نڪري ٻاهر ايندا آهن. بگهڙن وانگر آزاد گهمندا آهن. ڇڙواڳ! ڪيترائي ريموٽ ڪنٽرول جي نيٽ ورڪ ۾ ڦٽل هوندا آهن. تمام ٿورڙا نوجوان انهي ٽڪنڊي جي چار منجهان ڇٽي ٻاهر نڪري سگهندا آهن- صحيح ۽ سلامت!

آءٌ رات جو دير سان سمهندو آهيان. پڙهندو آهيان. سيٽلائيٽ جي ٽي وي چئنلس جا پروگرام ڏسندو آهيان. وي سي آر تي فلمون ڏسندو آهيان ۽ پوءِ ٻين دوائن سان گڏ سڪون سان ننڊ ڪرائڻ واري هڪ گوري کائي ڇڏيندو آهيان. انهيءَ ڪري صبح جو ڪڏهن دير سان ڪڏهن سوير اٿندو آهيان. منهنجي پنهنجي ڪٽنب جا سڀ ڀاتي حيدرآباد ۾ ئي رهن ٿا. هت ڪراچيءَ ۾ مون سان گڏ هڪ منهنجي زال، هڪ پٽ ۽ هڪ نوڪر رهي ٿو. ڪلفٽن واري علائقي ۾ هڪ اٺ نوَ ماڙ پلازه ۾ ٽئين ماڙ تي رهندو آهيان. فليٽ ويسٽ اوپن آهي ۽ پريان سمنڊ بہ نظر ايندو آهي.

رات جا ٻارهن ٿيڻ وارا هئا. منهنجي زال مسماة بدرالنساء، نوڪر جي سڄي ڏينهن جي ڪارڪردگيءَ ڪي تنقيدي نظر سان ڏسي، مون وٽ آئي.

” هاڻ ڪير ڪٽي اچان ٿي. مون کي ننڊ اچي پئي. هو ڇورو

نوڪر ويچارو بہ سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان کان ساٿو ٿي پيو آهي.“

مون ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي ۽ پن ٽن منٽن کان پوءِ کير جو گلاس، گرم، دونهان نڪرندڙ، منهنجي پرسان رکيل هو. منهنجيون نظرون سامهون ٽي ويءَ ۾ کُتل هيون.

”اها ٽي وي سڄي دنيا کان چڱي آهي.“ بدر چيو. ”پئي ڪنهن ڏانهن منهن ئي نٿا ڪريو.“

”تون واندي ٿي آ ۽ ويچاري ڇوري نوڪر کي ڊيوٽيءَ تان لاهي هتيڪو ڪري اچ تہ پوءِ پڏايان تہ ٽي ويءَ ۾ ڇا پيو هلي.“ مون آهستي سان چيو.

”طوفان واقعي ڪراچيءَ ڏانهن اچي پيو ڇا؟“ بدر رڙ ڪئي.

”آءُ تہ صبح جو حيدرآباد هلي وينديس.“

”نہ، ڪو نہ ٿو اچي طوفان.“

بدر وڏيڪ ڪونہ ڳالهايو ۽ ڪمري منجهان ٻاهر نڪري ويئي. نوڪر کي ٻاهر ڪڍي سندس ننڍي ڪمري ڏانهن وڃڻ جي هدايت ڪيائين ۽ دروازو ۽ دريون وغيره بند ڪري، آجي ٿي اچي منهنجي پرسان پلنگ تي ويٺي. پلنگ منجهان احتجاج طور رڙ نڪتي.

”هي مئو سدائين پيو ڪنجهندو.“ بدر پلنگ لاءِ چيو.

”پلنگ آهي مُڙس ڪونهي جو سُور پِي وڃي ۽ وزن سهي وڃي.“ مون ٽي وي اسڪرين تان اکين کڻڻ کان سواءِ چيو.

بدر کي اها ڳالهہ وڻي ۽ چتائي مون ڏانهن ڏٺائين. وري مُرڪڻ لڳي.

”اِهي اکيون اجا گليل آهن.“ مون ڪيس ڏسندي چيو تہ پل خوش ٿئي.

”ڪالهہ تير ڪمان هيون اج گليل آهن. سڀاڻي بيٽ بال ٿي ويندي يون.“ بدر ٽي وي ڏانهن ڏسندي چيو.

”تون جيئن جسم تي چربيءَ جا تهہ چاڙهيندي ٿي وڃين تيئن

بدذوق بہ ٿينديون وڃين. هونئن بہ شاعر چئي ويا آهن تنهنجين اکين کان سواءِ دنيا ۾ رکيو ڇا آهي...."

"اوهان رومانوي مرد اکين ۾ ئي اٽڪيا رهندا آهيو. اکين کان سواءِ بہ هيٺ گهڻو ڪجهه آهي."

"اوهان زالن، بدن جي بينڪ ۾ اجايون ڊپازٽس ڪيون آهن جيڪي اڳتي هلي سَنڌَن جي سور، هاءِ بلڊ پريشر ۽ ٻين آزارن ۾ تبديل ٿي وينديون آهن. هيءَ فلم ڏس جيڪا منهنجي ڄمر کان بہ ڏهه سال اڳ ٺهي آهي."

بدر ٽي وي ڏانهن منهن ڪيو.

"هيءَ فلم Gone with the Wind آهي. جنهن ۾ پنهنجي دؤر جي خوبصورت اداڪارا وي وي ئين لي (Vivian Liegh) ۽ پنهنجي دؤر جو سهڻو نوجوان، هيرو ڪلارڪ گيبل هو. هيءَ فلم پهرين (1936-37ع) ۾ ٺهي هئي ۽ آمريڪا جي سول وار متعلق آهي جنهن ۾ ڪارن جي غلامي ختم ڪرڻ جو ٻڻ وڏو مسئلو هو. اها سِول وار آمريڪا ۾ 1862-63ع ۾ لڳي هئي. ساڳي فلم ففٽيز ۽ سڪسٽيز ۾ ٻيهر ٺهي هئي پر پٺي ٻيرا اها فلم ڪلاسيڪ ۾ شمار ٿئي ٿي."

"فلم جي هيروئن ۽ اسان جي عورتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟" بدر سوال ڪيو. "ڇا تنهنجي انهيءَ خوبصورت وي وي ئين لِي ۾ لڳل عضوا نئين نموني جا آهن يا انهيءَ رن جي مائٽن آرڊر تي ٺهرايا هئا. سامان سڀ ساڳيا آهن. قدرت وٽ انصاف آهي. رڳو اوهان مردن جي نظرن جو ڦير آهي. ڀلا اوهان جي انهيءَ سهڻي نوجوان هيرو ڪلارڪ گيبل متعلق ڪهڙا خيال آهن؟" بدر جو لهجو ڏکيو ۽ تيز هو.

مون کلي ڏنو. "ڪلارڪ گيبل پنهنجي دؤر جو مشهور ليڊي ڪلر هو ۽ ڪِس ڪرڻ جو وڏو ماهر هو."

بدر کلي ڏنو ۽ طنز طور چيائين: "هرڪو مرد پنهنجي دؤر جو ليڊي ڪلر هوندو آهي. ڪنهن نہ ڪنهن ويچاري ليڊيءَ کي

Kill ٿيٽو ئي پوندو آهي. اها قدرتي ڳالهہ آهي. ڏاڏو آدم بہ پنهنجي دؤر جو ليڊي ڪلر هو. ضرور ڏاڏِي حوا کي چميون بہ ڏيندو هوندو. اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي. ڪتا ٻلا شينهن گڏهہ بہ ايئن ئي ڪندا آهن. قدرت جو قانون هڪڙو آهي."

"تنهنجي Observation ڏاڍي تيز آهي." مون چيو. "پر ڏس تہ 1936ع ۾ ٺهندڙ فلم جيڪا آمريڪا جي 63-1862ع جي زماني کي ٿي پيش ڪري تنهن ۾ دائي، ويم کان پوءِ جڏهن عورت جي چيلهہ ماپي ٿي تہ چويس ٿي تہ 28 انچ ٿي پئي آهي. اها نيڪ ناهي. ڪجهہ انچ گهٽ ڪريو- ۽ هٽ اسان وٽ زالون ڪايو پيئو دشمن داغ ٿيو پيون گهمن. پاڪر ۾ نٿيون اچن. چاليهہ پنجيتاليهہ انچ تہ ضرور هوندي ڪمر. ڪمر نہ پر ڪمرو ٿي پوي ٿو."

"اوهان پاڪر جي ڳالهہ تا ڪريو! ڏاڍا پاڪر پايو ويٺا؟" بدر مُرڪندي چيو.

"آخري پاڪر مون کي بہ ياد ڪونهي. ترنڪولائزرس يادگيري گهٽ ڪري ڇڏي آهي." مون چيو. "پر گذريل ڇهن مهينن کان تنگ کي پلاستر چڙهيل آهي. هلي بہ نٿو سگهان. انهيءَ ڪري پاڪر پائڻ منهنجي وس ۾ نہ رهيو آهي."

"اوهان کي پنهنجي زال کي پاڪر پائڻ بہ وسري ويو آهي جو يادگيري گهٽ ٿيندي وڃي پر 1936ع ۾ آمريڪن ايڪٽريس ويويئن لِي جي چيلهہ جي ماپ ڇا هئي سا ياد اٿو. اوهين مرد عجيب آهيو. هڪ عورت سان نڪاح، ٻيءَ سان عشق، ٽينءَ سان پيار شروع ٿيڻ تي ۽ چوٿينءَ ۾ اکيون. اوهان جي جنس ۾ تهذيب جي گهٽتائي آهي. عورت جي معاملي ۾ Civilise نہ آهيو."

"تقرير ڪرڻ جو موڊ آهي ڇا؟" مون ڪير جو گلاس ڪنيو، "اسان مرد Humane آهيون."

"تقرير جي ڳالهہ ناهي. ماڻهوءَ کي ڪاوڙ اچي يا نہ؟ اها مئي فلم ايڪٽريس ويويئن لي 1996ع ۾ ڇهاسي سالن جي ٿي گذاري

بہ ويئي ۽ اوهان اجا بہ پيا رَنَ جي 1936ع واري چيلهہ جي ساراهہ ڪريو. رن جا هڏا بہ ڳري ويا هوندا ۽ ماس بہ سڙي ويو هوندو."

"مون نندي هوندي پڙهيو هو، اي ٿنگ آف بيوٽي از جواءِ فار اِيور. الله تبارڪ تعاليٰ ڪي عورتون پاڻ پنهنجن هٿن سان ٺاهيندو آهي." مون چيو.

"ڪفر ٿا بڪو...."

"ويويئن لي، مارلين منرو، گريس ڪيلي، ايواگارڊنر، مدهو بالا، نرگس، نسيم، اليزبيٿ ٽيلر، پرنسس ڊائنا، پرنسس ثريا، فرح ديبا، لانا ٽرنر، ماڌوري، ايشوريا راءِ، بينا راءِ، بابا جي زماني جي مائي خيري شيدياڻي، ڪاري پيءُ ۽ اڇي ماءُ جي ڄائٽي ڏيءَ ميريئا ڪيري، ماڊل نومي ڪئمپبل- اهي سڀ يا تہ الله سائين پاڻ ٺاهيون يا گذريل پنجاهہ سٺ ستر سالن ۾ پنهنجي نگراني هيٺ تيار ڪرايون هونديون.... ۽ هُو پنهنجي ڪاريگريءَ تي ناز بہ ڪندو هوندو."

"اوهان وٽ ڪو ثبوت آهي تہ الله تعاليٰ پاڻ ٺاهيون هيون ۽ ڇو؟" بدر پڇيو.

"الله، لم يلد ولم يولد آهي. نہ ڪيس ڪنهن ڄڻيو آهي ۽ نہ ڪي هن ڪنهن کي ڄڻيو آهي. پر الله جو تصور مذڪر جو آهي. مونث ناهي. مذڪر کي سونهن پسند آهي ۽ اُهو مذڪر يا نر کهڙي بہ صورت ۽ Form ۾ هجي. جنت ۾ حورن جي مشابهت بہ سهڻين عورتن جي آهي جيڪي اڳواٽ ڪنهن جون ڇُهيل نہ هونديون ۽ مومن يا نيڪ مرد جيڪي چڱن اعمالن ۾ فرسٽ ڊويزن هولڊرس هوندا تن کي جنت ۾ ٻين نعمتن سان گڏ الاٽمنٽ ۾ ملنديون."

"اڄ توهان کي وري عورتن جو ڏؤرو پيو آهي. آءُ ڀانيان ٿي تہ هي ٿنگ ۾ فريڪچر بہ ڪنهن رن پنيان ڊوڙيا آهيو يا بالڪوني وغيره مان ٽپ ڏنو اٿوَ. تڏهن ٿيو آهي...."

”رنن جي پنيان ڊوڙڻ وارا ڏينهن گذري ويا.“ ٽتو ساهہ پريم.

”هاڻ پاڻ اچن ٿيون ۽ فيضياب ٿيو وڃن.“ بدر ڪاوڙ منجهان چيو. ”اوهان مرد ڪهڙي قسم جا آهيو.“

”اسين مرد لنگها آهيون ڀاڄڻ جا ئي نہ آهيون. شرنائي ۽ دهل پيا وڄائيندا اسين ۽ گهور پيا ميڙيندا اسين. اسان ملنگن جو استاد مرزا غالب چئي ويو آهي تہ خاڪ ۾ موت ڪان پوءِ هزارين لکين چهرا ۽ جسم دفن ٿين ٿا پر ڪجهہ حسين چهرن ۽ سهڻن جسمن منجهان گل ڦٽي نڪرندا آهن ۽ سرهاڻ ڦهلائيندا آهن.“

”اوهان کي تقرير ڪرڻ جو شوق آهي. انهن اجاين ڳالهين کي ڇڏيو ۽ منهنجي بہ ٻڌو.“

مون فريڪچرڊ ٽنگ سولي ڪري سامهون پيل ٽيبل تي ڊگهي ڪئي ۽ چيو:

”نوڪرن، ڪاڪروچ، ڊيڊ ٽيليفون، ٽماٽن جو ڪلو اسي رپيا، تازي ڪيل ايٽمي ڌماڪي، ساموندي طوفان ڪان سواءِ ٻي هرڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان. اج سئٽرڊي نائٽ آهي، سامهون چوڌرف بتيون ۽ ڪارون نظر اچن پيون. ڪارن ۾ ضرور زال مڙس يا عورت مرد يا ڇوڪرا ڇوڪريون هوندا. سپ سمنڊ جي ۽ غازي عبدالله شاهہ جي ديدار ڪان پوءِ چکن تڪا، ششليڪ، چائنيز ڊشز کائي واپس پنهنجن پنهنجن بيڊرومس ڏانهن وڃي رهيا آهن. هڪ آءٌ آهيان جو ٽنگ ڀڃايو ويٺو آهيان ۽ ٻيو تون ڪجهہ وڏيڪ غير رومانٽڪ، Stale ۽ Stereo type ٿيندي پئي وڃين.“

بدر جو موڊ خراب ٿي ويو.

”هيءَ عمر آهي جو هردم آءٌ رومانٽڪ ٿيو پئي گهمان.“

”تنهنجي عمر وڏي ناهي. 1953ع ۾ تون ڄائين هئين. بينظير ڀٽو 1953ع ۾ ڄائي هئي. وزيراعظم نواز شريف 1953ع ۾ ڄائو هو. مهاجر قومي موومينٽ جو ليڊر الطاف حسين 1953ع ۾ ڄائو هو. سپ جوان آهن.“

بدر جو موڊ ٺيڪ ٿيڻ لڳو.

”خير اوهان ٿورڙو ’بريڪ‘ ڪيو ته آءٌ به ڪجهه ڳالهايان!“

”حڪم. ڳرو هو جا شروع!“

”بي ڳالهه ناهي مون سونا جي ڳالهه ڪئي پئي....“

مون وچ مان ڪٽيو: ”اوهه سونا- ويري پريٽي اينڊ سوئيٽ گرل. آءِ لَوَ هر. وچ ۾ ڳالهايان ٿو. انهيءَ جي معافي پر ڪجهه عورتن سان رڳو پيار ڪبو آهي. عام رواجي. ڪجهه عورتن سان محبت ڪبي آهي پر ڪجهه عورتون عشق ڪرڻ جي قابل هونديون آهن. سونا به انهن عورتن منجهان آهي جنهن سان عشق ڪجي. هوءَ عشق، پيار ۽ چاهت، پرستش ۽ پنهنجائپ جو معراج آهي. سندس گهر وارو محمد علي انهن چند خوش نصيبن منجهان آهي جن کي سونا جهڙي عورت چاهيندي آهي محبت ڪندي ۽ عشق ڪندي آهي.“

”پنهنجو ڀلا پيار هو، محبت هئي يا عشق؟“ بدر سوال ڪيو.

”پاڻ يار شروعات ته عشق سان ڪئيسين. پر گهر جي صفائي، ٻارن جي گهٽائي، صفائي ڪرڻ وارين ماسين ۽ ڪچن ۾ ڪم ڪندڙ نوڪرن جي بيوفائي ۽ سندن Non availability، مهانگائي، سَنڌَن جي سور ۽ بلڊ پريشر- پنهنجي عشق جا لاهه ڪڍي ڇڏيا. اسان شريف مڙس، گهر ۾ رومانٽڪ ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ جون ڪوششون ڪندا آهيون پر نوڪر جي ڀڄي وڃڻ جي Depression سڀ ڪم خراب ڪري ڇڏيندي آهي ۽ توهان زالون Romantic ٿيڻ لاءِ نابري واري ويهنديون آهيو.“

”سونا به پنهنجي مڙس سان سمنڊ ڏانهن ويل آهي.“

”ننڍڙي مومل به گڏ اٿن؟“ مون پڇيو.

”نه انهيءَ کي پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر ڇڏي ويئي آهي؛ جنهن جي ڌيءَ مومل جي ڪلاس ميٽ آهي.“

”اهو صحيح طريقو آهي.“ مون چيو. ”مرد ۽ عورت کي

هميشه اڪيلو گهمڻ گهرجي- خاص ڪري سئٽرڊي نائٽ ۽ سو به سمنڊ جي ڪناري تي. بدر تون غور ڪر. هڪ ڀهراڙيءَ جي ڇوڪري آهي سونا. سندس اکيون خوابن سان ڀريل آهن. پيار سان ڀريل آهن. هوءَ پنهنجي مڙس محمد عليءَ سان عشق ڪري ٿي.“

”سڀ زالون پنهنجي مڙسن سان پيار ڪنديون آهن.“ بدر چيو. ”انهيءَ ۾ نئين ڳالهه ڪهڙي آهي.“

”نه ايئن ناهي.“ مون چيو. ”گذريل ٽن چئن مهينن ۾ سونا مون سان گهٽو ڳالهايو آهي. عجيب ڇوڪري آهي. هوءَ عام ڇوڪرين يا زالن وانگر ناهي. هوءَ ڏس، موڪل واري رات، سئٽرڊي نائٽ جو پنهنجي انن سالن جي ڌيءَ کي به پنهنجي مرد سان شيئر ڪرڻ نٿي ڏي. مومل کي به پنهنجي ڪلاس ميٽ جي گهر ڇڏي اچي ٿي. ڪيس ڪارٽون ۽ والٽ ڊزنيءَ جي ڪا ڪئيسٽ به وٺي ڏيندي آهي. پر هوءَ پنهنجيون گهڙيون ۽ پنهنجو وقت جيڪو هوءَ محمد عليءَ سان گڏ هئڻ چاهيندي آهي اُن ۾ ڪنهن ٽئين شخص کي، ڀوءِ ڀل اُها سندن پياري معصوم ڌيءَ مومل ئي ڇو نه هجي؛ موجود ڏسڻ نٿي چاهي. هوءَ هفتي ۾ ٻه ٽي ڀيرا مون وٽ ايندي آهي ۽ ٻه ٻه ٽي ٽي ڪلاڪ ڪچهري ڪندي آهي. سندس ڳالهيون لکڻ جهڙيون آهن.“

بدر کلڻ لڳي. ”سونا جون ڳالهيون واقعي لکڻ جهڙيون آهن. مون پڇيومانس ته هاڻ محمد علي کي ڪمپني طرفان آلٽو سوزوڪي ڪار مليل آهي ۽ تون شام جو ڀوءِ به محمد علي سان موٽر سائيڪل تي ٻاهر ويندي آهين. کلي مون کي راز جي ڳالهه ٻڌايائين ته آنٽي ٻهرين مان به الله کان دعا گهرندي هيس ته اسان کي ڪار ڏي. موٽر سائيڪل تي وار به خراب ٿيو پون ۽ مٽي به لڳي ٿي. جڏهن محمد عليءَ کي سندس ڪمپنيءَ منجهان ڪار ملي ته مان ڏاڍي خوش ٿيس ۽ سمجهيم ته رب منهنجي آس پوري ڪئي آهي. پر ڪجهه ڏينهن ڪار ۾ گهمڻ کان ڀوءِ مون محمد

علي کي صاف چيو تہ موٽر سائيڪل وڪڻڻ جي ضرورت ناهي. مان توسان گڏ ڪار ۾ نہ هلندس. مون کي ڪار ۾ بلڪل مزو نٿو اچي. ڪار ۾ ويهڻ ڪري مان توَ ۾ ۽ پنهنجو پاڻ ۾ ايڏو ويڇو ۽ فاصلو محسوس ڪندي آهيان جو ڳالهہ دل کي وڻندي ئي ناهي. باقي موٽر سائيڪل تي ويهڻ جو مزو پنهنجو آهي. اسان جا جسم هڪ ٻئي سان چنبڙيل هوندا آهن. منهنجا ٻئي هٿ آزاد هوندا آهن ڪيئن بہ ڪيس ڀاڪر پايان، سوگهو جهلي ويهان. اهو مزوئي ٻيو آهي. تيز هوا، تيز رفتار، ماٺهن جا هشام. ڏامر جي سڙڪن جا ڦيرا ۽ چلڪات، سڄي دنيا ڏسي تہ بہ ڇٽا وجن پيا. موٽر سائيڪل جو اڻ ٽڪ آواز. مان سمنڊ ڏانهن ويندي پٽيان ڇوڪرن وانگر ٻنهي پاسي ٽنگون لڙڪائي ويهندي آهيان. منهن تي گهِميل هوا، محمد عليءَ کي لڳل ڪولون جي سرهاڻ ۽ لڱن ۾ موٽر سائيڪل جي ڦٽ ڦٽ، منهنجي مُشڪ مُشڪ ڦٽڪائي ڇڏيندي آهي. انهيءَ کان علاوه سونا ٻڌايو تہ هوءَ محمد عليءَ کي ڀاڪر پائي ويهندي آهي ۽ ڪاڏي سندس ڪنڌ تي رکندي آهي. شرم ذرو ڪونهي ڇوريءَ کي. چوندي آهي محمد عليءَ کي منهنجي ڇاتين جي ماس جو ڇهاءُ پنهنجن پٺن تي ڏاڍو وڻندو آهي ۽ ڪيس محمد عليءَ کي ٻڪ وجهڻ ۽ ٻنهي ٻانهن سان قابو ڪرڻ مهل ايئن محسوس ٿيندو آهي جڻ هاڻ محمد علي مون وٽ قابو آهي. ربگو منهنجو آهي. ڇريا"

اوڏي مهل آءُ آتيس ۽ آهستي آهستي لڪڻ جي سهاري سان ڪمري منجهان نڪري بالڪوني جي ٽڏ ڪار ۾ اچي ويٺس. بدر هاڻ آهستي آهستي رومانٽڪ ٿي پئي. مون کيس ٻڌايو:

"جڏهن مرد پنهنجي عورت کي Love ۽ Protection ڀرپور طريقي سان ڏيندو آهي ۽ عورت موٽ ۾ کيس نہ ربگو پيار ڪندي آهي پر پنهنجو خدا ڪري بہ مڃيندي آهي جنهن کي پوءِ مذهبي ماڻهن Regularise ڪري مجازي خدا ڪري ڇڏيو تہ جيئن مذهب کي بہ ڪو نقصان نہ پهچي ۽ عورت جي جذبات جي ترجماني بہ ٿئي."

بدر وري ڦيرو ڪاڏو: ”سياڻي تہ خير آچر آهي. سومر ڏينهن بينڪ مان ڪجهہ پئسا گهرائجو. نوڪرن کي پگهار ڏيڻو آهي. ٽيليفون ۽ گئس جا بل بہ آيا آهن....“

”هينئر رات جا ٻارهن لڳڻ وارا آهن. سويل چنڊ سامهون نظر آيو پئي. هاڻ ڪجهہ دير اڳ پي. ايس. او جي ٽنٽينڊ گلاس واري ٻارهن ماڙ عمارت جي پٺيان هليو ويو آهي. مون کي نظر نہ پيو اچي. رڱو آسمان تي ڦهليل ڪلفتن جي روشنين ۾ چنڊ جو شعاع ملي ويو آهي ۽ اهوئي نظر اچي پيو. نوڪرن جي پگهار کي هروڀرو وچ ۾ نہ آڻ. آءٌ شام کان هن بالڪوني ۾ ويٺو آهيان. شام واري چانهہ ۽ سئنڊوچ هت کاڌم. تون ڪچن ۾ بورچيءَ جي سِرَ تي چڙهيو ويٺي هئين. مون ڊنر اڌ ڪلاڪ کن اڳ کيو آهي ڪجهہ چڪن جون ٻوٽيون، ٻہ سلائيس ۽ سنڌڙي انب جون ٻہ ڦارون. اُن کان پهرين مون وسڪيءَ جا ٽي پيگ پيتا هئا. روز ٻہ پيئندو آهيان پر اڄ ٽي پي ويس....“

”اوهان لاءِ ايتري وسڪي چڱي نہ آهي.“ بدر هميشہ وانگر نصيحت ڪئي.

”تنهنجي مهرباني. پر مون وسڪيءَ جا ٽي پيگ ڇو پيتا؟“

”انهيءَ ۾ بہ منهنجو ڏوهہ ڳوليو!“ بدر چيو.

”نہ تنهنجي مهرباني اها هئي تہ تون ٻہ اڍائي ڪلاڪ مون وٽ نہ آئينءَ....“

”آءٌ ڪچن ۾ هئس. سياڻي لاءِ ڪجهہ گوشت بوائل پئي ڪيم ۽ ڪچن جي صفائي بہ پئي ڪرايم.“

”اهو تو چڱو ڪم ڪيو. پر مون اهي ٻہ ڪلاڪ سامهون بالڪونيءَ ۾ سونا کي ويٺي ڏٺو.“

”سونا ويچاري-!“ بدر چيو. ”ڪالهہ مون کي ٻڌائي ويئي هئي تہ اڄ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻو اٿس. سڄي فليٽ جي صفائي. ٻن هفتن جا ڪپڙا ڌوئڻا اٿس، سڀ پردا لاهي، انهن کي صاف

ڪري مٽي وغيره چنڊي، پيهر هٽنڊي. بليچ وٺي ويئي هئي ۽ ٽي باٿ روم ڌوئڻا هئس. سڄي فليٽ جي فرش کي ڌوئڻو هئس. پٽين ۽ چٽين تي چميل مٽي ۽ چارا بہ لاهي صاف ڪرڻا هئس."

"اهي سڀ ڪم اڪيلي ڪندي؟" مون پڇيو.

"شابس آهي ڇوڪريءَ کي. سڀ ڪم پنهنجي سر ڪري ٿي. گهر ۾ ڪو نوڪر نہ اٿس. رڌ پچاءُ بہ پاڻ ڪري ٿي. مومل کي بہ سنڀالي. مومل کي اسڪول پيءُ ڇڏي اچي پر موڪل مهل پاڻ ميل پنڌ ڪري ويندي آهي ۽ پوءِ مومل کي رڪشا ۾ وٺي ايندي آهي. مطلب تہ سڄو ڏينهن گڏهہ وانگر پورهيو ڪندي آهي ۽ مون تہ ڏٺو آهي روز سندس اها ڪرت آهي."

"بدر تو عورت جي angle سان ڏٺو تہ هوءَ گڏهہ وانگر پورهيو ڪري ٿي ۽ روز ڪري ٿي. شام کان تون تہ ڪچن جي حوالي ٿي وئينءَ. پر مون ڪيس شام کان ڏسڻ شروع ڪيو. سندن بالڪوني ۽ پنهنجي بالڪوني آمهون سامهون آهن. بالڪوني منجهان سونا جي فليٽ جو سڄو لائونج ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ٻن ڪمرن جي درين منجهان بہ ڪجهہ نظر اچي ٿو. مون شام جو ڏٺو تہ لائونج ۾ سونا، اسٽول تي چڙهيو پردا پئي ٽنگيا. سندس سڄا لڱ پگهر ۾ شل هئا ۽ ڪپڙا چڻ بدن سان چنبڙيا پيا هئا. جنهن مهل هن پردا ٽنگيا پئي تہ سندس نظر مون تي پئي ۽ مُرڪي اشاري سان ڪيڪاريائين. پوءِ پردو ٽنگي، بالڪونيءَ ۾ آئي. سندس وار وڪريل هئا ۽ پگهر سان پريل منهن ۽ ڳچيءَ تي چنبڙيل هئا. پگهر ۾ ٻڏي پئي هئي ۽ بالڪوني ۾ بيهي هڪ عاليشان مُرڪ مون ڏانهن موڪلي ۽ هٿ جي اشاري سان پڇيائين تہ اوهان جي ٽنگ ڪيئن آهي. مون بہ کيس اشارو ڪيو تہ ٽيليفون تي ڳالهائي. تون ڪچن ۾ هئين ۽ يڪدم هوءَ بالڪونيءَ منجهان مُڙي ۽ لائونج جي ڇيڙي تي رکيل ٽيليفون ڏانهن ويئي."

"چاچا ڪهڙا حال آهن؟"

”فرسٽ ڪلاس. تون پنهنجا حال ٻڌاءِ.“

”حال اوهان پريان ڏسو پيا. سڄي پگهري پئي آهيان. باقي توهان کان بہ وڌيڪ فسڪلاس آهن.“

” ’ڇو محمد عليءَ آيو آهي ڇا؟‘

” نہ اچڻ وارو آهي. هينئر شاهہ فيصل روڊ تي ڪٿي ٽريفڪ ۾ ڦاٿل هوندو. تڏهن تہ فسڪلاس فِيل پئي ڪريان.‘

”مون ٿهڪ ڏنو ۽ چيو: ’ستين زالن کي پنهنجي وَر لاءِ ايئن ئي محسوس ڪرڻ کپي. ڀلا توکي ڪيئن خبر پئي تہ هينئر شاهہ فيصل روڊ تي ڦاٿل هوندو؟‘

”چاچا منهنجي دل ۾ دُوربين لڳل آهي اوهان يقين ڪريو جنهن وقت بہ چاهيندي آهيان تہ انهيءَ دُوربين منجهان محمد عليءَ کي ڏسي وٺندي آهيان.‘

” ڀلا ٻي ڳالهہ‘، مون چيو، ’محمد علي جي اچڻ جو وقت ٿي ويو آهي پر تون اجا اهڙا ٻچڙا حال ڪريو ويٺي آهين؟‘

”چاچا، اوهان کي تہ مان سڀ ڳالهيون ٻڌائيندي آهيان. اوهان جي مرضي ڇا آهي تہ اجا بہ وڌيڪ سڀ ڳالهيون اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان.‘

مون وڏو ٿهڪ ڏنو. ’سونا طبيب ۽ رائٽر کان ڪا ڳالهہ نہ لڪائبي آهي. آءٌ تہ توتي کهاڻي لکڻ چاهيان ٿو.‘

’ڀوءِ لکو نہ- مون تہ اوهان کي پنهنجيون سموريون ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون آهن. منهنجي ڪهاڻيءَ جو نالو رکجو سونا چوي ٿي.... هاڻ هڪ ٻي ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏيو. مون سڄو ڏينهن گهر جو ڪم ڪيو آهي. بالٽي پگهر جي نڪتي آهي منهنجي لڱن منجهان. اجا بہ سڄو بدن پسيل آهي. مان غسلخاني ۾ تڏهن ويندي جڏهن محمد علي ايندو ۽ مون کي پگهريل ڏسندو. محمد علي کي منهنجو پگهر ڏاڍو وڻندو آهي. انهيءَ ڪري مان بہ تيسين ايئن ئي پئي هيڏانهن هوڏانهن لامارا ڏيندس جيسين منهنجو سائين اچي.

انڪل اهو ضرور منهنجي ڪهاڻيءَ ۾ لکجو. سونا چوي ٿي... اهوئي نالو رکجو."

"سونا محمد علي کي تنهنجو پگهر وٽي يا نہ وٽي. پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ هو توکي پيار ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هن کي انهيءَ هر شيءِ ۽ ڳالهہ سان پيار هوندو جنهن سان تنهنجو نالو لاڳاپيل هوندو. ڪيس شاهہ فيصل روڊ سان بہ پيار هوندو.'

"پيار صرف مون سان هجي باقي ٻي سڀ اجائي ڳالهہ آهي.'

" 'مجنون کي تہ ليليٰ جي ڪتي سان بہ پيار هو....' "

"انڪل مجنون جهڙن بيڪار عاشقن تہ خانو خراب ڪيو عشق جو. عشق ۾ ويچارڳي ڇا جي؟'

"چري- ايتري چري بہ نہ ٿي. زندگيءَ ۾ ڪجهہ وقت جي ديوانگيءَ کان پوءِ سياڻپ ۽ عقل جي واٽ وٺي، پيار محبت جا رستا اورانگهيا آهن.'

"چاچا مون اوهان سان پنهنجا سڀ حال اوريا آهن. اوهان اجا بہ مون کي سمجهي نہ سگهيا آهيو. سونا چوي ٿي اوهين رائٽر کهڙي قسم جا آهيو؟" سونا ٺهڪ ڏيڻ لڳي. "چڱو مان فون بند ڪريان ٿي هيٺ ڪمپائونڊ ۾ محمد علي پهچي ويو آهي؟"

"چري توکي ڪيئن خبر پئي...؟"

"اوهان شايد گاڏيءَ جو هارن نہ ٻڌو- ٻي ڳالهہ تہ مون دل جي دُوربين بہ تہ استعمال ڪئي آهي. مان رات جو دير سان اوهان سان ڳالهائيندس.'

" 'هڪ ڏيڍ بجي...' سونا ٺهڪ ڏنو.

"سونا رسيوَر رکي ڇڏيو."

بدر ٿوري دير خاموش رهي ۽ پوءِ چيائين: "سونا جهڙيون ڇوڪريون پيار ڪرڻ مهل عقل کي وساري ڇڏينديون آهن. ڪين

پنهنجي مرد کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ياد نہ هوندو آهي. پر ڪمال جي ڳالهہ آهي تہ محمد علي هوندي آهي سادو ماٺهو پر سونا کي ڏاڍو پيار ڪري ٿو."

"مرد پنهنجين زالن کي ضرور پيار ڪندا آهن. دنيا ۾ اهو مرد ئي پهرين مخلوق هئي جنهن الله سائين آڏو احتجاج بلند ڪيو ۽ اسٽرائيڪ جي ڌمڪي ڏني. الله سائين احتجاج ۽ اسٽرائيڪ جي ڌمڪيءَ جو سبب پڇيو. مرد جواب ڏنو تہ مون کي عبادت ۽ پيار ڪرڻو آهي. عبادت لاءِ تہ تنهنجي ذات موجود آهي پر پيار ڪرڻ لاءِ مون وٽ ڪو ذريعو يا Medium ناهي. عبادت جو توازن ئي تڏهن برقرار رهي سگهندو جڏهن انسان کي پيار جي اظهار لاءِ بہ ڪو ذريعو موجود هجي. الله سائين ڳالهہ سمجهي ويو ۽ انسان جي پاسراٽيءَ منجهان، مرد جي پيار ۾ بدل عورت کي تخليق ڪيائين." مون چيو.

"معنيٰ اسين عورتون اوهان مردن جي فرمائش تي تخليق ڪيون ويون آهن." بدر چيو.

"Exactly ايئن ئي آهي. مرد جي فرمائش صرف پيار ۽ محبت جي لاءِ هئي. هي ڪوڙ، دولاب، نٻگي، بيوفائي ۽ فساد، مرد جي عبادت ۽ محبت جا Side effects آهن. محبت يا عبادت ۽ پيار ۾ ٿورڙي بہ هيراڦيري شامل ٿي اُت اِهي سائيڊ افيڪٽ پيدا ٿين ٿا ۽ دنيا ۾ فساد جو ڪارڻ بنجن ٿا."

"عبادت ۽ پيار تہ ڪائناتي ۽ لازوال جذبا آهن. پر اوهان تہ عبادت ۽ پيار کي Anti-Biotic دوائن جي لسٽ ۾ شمار ڪري ڇڏيو آهي." بدر چيو.

"ڇري عبادت ۽ پيار بہ جسم ۽ ساچاهہ لاءِ Anti-Biotic دوائن وانگر اثر انداز ٿيندا آهن.

"اوهان ليڪ منجهان ڊاڪٽر ٿيندا پيا وڃو...؟"

مون ڪلي ڏنو.

”مون کي تہ ننڊ پئي اچي.“ بدر اوٻاسي ڏني. ”ٿڪجي پيئي آهيان. آءٌ هلان ٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن. اوهان بہ اچو.“

بدر مون وٽان اُٿي ۽ لائونج ڏانهن وڃڻ لڳي. منهنجيون نظرون سامهون ڦهليل آسمان ڏانهن هيون ستارن جي روشني ايڏي چٽي نہ هئي. زمين تي وڏيڪ روشنيءَ جا اهتمام ٿيل هئا.

آءٌ اُتي ئي بالڪونيءَ ۾ ويٺو رهيس. الله بدر کي وڏي ڄمار سان گڏ سکھ ۽ سونهن بہ برقرار رکيس جو هُن منهنجي سهنج لاءِ، بالڪونيءَ ۾ ئي سمورا بندوبست ڪري ڇڏيا هئا. هوءَ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ليٽيندي هئي يا سمهندي هئي تہ سندس مرضي هوندي هئي تہ آءٌ بہ ساڻس اندر ڪمري منجھہ، سندس قيدخاني جي ڪونيءَ واري ماپ جيتري پلنگ تي گڏ هجان. منهنجي زال آزاد فضا، آسمان، سڙڪون، چنڊ ستارا، سج، مينهن ۽ ميڙ ۾ گهمڻ ڦرڻ جي بدران، اهو چاهيندي آهي تہ آءٌ ساڻس گڏ ست فوٽ ٻاءِ ڇھہ فوٽ جي ايراضي واري پلنگ تي هجان. هن کي جسماني رومانس سان گڏ اکين، اشارن ۽ ڳالهين جو رومانس بہ انهيءَ محدود ايراضيءَ ۾ پسند هو جت هوءَ ٿي چار پيرا اٿي ڏسندي آهي تہ ڪمري جو در صحيح طرح بند ٿيل بہ آهي يا نہ. هوءَ محفوظ فضا ۽ نهايت پنهنجائپ ۽ شخصي ماحول ۾ زال منجهان عورت ۽ محبوب جي روپ ۾ تبديل ٿيڻ پسند ڪندي آهي. آءٌ بدر کي ٻڌائيندو آهيان تہ سونا، انهيءَ جي برعڪس، هر هنڌ، پنهنجي محبوب لاءِ محبوب هوندي آهي ۽ اکين مان، لڱن جي لوڏ ۽ زبان سان بہ انهيءَ جو اظهار يا اُپٽار ڪندي رهندي آهي.

بدر تہ پنهنجي ڪمري ۾ ويئي هلي پر منهنجيون نظرون مٿي آسمان تي ڦهليل شعاع تي هيون. گهرن ۽ فليٽن ۽ رستن سان لڳ

دير تائين ڪلنڊڙ ريسٽورنٽس جون روشنيون ڦهليل هيون جن جي روشني اوچائيءَ ڏانهن ڦهلجنڊڙ هئي. منهنجي فليٽ جي بالڪونيءَ منجهان مين ڪلفٽن روڊ جو ڳپل حصو نظر ايندو هو. آءٌ ايئن ئي بالڪونيءَ ۾ ويٺو هئس. منهنجيون نظرون ٽي ويءَ تي ميوزڪ چئنل (ايم ٽي وي) ۾ اٽڪيل هيون. اڄ چنچر رات هئڻ ڪري موسيقيءَ جو تمام سٺو پروگرام هو. انهيءَ چئنل تي ايندڙ جيئرن جاڳندڙن ماڻهن جي ڏات، سونهن ۽ والهاني انداز جون ميخون منهنجي من ۽ ذهن ۾ کُتل هيون ۽ منهنجي تنتي سرشتي ۾ مڌ جي نشي وانگر ڦهليل احساس ۾ ويڙهيل هيون.

[2]

جنهن مرد جي جسم ۾ وسڪيءَ جو اثر هجي ۽ ذهن ۾ ائمريڪن ڳائڻي مريئا ڪيري جا لڳ، وڏين اکيون ۽ سريلي آواز جو پڙلاءُ هجي، اُن وقت آسمان تي ستارن جي روشني ۽ زمين تي ڦهليل روشن بتيون عجيب لڳنديون آهن.

اُن مهل سامهون سونا جي فليٽ جي لائونج ۾ ٽيوب لائيٽ روشن ٿي ۽ منهنجو ڌيان بہ روشنيءَ جي رفتار سان اُنهيءَ پاسي ويو. سونا کي پريان ڏٺم. پٺيان سندس مڙس محمد علي بہ فليٽ ۾ داخل ٿيو. منهنجي بالڪوني پوري طرح روشن نہ هئي. انهيءَ ڪري آءٌ شايد ڪين پوري طرح نظر نہ اچي رهيو هئس. ايتري ۾ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. مون ڪارڊ ليس رسيور کنيو.

”هيلو...“ مون آهستي پڇيو.

”اڃا جاڳو پيا...“ پئي پاسي سونا جو آواز هو. آءٌ خوش ٿي ويس. اصل ٺري پيس.

”ها سونا اڃا جاڳان پيو. مون وٽ ننڊ راڻي ڪمهلي ايندي آهي. جڳ جاڳڻ لڳندو آهي تہ مون وٽ ننڊ راڻي پوءِ خيما کوڙيندي آهي.“

”اوهان جي ننڊ راڻي، مون کي رولاڪ لڳي ٿي.“ هن هلڪو ٽهڪ ڏنو ۽ مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ فرانس جا نهيل اسٽيم گلاس (Stem glass) پاڻ ۾ ٽڪريا هجن. مون سوچيل پنهنجي تنتي

سرشتي ۾ ڦهليل هڪ مُڏ جي نشي جو ذڪر ڪيو هو سو هاڻ انهيءَ نشي ۾ پڻ نفيس اسٽيم گلاسن جي ٽڪرجڻ جو آواز بہ سموئجي ويو.

"راڻيون ۽ شهزاديون رولاڪ هجن تہ چڱو..." مون چيو.

"ڇو...؟" سونا اڻڄاڻ بنجي پڇيو.

"راڻيون رول هجن ۽ شهزادين ۾ ذوق ۽ شوق هجي تہ هن ڌرتيءَ تي پيار ۽ محبت جو جذبو وڌندو. سونا ڪڏهن واندڪائي ڪڍي هڪ پراڻي، آرڊري هيپ برن ۽ گريگوري پيڪ جي فلم A Roman Holiday ضرور ڏسجانءِ. ڀلا سمنڊ تان ٿي آيا؟"

"ها چاچا- الائي ڇو سمنڊ سارو مون کي پنهنجي وجود جو هڪ حصو لڳندو آهي. سمنڊ جي ڪناري ويهندي آهيان تہ ايئن لڳندو اٿم ڄڻ پنهنجن مائٽن جي گهر آئي آهيان. ڄڻ وطن وري آهيان. منهنجو ذهن ايترو وسيع ٿي پوندو آهي ۽ منهنجي دل ايتري ڦندڙي پوندي آهي جو مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ اهو سمنڊ منهنجي جِيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ئي سمائجي سگهجي ٿو. مون ۾ تمام وڏو خال آهي. اونهو! خير اهي ڳالهيون پوءِ ڪنديس. اوهان جاڳو پيا نہ. اسين اچون ٿا. محمد علي کي بہ اوهان سان ڳالهائڻو آهي. ٺيڪ چاچا!"

"ها بابا. اچو اڪين تي اچو. مون کي تنهنجو سدائين انتظار رهندو آهي."

سونا وري هلڪو ٽهڪ ڏنو ڄڻ چانديءَ جا ٻہ ڪڙا پاڻ ۾ ٽڪرايا. "چاچا سونا آهي ئي اهڙي جو اُن جو انتظار ڪجي." سونا آهستي سان چيو.

مون کي سونا ڏاڍي وڻندي هئي. راجندر سنگهہ بيدي 57 سالن ۾ هڪ 19 سالن جي ڇوڪريءَ سان جسماني پيار ڪيو. سندس گهر واري، جوان ٻار ۽ گهڻا دوست سڀ ناراض ٿي ويا.

گهر ۾ آزار مچي ويو. سندس پنجابي ليکڪ دوست بلونت گارگيءَ پڻ ڪيس چنڊ پتي. پر راجندر ڪيس چوکري ڏيکاري ۽ چيو تہ ”منهنجي عمر هاڻ 57 سال کن ٿي آهي ۽ سال ٻہ مونکي زندگيءَ کي پيهر گذارڻ ڏيو. آءٌ پنهنجي فئملي سان ڇڄي نہ سگهندس. پر مون کي پنهنجي حياتيءَ جون آخري ساعتون ڀرپور نموني گذارڻ ڏيو.“ راجندر جو ليکڪ دوست گارگيءَ ڳالهہ سمجهي ويو ۽ راجندر جي جسم ۽ ذهن ۾ ويٺل مرد جي مؤقف کي مڃي ۽ سمجهي، پنهنجي پاڃائي وٽ ويو ۽ چيائين تہ راجندر کي ٿورڙو وقت ڏيو تہ پنهنجي زندگي ڀاڻ گذاري. آءٌ بہ ڪنهن ڪنهن مهل جرئت ڪري پنهنجن ٻارن کي ۽ ٻدر کي چوندو آهيان تہ مون کي آزاد ڪريو. مون لاڳيتو ٽيهہ سال پنهنجي زال ۽ ٻارن لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. سڀ ڪم ڪيا آهن. نوڪري ڪئي آهي. جائز ناجائز پئسا ڪمايا اٿم. ڪوڙ ڳالهايا اٿم. گهر کان پندرهن ويهہ سال ٻاهر رهيو آهيان. هفتي پندرهين ڏينهن گهر ڏانهن ايئن ورندو هوس جيئن عبادت جو وقت ٿيو هجي.

ٻار مون کي چوندا آهن. هاڻ منهنجا ٻار وڏا ۽ ويهن پنجويهن سالن جي عمر جا آهن.

”بابا اوهان وقت ڪڍي ٻاهر گهمڻ وڃو. مهينو ڏيڍ نئين ماحول منجهان ٿي اچو.“

”اوهان کي فريش ٿيڻ جي ضرورت آهي.“

”ڪنهن کي بہ نہ وٺي وڃو. رڳو اوهان ۽ امي وڃو.“

منهنجي منهن تي مُرڪ ڏسي منهنجو ننڍو پٽ يڪدم چوندو:

”ٺيڪ امي بہ نہ. اميءَ کي اسين پاڻهين سنڀالي وٺنداسين.“

”ڇو امي نہ؟“ سندن امي رڙ ڪندي. ”منهنجو وڃڻ تمام ضروري آهي. اوهان جي پيءَ کي هر عورت پسند اچي ٿي. هن کي اڪيلو ڇڏڻ صحيح ناهي.“

”امي اوهان کان سواءِ گهر ڪيئن هلندو؟ اوهان هتي اسان

سان رهو. بابا پلي دبئي فيسٽيول گهمي اچي."

"خالي دبئي ڇو. فار ايسٽ به وڃي. بابا وڃو. تازا توانا ٿي اچو."

"بابا عمرو به ڪري اچجو." منهنجي ڌيءَ چوندي.

"يار اهي اوهان جون مهربانيون آهن. پر آءٌ پاڻ کي فرعون جي زماني جو قيدي غلام سمجهندو آهيان جيڪو پنهنجن مالڪن جي خوشحالي لاءِ ڏينهن رات زنجيرن ۾ ٻڌل هوندي به سخت پورهيو ڪندو آهي ۽ مصري حاڪمن لاءِ عمارتن جا شاهڪار اڏيندو آهي."

"بابا اوهان نوڪري ۾ ڪڏهن آيا؟"

"اوڻويهه سؤ ستر ۾."

"يعني ٽيهه سال نوڪري...."

"نه بابا ٽيهه سال نه"، مون چيو، "ٽيهه سال نوڪري ۽ چويهه سال شادي شده زندگي. يعني چاونجاهه سال خدمت جا. يعني چاونجاهه سال چاڪريءَ جا. مون پنهنجي زندگيءَ جا بهترين ٽيهه سال گورنمينٽ کي ۽ بهترين چويهه سال اوهان جي اميءَ کي پيار ۽ پورهئي سان ڏنا اٿم."

بدر چيو: "اوهان مون کي ته رڳو اوهان جي چوڻ مطابق چويهه سال ڏنا، مون ته سڄي زندگي ڏيئي ڇڏي آهي." پوءِ هوءَ ٻارن کي حساب ڪري ٻڌائيندي: "بابا، چويهه سالن ۾ اوهان جي بيءَ جي پوسٽنگ پنهنجي شهر حيدرآباد ۾ رڳو ٽي سال رهي آهي ۽ باقي مهيني ۾ ٽي يا چار ڏينهن مون وٽ يعني پنهنجي گهر، پنهنجي ابي امڙ سان ۽ پنهنجن ٻارن سان ملڻ ايندو هو. اهو حساب ڪريو ته سال به مون سان لاڳيتو ڪونه رهيو آهي. ٽن سالن جي پوسٽنگ کان سواءِ."

در تي گهنٽي وڳي. بدر پنهنجي ڪمري مان نڪري در کوليو.

سونا ويٺي هئي- اڪيلي.

”آنٽي اوهان کي تڪليف ته نه ٿي مون کي خبر آهي اوهين جلدي سمهندا آهيو ۽ انڪل ته جاڳڻ جو چئمپيئن آهي.“

بدر روايتي ٽهڪ ڏنو. ”آءٌ واقعي سمهڻ ويئي هيس. باقي تنهنجو چاچو ويٺو آهي بالڪونيءَ ۾.“

سونا سڌو مون وٽ بالڪونيءَ ۾ آئي. مُرڪي ملي. ٿڌو يخ نرم هٿ ملايائين.

”ڇو هٿ ٿڌا اٿئي؟“ مون کلي چيو.

”سنڌ جي ڪنارن سان لڳ عربي سمنڊ جي ٿڌاڻ آهي.“ سونا چيو.

مون کي سونا جهڙي ڳوناٽي ڇوڪري هميشه پنهنجن جملن سان حيران ڪندي هئي. اڄ وٽس هٿ ۾ هڪ ڊائري به هئي.

”ويهه.“

هوءَ ويهي رهي.

”محمد علي ڪٿي؟“

”اڄي ٿو. ڪو دوست آيو اٿس.“

”هِن مهل؟“

”دوست ۽ موت ڪيڏي مهل به اچي سگهن ٿا. محمد علي چوندو آهي.“

”توکي محمد عليءَ جا دوست وڻندا آهن.“

”ها-“ سونا وراڻيو. ”شام مهل. پر سڀ نه!“

”تون هيڏي مهل آئين آهين....؟“

”ها سڌو سنڌ جي ساموندي ڪنارن وٽان. انڪل، سنڌ گرم آهي ۽ اُن جا ڪنارا ايترا سرد آهن.“

”ها تو وانگر گرم سرد آهي سنڌ!“

سونا ٽهڪ ڏنو. هلڪو ٽهڪ. شيشي جي رنگين چوڙين مان نڪتل جهنڪار جهڙو ٽهڪ.

”چا پيئندينءَ؟“ مون چيو.

”چاهي اوهان وٽ؟ سونا پڇيو.

”چانهہ، ڪافي، اسڪوائش، ٽاڊل سڀ آهن. پر اهي سڀ بدر وٽ آهن. مون وٽ رڳو وسڪي آهي.“

”انڪل مون کي وسڪيءَ جي باٽل ڏيکاريو.“

مون جاني واڪر بلئڪ ليبل جي شفاف بوتل کڻي ڪيس ڏني جنهن ۾ اجا اڌ کن وسڪي پريل هئي. هُن غور سان وسڪيءَ کي ڏٺو ۽ پوءِ بي پرواهيءَ سان بوتل کي ٽيبل تي رکي ڇڏيو.

”انڪل هيءَ تہ اڌ بوتل آهي وسڪيءَ جي. مان تہ سمنڊ جي ڪناري تان ٿي آئي آهيان. هلڪي چانڊاڻ ۾ ايندڙ ويرَ ۾ تڙڳي آئي آهيان. سمنڊ جي پاڻيءَ تي جڏهن چانڊاڻ جي اجاڻ پوي ٿي تہ اُن پاڻيءَ ۾، ايندڙ ويرَ ۾ چؤطرف ڦهليل اوندهہ ۽ روشنين ۾ جيڪو نشو آهي سو هن بلئڪ ليبل ۾ هوندو؟“

مون کلي ڏنو.

”سونا تون تہ شاعري پئي ڪرين. اهو سچو نشو جڏهن ماٺهوءَ کي ملي نہ سگهندو آهي تہ پوءِ بلئڪ ليبل ۾ سهيڙجي آيل نشي کي هٿ ڪندو آهي. خير انهن ڳالهين کي ڇڏ. ٻڌائي هيڏي مهل ڪيئن آئي آهين؟“

سونا ڊائري مون کي ڏني.

”انڪل مون تي ڪهاڻي لکو.“

مون ڊائري ورتي. ڳري ۽ ذري گهٽ سڄي لکيل.

”سونا تنهنجي ڪهاڻي! تنهنجي عمر تہ هاڻ مس شروع ٿي آهي. ڪهاڻيءَ کي هلڻ تہ ڏي. پوءِ لکي ونبي.“

”انڪل نہ نہ. هيءَ ڪهاڻي رڳو منهنجي ناهي. منهنجي ماءُ جي بہ آهي. منهنجي ماءُ جي ماسيءَ جي بہ آهي. ۽ عورت جي ڏکي ڪهاڻي آهي. اوهان مرد عورت کي صرف هڪ طرف کان ڏسندا آهيو.“

مون کلي ڏنو.

”ڪيترا طرف ٿيندا آهن عورتن ڪي؟“ مون چيو.

”جيترا انسان ڪي. جيترا اوهان اُتم ۽ اعليٰ مردن ڪي.“

”سونا تون ڏاڍي ذهين آهين.“

”منهنجي مُومل مون کان وڏيڪ ذهين آهي. پر الائي ڇو اسان زالن جي حياتي تمام ٿوري آهي.“

”توکي ڪيئن خبر پئي تہ حياتي تمام ٿوري آهي.“

”منهنجي ماءُ چاليهہ سال بہ پورا نہ ڪيا. منهنجي ماءُ جي ماءُ ر ڳو منهنجي ماءُ کي ڄڻي سگهي. منهنجي ماءُ جي ماسي....

”سونا اڄ تمام سٺي رات آهي. محمد علي تنهنجي انتظار ۾ آهي. سياٽي آچر آهي. بي فڪريءَ جو ڏينهن ۽ تون کهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين. وڃ محمد علي تنهنجي لاءِ ويٺو آهي.“

”ها مان وڃان ٿي- پر هڪ ڳالهہ ڪريان....

”ها ها...“ مون چيو.

”مان تہ وڃان ٿي پر مومل لاءِ ڪوشش ڪجو تہ وڏي حياتي ماڻين.“

مون وري ڪلي ڏنو.

”حياتي الله جي وس ۾ آهي. هاڻ تون وڃ. آءٌ هيءَ ڊائري پڙهندس پوءِ توسان ڳالهائيندس.“

”ها مان وڃان ٿي. پر هت حياتي انسانن جي وس ۾ بہ آهي. هن ڊائري ۾ منهنجي ۽ منهنجي ماءُ جي حياتي آهي. منهنجي ماءُ جي ماسي بہ انهيءَ ڊائريءَ ۾ آهي. الله ڪري مومل اهڙي ڊائري ۾ نہ اچي. مان وڃان ٿي.“

سونا کي مون پهريون ڀيرو گنڀير ڏٺو هو.

سونا ڊائري مون کي ڏيئي وڃڻ لڳي.

”سونا!“ مون پٺيان سڏ ڪيو.

هوءَ پهرين بيٺي ۽ پوءِ آهستي آهستي ويجهو آئي.

سندس اکين ۾ سوال هو.

مون مرڪي ڪيس چيو: ”سونا زندگي ڏاڍي ڀرپور آهي. اُن کي پوري طرح استعمال ڪريو.“

”انڪل مون کي خبر آهي. پر ماڻهو، ماڻهوءَ کي ڀرپور زندگي ماڻڻ نٿو ڏي. انسان کي الله ذهن انهيءَ ڪري ڏنو آهي ته هو فساد کي جنم ڏي.“

”نه ايئن نه آهي. هر ڪنهن ساهه واري کي قدرت ذهن کي استعمال جي ڏات به ڏني آهي. هُو پنهنجي ليڪ تي هلندا رهندا آهن رڳو اسان انسان نوان رستا، نوان رشتا ۽ نيون ڳالهيون تخليق ڪريون ٿا. پيار به جيترو انسان ڪري ٿو اوترو ڪو ٻيو جاندار نه ٿو ڪري.“

سونا موڊ بدلايو. ”اوهان جي مرضي آهي ته مان وچي پيار ڪريان.“

”ها سچي زندگي.“

”محمد علي وٽ وقت ايترو ناهي ۽ چاچا دنيا مان پيار آهستي آهستي ختم ٿيندو وڃي پيو.“

”جيترو وقت بـــ هجي! مون کي محمد علي تي رشڪ ايندو آهي.“

”ڇو؟“ سونا پڇيو.

”آءٌ به پيار جو بکيو آهيان ۽ مون سڄي عمر پيار ڪيو آ- غذا وانگر. پر پيٽ نٿو ڀرجي. منهنجو پيار اندر ڪمري ۾ ستو پيو آ. ويچاري ٿڪجي پئي آهي.“ مون ٿهڪ ڏنو.

”هاڻ مان وڃان ٿي.“

”نيڪ آهي.“

هوءَ ويئي هلي.

اها منهنجي سونا سان آخري ملاقات هئي.

جڏھن کان منھنجي ٽنگ ۾ فريڪچر ٿيو ھو منھنجي روزاني ڪرت ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو ھو. ھونئن آءٌ دير سان سمھڻ ۽ دير سان اٿڻ وارو ماڻھو ھئس. سويل رڳو انھيءَ ڏينھن اٿندو ھئس جڏھن مون کي ڪم ھجي ۽ ڪٿي سويل پھچڻو ھجي. پر ھاڻ دير سان سمھندو آھيان ۽ تمام سوير اٿندو آھيان. ننڊ جو باقي حصو ٻنپھرن جي مانيءَ کان پوءِ پورو ڪندو آھيان. صبح جو سوير مون کي ڪراچيءَ جو صبح اتاريندو آھي. ٿڌو. خاموش. آھستي آھستي گوڙ ۾ گھمسان ۾ تبديل ٿيندڙ. آسمان تي ڪڪر- اڇا. پُورا. خالي ۽ اجايو ڊوڙندڙ. ڪنھن ڪنھن مھل بوندون برسائي اڳتي نڪري ويندا آھن. ھيٺ گھم سان آلا رستا- خالي. ڊگھا ۽ ويڪرا. سِڌا. رستن جي پاسن کان بلند عمارتون جيڪي شھر وانگر آھستي آھستي گوڙ گھمسان جون مرڪز بڻجنديون وينديون ھيون. صبح جو سوير ويراني ڏاڍي دل موھيندڙ ھوندي ھئي. پر پوءِ ڪارن، ٽرڪن، بسن ۽ انسانن جا ريلا آھستي آھستي وڌڻ لڳندا ھئا. ساڍي نوين کان ڏھين تائين ڪراچي سموري سجاڳ ٿي تحرڪ ۾ اچي ويندي ھئي ۽ آءٌ چپ چاپ پنھنجي فريڪچرڊ ٽنگ سان واپس ڪمري منجھه پلنگ تي اچي بدر سان گڏ ليٽندو ھئس. بدر کي ڪجھه چمين ۽ پاڪرن جي ضرورت ھوندي ھئي ۽ آءٌ چاڻ رکندڙ مڙس، فرض پورو ڪري ڪيس جاڳائي ڪڙو ڪندو ھوس ته جيئن منھنجي ناشتي جو بندوبست دل سان ڪري. صبح جون ٻه چانھيون نوڪر ناھي ڏيندو ھو. بدر گرم ۽ گھميل پاڪرن ۽ سڄي رات جي باسي، وسڪي پيتل ۽ صبح جي چانھه پيتل چپن سان چميل پنھنجن چپن ۽ ڳلن کي مھتيندي، لڱن جو ٿھليل ماس سنڀاليندي، باٿ روم ڏانھن ھلي ويندي ھئي.

اُنھي ڏينھن به آءٌ بدر کي سُتل ڇڏي، لڪڻ جي سھاري،

پلاسٽر چڙھيل تنگ کي سنياليندو وري بالڪونيءَ ۾ اچي ويٺس. ڪراچيءَ جي صبح جي گھميل ٿڌي ھوا منھنجي سڄي جسم کي ويڙھي ويئي ۽ مون ڪيترائي ڊگھا ساھہ کنيا ۽ گھميل، ٿڌي ۽ لوڻاٺيل ھوا کي پنھنجي ڦڦڙن ۾ ڀريم. ڪجھہ دير ھوا روڪي ۽ ھڪ گرم ۽ انساني گوشت جي بُو سان لاڳاپيل ساھہ ٻاھر ٿڌڪار ۾ ڦھلايم. ٿوري دير ۾ آءُ پاڻ کي چست محسوس ڪرڻ لڳس. ھڪڙو نوڪر گرم چانھہ کڻي آيو. مون چانھہ بہ پيتي پئي ۽ نظرن آڏو سونا جو فليٽ ھو، مٿي آسمان تي اچا پورا ڪڪر ھئا. اوپر طرف، اڇا مس سڄ کني ڪڍي ھئي پر ڪڪر سڄ کي آسمان تي سون ڦھلائڻ کان روڪي رھيا ھئا. مون بالڪونيءَ جي ھيٺ ڏٺو تہ ڪجھہ فرض شناس ڊرائيور، صاحبن جون ڪارون ڌوئي رھيا ھئا يا صاف ڪري رھيا ھئا. تکل پناڻ چوڪيدار پڻ وڃڻ جي تيارين ۾ ھئا ۽ پنھنجن ڏينھن جي چارج وٺندڙ ڪڏي بغدادي وارن ساٿين جي انتظار ۾ ھئا. پر منھنجي ذھن ۾ ھڪ جملو گنل رڪارڊ جي سئي وانگر برابر وڳو پئي. دنيا مان پيار آھستي آھستي ختم ٿيندو پيو وڃي!

عجيب جملو ھو. دل سان پئي لڳو. پر دل ۽ ذھن نہ پئي مڃيو. منھنجو ايمان آھي تہ خدا- انسان، محبت ۽ عبادت کي گڏ خلقيو آھي. جيستائين انسان جو بُڻ موجود آھي تہ محبت بہ موجود آھي ۽ عبادت بہ موجود آھي. مون ڪجھہ دير سوچڻ بند ڪيو ۽ اکيون وري سنڌ جي ڪناري سان وھندڙ پريان سمنڊ ڏانھن ھليون ويون. نيڻ ڪڪرن سان پرچي ويا ۽ ذھن ۾ سڄ جي روشنيءَ جو سون سمائجڻ لڳو.

نہ! محبت ڪنڻ جي شيءِ ناھي. جيستائين خدا جو تصور آھي، انسان جي پيدائش جاري آھي. عبادت ۾ پاڻ ارپڻ جو ذھن ۾ جذبو موجود آھي يا وِڌل آھي، انسان محبت ڪندو رھندو. رڳو منافقيءَ جو جذبو بيدار نہ ٿئي تہ انسان سڄو سون آھي. آءُ پاڻ

زماني جو ماڻهو آهيان. خالق ۽ تخليق ۾ ايمان اٿم. انهن ٻنهي ۾ محبت جو ازلي ۽ اٽوٽ رشتو آهي. عبادت پڻ محبت جو هڪ ننڍڙو حصو آهي. خالق محبت کان وڌيڪ عبادت پسند ڪري ٿو. شايد خالق کي محبت جي چاڻ گهٽ آهي ۽ هو عبادت جي شڪل ۾ اطاعت چاهي ٿو. هن کي انسان جي فساد ڪرڻ واري طبيعت کان خوف ٿو ٿئي. ملائڪن ويچارن سچ چيو هو ته انسان ته فساد ڪندا پر قدرت فساد جي بدران انسان ۾ رڳو محبت ڀري ڇڏي ها ته اڄ سونا جهڙي معصوم ڇوڪري به اهو نه سوچي ها ته دنيا مان پيار گهٽ ٿيندو وڃي پيو.

اڄا صبح جا ڇهه نه لڳا هئا. اڄا ڪجهه منٽ هئا پر اُس به عمارتن ۽ رستن تي نه ڦهلي هئي ڇو جو ڪڪر چؤطرف لوفر ڇورن وانگر رُليا پئي. منهنجي سامهون ۾ توسٽ، ماڪيءَ جي بوتل ۽ چانهه رکيل هئي. ڪتلي مٿان ٽي-ڪوزي چڙهيل هئي. مون ڏکها ساهه کنيا پئي ۽ پنهنجي سامهون بلاڪ ۾ نهيل اٺ ماڙ بلڊنگ جي درين ۽ بالڪونين کي پئي ڏٺم متان ڪنهن بالڪونيءَ ۾ ڪا راتوڪي ٿڪل بدن سان ڪا سهڻي عورت نظر اچي وڃي ۽ پنهنجي صبح کي سجايو سمجهان پر هيٺ رڳو بدشڪلا پٺاڻ چوڪيدار ۽ ميرا سيرا ڊرائيور نظر پئي آيا. مون کي اسڪول ويندڙ يونيفارم پهريل، صاف سٿريون ڇوڪريون به ڏاڍيون وڻنديون آهن. اُهي اسان جي مستقبل جو اڌ سهڻو حصو آهن.

مون توسٽ کي ماکي هنئي. چانهه جو ڪوپ ڀريو. اڄا هڪ توسٽ مس ڪاڌو هوم ته منهنجي سامهون سونا جي فليٽ منجهان ڪلاشنڪوف جا ٻه ٽي برسٽ هلڻ جا آواز آيا. سڄو ماحول عجب ٿي ويو. هيٺ گرائونڊ تي پٺاڻ چوڪيدار ۽ ڊرائيور خوف منجهان اٿي ئي بيهي رهيا. منهنجي هٿ منجهان توسٽ ڪري پيو. چانهه ٽپائي تي رکي آءُ بالڪونيءَ منجهه بيهي رهيس ۽ سامهون سونا جي

فليٽ جي ويڪري لائونج ۾ عجيب منظر هو. هڪ ڪمري منجهان ٻہ نوجوان نڪتا هڪ وٽ ڪلاشنڪوف هئي ۽ ٻئي جي هٿ ۾ ٽي ٽي ٿرٽي پستول هئي. سندن يڪدم پنيان سونا رت ۾ ڳاڙهي ٽاٻڙندي ٻاهر نڪتي. ڇا ٿيو رهي هئي مون کي خبر ناهي پر جڏهن سونا پنهنجا هٿ ڪلاشنڪوف واري جي ڳچيءَ ۾ وڌا تہ ٻئي نوجوان ٽي ٽي ٿرٽي پستول جون ٽي گوليون سونا جي پٺن ۾ هنيون ۽ هوءَ رڙ ڪري ڪِري پئي. سونا جي رڙ مون کي بہ ٻڌڻ ۾ آئي. وڏيڪ گولين جي آواز تي چوڪيدار ۽ ڊرائيور گاڏين ۽ بلڊنگ جي پلرس جي پاسن ۾ ٿي بيهي رهيا. سونا جي فليٽ جو مين گيٽ کليل هو ۽ هو ٻہ قاتل اتان ڀڄي نڪتا. محمد علي مون نہ ڏٺو شايد اهو ختم ٿي چڪو هو پر منهنجا نيڻ انهن قاتلن کي هيٺ گرائونڊ تي اچڻ لاءِ منتظر هئا. چوڪيدارن ۽ ڊرائيورن ۾ ڀاڄ ڏٺم تہ محسوس ڪيم قاتل هيٺ لهي آيا آهن. ٻہ جوان ٽيهن ڪان چڙهيل هئا. ٻت ۾ ڪي قدر ڀريل هئا. وٽن لتمار جي ڪا شئي نہ هئي. هيٺ لهي ماڻهن کي ڏسي هڪڙي ڇٽي ڪلاشنڪوف مان برسٽ هلايو. سڀ ٽڙي پکڙي ويا. ڪجهہ سجاڳ ماڻهو بالڪونين تائين آيا پر هو ٻہ قاتل ڊوڙندا بلڊنگ جي حدن کان ٻاهر نڪري ويا.

ماڻهو مڙڻ لڳا. سامهون لائونج ۾ سونا جو لاش پيو هو. مون کي ڪجهہ نظر آيو پئي. منهنجي ٽنگ ۾ سُور وڌي ويو هو ۽ پر مون نوڪر کي چيو تہ ٽيليفون جلدي کڻي آ.

ٽيليفون آيو.

مون پوليس هيلپ جو نمبر ڊائل ڪيو.

اِنگيج!

وري ڊائل ڪيم. وري ڊائل ڪيم. وري ڊائل ڪيم!

نيٺ جواب مليو.

سموري حقيقت ڪيم ۽ ڊيوٽي پوليس مئن کان ايس ايس پيءَ جو نمبر پڇيم.

جواب مليو.

وري نوڪر کي سڏ ڪيم تہ ڊائريڪٽري کڻي آ.

ڊائريڪٽري اندر آهي. جواب مليم. اندر منهنجي زال ستي پئي آهي.

انهيءَ گوڙ تي منهنجي ڪمري جو در کليو ۽ بدر ٻاهر آئي.

سوال ڪرڻ لڳي.

منهنجيون نظرون هيٺ هيون. بالڪونيءَ کان هيٺ هيون. منهنجيون سونا جي لائونج ڏانهن هيون. سونا فرش تي پئي هئي. ٻاهريون در کليل هو. سونا ڪجھ نظر پئي آئي.

"ڇا ٿيو؟" بدر بالڪونيءَ ۾ آئي.

"شايد سونا ۽ محمد علي مارجي ويا."

"ڪنهن ماريو؟"

"ٻہ نوجوان هئا. ڪلاشنڪوف ۽ پستول سان. منهنجي سامهون گوليون هليون ۽ سونا فرش تي ڪري پئي."

"محمد علي؟" بدر پڇيو.

"اهو اندر بيڊروم منجھ آهي. شايد ختم ٿيل." مون آخري لفظ آهستي سان چيا.

"سونا کي اها ڄڻتي هئي. سندس پيءُ پنج سال جيل ڪاٽي ٻاهر نڪتو هو. هوءَ ڪنهن ڪنهن مهل ٿهڪ ڏيڻ بند ڪري آهستي سان چوندي هئي تہ منهنجو پيءُ جيل مان نڪتو آهي. ڇا هُو هت ڪراچيءَ ۾ بہ اچي سگهي ٿو؟ چوندي هئي. ڊڄندي هئي."

بدر ڳالهايو پئي. مون ٽيليفون کي گهمايو پئي. نيٺ مون کي ايس ايس پي ملي ويو.

"آءٌ مغل ڳالهايان پيو."

"اوهان شايد ليکڪ آهيو؟"

"ها پر هينئر آءٌ ليکڪ جي حيثيت ۾ نہ پر هڪ شهري ڳالهايان پيو. اسين ڪلفٽن برج وٽ پرنس ڪامپليڪس ۾ رهون

ٿا. هت هينئر هڪ يا ٻه قتل ٿيا آهن. اوهان جلدي اچو."

"پرسان پوليس اسٽيشن آهي. فريئر پوليس اسٽيشن، اتي اطلاع ڪريو." ايس ايس پيءَ آرام سان جواب ڏنو.

"منهنجي هڪ ٽنگ ۾ فريڪچر آهي ۽ آءٌ پلاسٽر هئڻ ڪري هلي نٿو سگهان. اوهان جلدي ڪريو ٿي سگهي ٿو اجا ڪو ساهه ذرو هجي. پليز!"

"اوهان فڪر نه ڪريو. ٻڪل ٽنگ وارو دانشور ڇا ٿو ڪري سگهي؟ ايس ايس پيءَ چيو.

"اوهان کي ٽيليفون تي اطلاع ته ڏيئي سگهي ٿو."

"اوهان جي مهرباني. بي اي پاس ڪرڻ تائين مان به ليڪڪ ۽ روينيو آفيس ۾ ڪلارڪ هئس. هاڻ سي ايس ايس کان پوءِ ٻئي نه آهيان. منهنجو هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب به نڪري چڪو هو. اڄ کان ويهه سال اڳ."

"منهنجي خيال ۾ پاڻ به دانشور وقت وڃايون پيا."

"به دانشور نه. هڪ دانشور ۽ هڪ پوليس آفيسر. هوئڻ مان اوهان جي لکڻين جو فئن رهيو آهيان."

"مهرباني. پر اوهان ڪجهه هن حادثي بابت ڪريو."

"فڪر نه ڪريو فريئر پوليس پهچڻ واري آهي."

"مهرباني."

مون فون بند ڪيو.

بدر جون اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون. هيٺ گرائونڊ تي آهستي آهستي ماڻهن جو تعداد وڌڻ لڳو. پر سونا جي فليٽ ڏانهن ڪوبه نه پئي ويو. به نوجوان ڪم پورو ڪري، هيٺ بيٺل ڪنهن گاڏيءَ ۾ بنا ڪنهن اتڪاءُ جي نڪري ويا. اسان جو پرنس ڪامپليڪس هڪ عجيب ۽ حيرت انگيز ڏيک واري حالت ۾ هو. ويهه منٽن کان پوءِ پوليس آئي ۽ هيٺ بيٺل ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ پوءِ سونا جي فليٽ ۾ ويا. مون اُتان ئي فون ڪيو. هڪ

سب انسپيڪٽر جيڪو لائونج ۾ ويٺو هو تنهن فون ڪنيو.

”هيلو سب انسپيڪٽر عبدالقادر!“

”آءٌ بابا سامهون فليٽ ۾ رهان ٿو. مون کي پڌايو ڇوڪري ۽ سندس گهر وارو اڃا زنده آهن يا بلڪل ختم ٿي ويا. مون اوهان جي ايس ايس پيءَ کي فون ڪيو هو.

”عورت ۽ مرد ٻئي ختم ٿي چڪا آهن. اوهان ڪير آهيو. ڇا اوهان قاتلن کي سڃاڻو ٿا؟“

”اوهان پنهنجو ڪم ڪريو. آءٌ بي-20 ۾ رهان ٿو. مون وٽ ضرور اچجو. ٻئي ختم ٿي ويا آهن؟“ مون وري پڇيو.

”سائين بي حساب گوليون لڳيون آهن. بيڊروم ۾ هي وڏو لائونج سڄو رت سان ڀريل آهي. انسان اهڙي حالتن ۾ ڪيئن جيئرو رهندو. اوهان قاتلن کي سڃاڻو ٿا؟“

”تون پنهنجو ڪم ڪر. پوليس واري زبان نہ ڳالهاءِ.“

مون ٽيليفون بند ڪري ڇڏيو ۽ بدر ڏانهن ڏٺو. هوءَ واقعي ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي. آءٌ بہ پہ اڏ ٿي ويو هئس. قدرت ڇا ٿي ڪري؟ اهڙا ماڻهو مارائي ٿي. سونا ويئي هلي. هاڻ منهنجي دل بہ هارجڻ لڳي. مون کي محمد علي جي جان ايتري اهميت واري نہ پئي لڳي. پر سونا ايئن جلدي ويئي هلي. هُن اڃان مون سان پنهنجي اندر ۾ سانديل ڳالهيون بہ پوريون نہ ڪيون هيون. هن جي دل جي مٿاڇري تي هزارين ڳالهيون اُڪريل هيون. هُن پنهنجين سيني ڳالهين ۾ مون کي حصيدار بنائڻ چاهيو پئي. آءٌ ڪنهن ڪنهن مهل محسوس ڪندو هئس تہ سونا جنهن مهل ۽ جن گهڙين ۾ پيار ڪندي هئي ۽ محمد علي کي پيار ڪرڻ ڏيندي هئي هُن انهن گهڙين مان بہ ڪجھہ گهڙين ۽ ڪجھہ ساعتن جي تفصيلن جو مون سان شيئر ڪرڻ چاهيو ٿي تہ جو ڪيس خبر هئي تہ آءٌ انساني پيار جو معتقد ۽ وڏو حامي هئس. پر هو چوندي چوندي رڪجي ويندي هئي ڪي ڪي اکر بدر کي پڌائي ويندي هئي. هوءَ

چوندي هئي تہ هر چڱي ڳالهہ جي واکاڻ ڪجي ۽ دل کولي اُپٽار ڪجي. هن جي لاءِ پيار سڀ کان املهہ چيز هئي. هوءَ پاڻ بہ اُملهہ هئي. مون کي ڪنهن ڪنهن مهل محمد علي تي رشڪ ايندو هو تہ ههڙي پيار ڪرڻ واري ڇوڪري سندس نصيب ۾ لکيل هئي.

بدر پرسان بيٺي لڙڪ ڳاڙيا: "نياڳي چوري مارجي ويئي. پيار محبت جو اشتهار هئي. الله ڪٿي هو. ڪيس هڪ پيار ڪرڻ واري ڇوري بہ نہ وٺي. عجيب خدا آهين. اوهان مرد سڀ عجيب آهيو. خدا بہ مرد آهي. شايد اهو بہ سونا کي ڪاري سمجهڻ لڳو. مردانگي عجيب جذبو آهي. مرد ڪتڻپو ڪري تہ پنهنجيون پرايون ڏيون ۽ زالون ڀين مردن جي بيڊرومس ۾ ڇڏيو اچي ۽ جي غيرت اچيس تہ پرٽيل پيڻ کي پنهنجي مڙس سان ڪاري ڪري ماري ٿو."

"اجايو پنهنجي حساب موجب ڪفر ڏانهن وڃين پيئين. ٿي سگهي ٿو ڪي ماٺهو چوريءَ جي نيت سان فليٽ ۾ آيا هجن ۽...."

"نہ ايئن ناهي"، بدر چيو. "رن ڪجهہ ڏينهن کان پريشان هئي. سندس پاءُ جيل مان آزاد ٿيو هو. سندس هانءُ ۾ هڻ تڻ مون ڏٺي هئي. مون کان پڇندي هئي تہ ماٺهو جي مري وڃي تہ واقعي ختم ٿي وڃي ٿو. پوءِ هي روح، جنت، دوزخ ۽ پڇاڙو ڇا آهي؟ جنهن کو بہ گناهہ يا ثواب نہ ڪيو هجي ۽ رڳو پيار ڪيو هجي سو ڪٿي ويندو دوزخ يا جنت ۾. هن کي محمد علي ڏاڍو وڻندو هو. محمد علي آفيس مان ايندو هو تہ سندس بوٽ لاهي، جورابن کي سُگهندي هئي ۽ پيرن کي چميون ڏيندي هيس. محمد علي آفيس ۾ هوندو تہ سندس لٿل شلوار قميص کي سُوگهندي هئي ۽ سڄو ڏينهن گهر ۾ محمد عليءَ جا شلوار قميص پائي ڪم ڪار ڪندي هئي. عجيب ڇوڪري هئي. نہ چاهيندي هئي تہ ڪو مهمان گهر ۾ اچي جڏهن محمد علي گهر ۾ هجي. هوئٽن ڏاڍي قرب وندڙ واري مهمان نواز هئي."

پوليس پنهنجي ڪارروائيءَ منجهه رُڌل هئي. ڪامپليڪس جا گهڻا ماڻهو سونا جي فليٽ تان ٿي آيا هئا. ڏينهن جا ٻارهن ڪن لڳا ته ايس ايس پي صاحب به پن ٽن ڳاڏين سان پهتو هو.

ٿورڙي دير ڪان پوءِ بدر مون ڪان موڪلائي سونا جي فليٽ ڏانهن ويئي.

ٿورڙي دير ڪان پوءِ، منهنجي در تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ نوڪر در کوليو. سامهون ايس ايس پي ۽ هڪ ٻه پوليس وارا بيٺا هئا. آءٌ لائونج ۾ هڪ صوفه تي ٽنگ ڊگهي ڪيو ويٺو هئس.

"اندر اچڻ جي اجازت آهي؟" ايس ايس پيءَ جو آواز ڳرو هو. مون اجا ڳالهيو به نه ته آفيسر ڳرن قدمن سان لائونج ۾ هليو آيو.

"سائين ايئن اچڻ جي معافي. سمجهان ٿو ته اڪيلا رهو ٿا. منهنجو نالو محمد انور شاهه بخاري آهي ۽ ايس ايس پي آهيان."

مون هٿ ڊگهو ڪري ساڻس ملايو." اڪيلو ناهيان. پر منهنجي وائيف قتل ٿيل ڇوڪريءَ کي ڏسڻ ويئي آهي."

انور شاهه بخاري سامهون صوفه تي ويهي رهيو. "مغل صاحب اسين ته اوهان جا فئن آهيون. اوهان جون ڪهاڻيون ٽريزري آفيس ۾ ويهي پڙهندو هئس. سرڪاري ڪم کي آڳوٺو هوندو هو."

"اوهان ته روينيو آفيس ۾ ڏائي هئي."

"سائين ٽريزري به روينيو جي برانچ آهي. ڀلا اوهان کي ڇا ٿيو آهي!"

"ڏاڪڻ تان ڪري پيو هئس. سٿر وٽ فريڪچر ٿي پيو. هِتي. في الحال ڪجهه مهينن لاءِ جڏو ٿي پيو آهيان."

"مولا علي ڪندو نيڪ ٿي ويندا. ڀلا فريڪچر نه به ٿئي ها ته اوهان دانشور ڇا ڪري ٿا سگهو؟"

"صحيح آهي. پر جي فريڪچر نه هجي ها ته آءٌ سونا کي ضرور ڏسڻ وڃان ها."

”مان بندوبست ڪريان ٿو تہ اوھان سونا کي ڏسي سگھو. مارجي ويل ڇوڪريءَ جو نالو سونا ھو؟“

”ھا. سندس مڙس جو نالو محمد علي ھو.“

”اُھو ويچارو تيريبلي de-face ٿي ويو آھي. پورو برسٽ منھن ۾ لڳو اٿس.“

”ويچارو محمد علي. تمام سٺو انسان ھو. ۽ ھوءَ ڇوڪريءَ نھايت سٺي ڇوڪري ھئي.“

”منھنجي پوسٽنگ ھتي ڊسٽرڪٽ سائوٿ ۾ ڇھن مھينن کان آھي. مون کي خبر ئي ناھي اھڙو وڏو ليڪڪ منھنجي حد ۾ رھي ٿو.“

”اوھان ھاڻ نٿا لکو؟“ مون پڇيو.

”اصل مان ليکڪ مڙئي ھٿ نوڪيو ھئس. اديب ڪنگلا سڀ دوست ھوندا ھئا. اُن وقت مان بہ ڪنگلو ھئس. سيد جو يار ھئس ۽ مريدن جي ڏني تي بابا گذر سفر ڪندو ھو. مون مئٽرڪ پاس ڪئي تہ ڪلارڪي ملي ويئي. ڪڏھن ٽيبل سٺي ھوندي ھئي تہ گھر وارا بہ خوش ھوندا ھئا. سيد پڇي ھئڻ جي ناتي مون کي مڙيئي سرس پئسا ملندا ھئا. پھرين رشوت جا پوءِ دعا جا ۽ پوءِ خُمس جا ڏوڪڙ بہ ڇڏائيندو ھوس. پڙھڻ ۾ ھوشيار ھئس.“

”شاھ صاحب سنڌ جا بہ پيار ڪندڙ انسان قتل ٿي ويا آھن. اڄ صبح کان بيچين آھيان ۽ اوھان کي پرواھ بہ نہ آھي ۽ اوھان وينا رشوت ۽ خُمسَ جا پئسا ياد ڪريو.“

انور شاھ بخاري ايس ايس پي ٺھڪ ڏنو ۽ چيائين: ”پھرين چانھہ پياريو.“

مون نوڪر کي چيو.

”سائين اوھين آھيو دانشور مغل صاحب... ھاڻ مان بلڪل آنيسٽ آھيان.“

”دانشور تي ايڏو زور ڇو ٿا ڏيو؟“ مون پڇيو.

”منهنجو مطلب تہ پڑهيل ڳڙهيل....

”اوهان پڑهيل تہ آهيو؟“

”مان صرف پڑهيل آهيان ۽ ڳڙهيل ناهيان. خير هي مقتول زال مڙس هئا؟“

”ها.“

”اوهان ڪين ڪڏهن کان سڃاڻو ٿا؟“

”جڏهن کان هن ڪامپليڪس ۾ رهڻ آيا هئا. شايد پنج ڇهہ مهينا!“

”هنن جي چال چلن ڪيئن هئي ۽ ڪهڙا ماڻهو وٽن ايندا هئا.“

”شاهہ صاحب وقت خراب ڪرڻ کان بهتر آهي تہ قاتل ڳولي لهو. اجا پرتي ڪونہ ويا هوندا. اهي سوال جواب پوءِ بہ ڪري سگهو ٿا.“

”اوهان صحيح چئو ٿا. پر تفتيش جرم ٿيڻ سان ئي شروع ٿي ويندي آهي. انهن جو ڪو مائٽ آهي جو ايف آءِ آر لکرائي.“

”آءُ ايف آءِ آر لکرائيندس جي سندن ڪو مائٽ نہ پهتو.“

”سائين مغل صاحب اجايو آزار ۾ پئجي ويندا. باقي اوهان جي مرضي!“

انور شاهہ بخاري اٿيو. چانهہ تڪڙي پي چڪو هو.

”چڱو مولا علي مدد. مان اوهان وٽ وري ايندس. هاڻ اوهان سان ڪچهريون پيون ٿينديون. منهنجو ڪهاڻيءَ جو ڪتاب ڳوليان تہ اوهان کي ڏيندس. مون کي راءِ ڏجو. باقي سائين اهڙا واقعا اسان جي سماج ۾ پيا ٿين. هڪ نہ بہ نہ هزارين. اوهان ۽ اسان ڪيترن لاءِ روئنداسين. مان سمجهان پيو اوهان کي ڏک ٿيو آهي.“

”بخاري صاحب اوهان ڏک چئو ٿا پر سونا منهنجي ڏيءَ هئي. هوءَ سنڌ جي ڏيءَ هئي. هن دؤر جي عورت هئي. ڪيس پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گهارڻ جو حق هو. اها ڪيس خبر هئي.“

”سائين هن سماج ۾ ڪي قانون ۽ ڪي روايتون ۽ رواج آهن.“ انور شاهہ اٿندي چيو. ”ڇوريءَ بغاوت ڪئي ۽ پنهنجي انجام تي پهتي. پاڻ سان گڏ هڪ پڙهيل لکيل نوجوان بہ مارائي ويئي. ڏک انهيءَ ڳالهہ جو هئڻ کپي.“

”نہ، منهنجا پوليس وارا سائين ڏک انهن رسمن، ريتن ۽ رواجن جو آهي جيڪي اهڙا خون ڪرائين ٿا. آءٌ سونا جو چهرو ڏسڻ چاهيندس.“

”اوهان حڪم ڪريو تہ لاش هت ڪٺي اچون؟“

”نہ منهنجو نوڪر ارباب اچي تہ اُن سان گڏ اُتي ويندس.“

”اوهان کي تڪليف تہ نہ ٿيندي.“

”نہ وهيل چيئر آهي. لفٽ آهي. اوهان رڳو پوليس وارن کي چئي ڇڏجو.“

”بلڪل چئبو. مان پيهر حاضر ٿيندس.يا علي مدد!“

انور شاهہ بخاري وڏيون پرانگهون پريندو لائونج مان ٻاهر نڪري ويو.

ٿوري دير ۾ بدر آئي. بدر جي اکين منجهان اجا لڙڪ نہ سڪيا هئا.

”ڇوريءَ کي چوندي بہ هئس تہ پاڻ سنڀالي هل نہ تہ مارجي ويندينءَ.“

”ڪير هئا؟“

”ڪابہ شيءِ ڪانہ وئي آهي. سڄو گهر صحيح سلامت آهي. بس لائونج ۾ سونا جو لاش پيو آهي ڇاتي سڄي گولين سان پري پئي آهي ۽ اندر بيڊروم ۾ پلنگ تي محمد علي جو لاش پيو آهي. هُن جو منهن سڄو رت سان پريل آهي. سڃاڻپ نہ پئي ٿئي.“

”معنيٰ تہ چوري يا ڌاڙو ناهي....“

”پاڻ چوندي هئي تہ جيسين ادو جيل ۾ آهي آءٌ جيئري آهيان

۽ جيئڻ ئي نڪتو اسان ٻئي مارجي وينداسين. ڪراچيءَ ۾ ٻه انھيءَ ڏپ منجھان رھيا پيا ھئا."

"سونا جي ماءُ کي به ڪاري ڪري ماريو ويو ھو." مون چيو.

"سونا جي چاچيءَ کي به ڪاري ڪيو ويو ھو پر ھوءَ بچي ويئي ۽ جڏھن مارڻ آيا ھئس ته ھوءَ ڀڄي پنھنجي راڄ جي چڱي مڙس جي پناھ ۾ ويئي ھلي ۽ ايئن بچي ويئي."

"سنڌي جھنگلي آھن." بدر چيو. "ڪين ماڻھوءَ جي زندگيءَ جو ڪو قدر ڪونھي. پاڻ ته وڃي سڪيا ٿيا- جيل ويا. مفت جو رھڻ ۽ مفت جو کائڻ. ھوڏانھن موتين جھڙي ڇوڪري مارجي ويئي. قانون کي ڇا ٿيو آھي؟"

"ھاڻ اصل ڳالھه ڪئي اٿئي ته قانون ئي ڪمزور آھي. نه ته ايئن ماڻھو نه مارجن."

ٻه ٽي ڏينھن گذري ويا. مون ڪفن دفن جو سڄو بندوبست ڪيو ۽ پنھنجا سڀ اديب شاعر ۽ آفيسر دوست به ٽيجھي تي گھرايم. ٽيجھي واري ڏينھن ئي سونا جو پوڙھو پيءُ ۽ محمد علي جا مائٽ به اچي پھتا. ڪين اڳواٽ خبر ھئي ته اُھي ڪونه بچندا. ڪين خبر دير سان پھتي. سونا جو پيءُ ته اخبار پڙھي پوءِ آيو ھو.

جنھن ڏينھن قتل ٿيا ھئا انھيءَ ڏينھن آءٌ فريئر ٿاڻي تي ويس ۽ ايف آءِ آر لکرايم:

"آءٌ فلاڻو پٽ فلاڻو، رھندڙ بي-20، پرنس ڪامپليڪس، ڪلفٽن ڪراچي سنڌ، اھو اطلاع ڏيان ٿو ته سونا زال محمد علي ۽ محمد علي ولد فلاڻو منھنجا پنھنجا ھئا. اھي فلاڻي تاريخ صبح جو سوير سج ايرڻ مھل ٻن نوجوانن ھٿان مارجي ويا. ھنن وٽ رائفلون ھيون. ڏسندس به ته سڃاڻي ڪونه سگھندس. ھو پري ھئا ۽ سندن چھرا ٻُت سان ڍڪيل ھئا. مون کي ٻي خبر ناھي ته ڪير دشمن ھئا ۽ ڪير دوست ھئا انھن جا. مون کي اھا به خبر آھي ته ڪا به شيءِ چوري نه ٿي آھي. پر اھا خبر اٿم ته سنڌ جي نياڻي ۽

سنڌ جو ھڪ پٽ بي گناھہ مارجي ويا آھن.“

پن ڏينھن کان پوءِ انور شاھہ بخاري جو فون آيو:

”مغل صاحب مبارڪ ھجي. قاتل پڪڙجي پيو. اتيئي فريئر اسٽيشن تي موجود اٿوَ.“

”اھو ڪم تمام سٺو ٿيو.“ مون چيو. ”آءٌ ملڻ چاھيان ٿو قاتل سان.“

”سائين ڇڏيو قاتلن سان ملبو آھي ڇا؟“

”نہ آءٌ ملڻ چاھيان ٿو. اوھان ايس ايچ او کي چئي ڇڏيو.“

”نيڪ آھي.“

”مھرباني.“

”پنھنجي ڪچھري پوءِ ٿيندي.“

”نيڪ آھي.“

ٻئي ڏينھن شام جو پنجين بجي مون وٽ ايس ايچ او جو فون آيو تہ اوھين ٻلي اچي ملزم سان ملي وڃو.

مون ارباب کي چيو تہ ڊرائيور کي چئو تہ ھيٺ گاڏي بيھاري ۽ تون مون کي وھيل چيئر ۾ لفٽ تائين وٺي ھل ۽ ٿاڻي تي بہ ھل.

آءٌ ٿاڻي تي پھتس. ھڪ ڪمري منجھہ پنھنجي وھيل چيئر تي ويٺو ھوس تہ ھڪ نوجوان ھٿڪڙين ۽ ڏنڊا ٻيڙين سان منھنجي ڪمري ۾ عجيب سازن سھان اندر آيو.

نوجوان تمام مشڪل سان سامھون پيل ڪرسيءَ تي ويٺو. سندس منھن تي ھڪ اٿجاٽائي واري حالت ھئي.

”اوھان مون سان ملڻ چاھيو ٿا؟“ نوجوان بي پرواھي سان چيو.

”ھا- تنھنجو نالو ڇا آھي؟“

”سائين بخش.“

”آءٌ وڪيل ناھيان. سونا اسان سان گڏ فليٽن ۾ رھندي ھئي.

مون کي تمام وڻندي هئي. الله مون کي ڏيءَ اهڙي ڏي ها تہ ڏاڍو خوش ٿيان ها."

نوجوان مُرڪيو.

"تو سونا کي ڇو ماريو؟"

"سونا ڪاري هئي."

"نہ هوءَ تہ تمام اڇي اُجري هئي."

"اوهان کي ڪهڙي خبر آهي. مان هن جو پاءُ آهيان."

"ڀائرن کي وڌيڪ خبرون هونديون آهن ڇا؟"

"ڀائرن ۾ غيرت وڌيڪ هوندي آهي."

مون کلي ڏنو.

"ڇڱو سائين بخش غيرت ڇا آهي؟"

هو ڪجهہ دير ماٺ رهيو ۽ پوءِ چوڻ لڳو: "سائين آءٌ انٽر سائنس تائين پڙهيل آهيان. مون کي ڇٽ نہ سمجهو. اسان سنڌين وٽ غيرت ۽ بي غيرت هئڻ هڪ وڏو معاملو آهي."

"اهو تہ اڃا بہ چڱو آهي تون انٽر سائنس تائين پڙهيل آهين. شايد سونا بہ بي اي تائين شهر ۾ اچي پڙهيو هو. پر غيرت جي نالي ۾ ڪنهن جي جان وٺڻ ۽ خون ڪرڻ جي توکي ڪنهن اجازت ڏني آهي. قانون بہ انهيءَ جي خلاف آهي. انسانيت يا ماڻهپو بہ اجازت نٿو ڏي. الله بہ انهيءَ جي خلاف آهي. قرآن ۽ بائيبل توريت ۽ زبور ۾ بہ اهڙي ڪا ڳالهہ لکيل ناهي."

"اسان جا رواج اسان جون روايتون صدين کان اسان لاءِ قرآن ۽ بائيبل وانگر آهن."

"رواج ڪنهن ناهيا آهن؟"

"اسان جي وڏن...."

"تہ پوءِ هاڻ بہ وڏا ويهي رواجن ۽ روايتن ۾ ترميم يا ڦيرڦار ڪري سگهن ٿا."

"رواج ۽ روايت اڻ ٽر هوندي آهي. اُن ۾ ڦير جو حق ڪنهن

کي بہ نہ هوندو آهي. خاص ڪري جڏهن عورت جو پير ٿڙي ۽ هوءَ عزت جي پيچري تان لهي وڃي.“

”مرد ڪيترا پيچرا بدلائيندا آهن؟“

”سائين هيءَ دنيا مردن جي آهي. مان ڪڏهن بہ نہ چاهيندس تہ منهنجي ماءُ يا ڀيڻ عزت جو رستو ڇڏي بديءَ واري رستي تي هلن.“

”تون چاهين ٿو تہ پنهنجي زندگي سدائين بند ۾ گذارين؟“

”اهي جيل ۽ ڦاهيون مردن جو شان آهي.“

”اهو بہ وڏن جي رواج ۽ روايتن ۾ شامل آهي. ايئن نہ؟“

”ريت ۽ رواج ڪنهن بہ معاشري جو بنياد آهن.“

”خير هينئر آءٌ وڃان ٿو. توکي ڪنهن ڳالهہ جي شيءِ جي ضرورت هجي تہ مون کي ٻڌاءِ.“

”سائين اڳ بہ ٽي سال جيل ڪاٽي آيو آهيان. ان کان اڳ قومپرست نوجوانن سان ٽي ٽي، چار چار ۽ ڇهہ ڇهہ مهينا بہ جيل ۾ رهي آيو آهيان. ڪابہ نئين ڳالهہ ناهي؟“

مون آخري سوال ڪيو: ”تون قوم پرست تحريڪن ۾ بہ شامل رهيو آهين؟“

”ها سائين اسڪول کان يونيورسٽيءَ تائين...“

مون ارباب کي اشارو ڪيو ۽ هو مون کي واپس وٺي هلڻ لڳو.

”آءٌ وري ايندس.“

”مان هتي اٺ ڏينهن ٻيا رمانڊ تي آهيان.“

آءٌ چپ چاپ هليو آيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو موسم جهڙالي هئي. آءٌ اجا بالڪونيءَ ۾ ويٺو هئس. سونا ۽ محمد عليءَ جا لاش قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم وغيره کان پوءِ، غسل ڏيئي، ڪفن دفن سان هيٺ ڪورٽ

يارڊ ۾ رکيا هئا. ڪامپليڪس جا گهٽائي ماڻهو اڃي گڏ ٿيا هئا. منهنجي دل چيو پئي تہ هيٺ وڃي سونا ۽ محمد علي جو آخري ديدار ڪري اچان پر منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻہ ڏينهن پهرئين جي جيئري جاڳندي سونا سمايل هئي. ڪلنڊڙ، مينهن ۾ پُسيل، ٻهڪندڙ چهرو- سو مون پنهنجو تصور ميسارڻ نٿي چاهيو.

سونا جي ڏيءَ مومل بدر وٽ هئي. هوءَ ننڍڙي رني پئي. اڄ جي نياڻي هئي. ڪيس گهٽي چاڙهڻ هئي. ذهين ڇوڪري هئي.

”مومل ڪي، هيٺ وڃي سونا ڏيکاري اچ.“ مون چيو.

”ويچاري ٻارڙي آهي پريشان ٿي ويندي.“ بدر وراڻيو.

”نہ هن دؤر جي نياڻي ذهين آهي. ڪيسَ ذهن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جو آخري ديدار محفوظ ڪرڻ ڏي. وڃ. بابا مومل، امان سونا ۽ بابا کي ڏسي اچ.“

”ها انڪل.“ مومل سنجيد گيءَ سان جواب ڏنو.

بدر چادر ويڙهي مومل کي وٺي هيٺ ويئي.

مون ”سچ“ اخبار کي کوليو تہ نظر وڃي انهيءَ خبر تي پئي جنهن ۾ ڪاروڪاري ڪري ماريلن جو انگ لکيل هو. 1998ع ۾ ڪل 473 قتل ٿيا جن مان 318 زالون ۽ 155 مرد هئا. سال 1999ع ۾ ڪل 510 قتل ٿيا جن ۾ 349 عورتن کي ڪاري ڪري ماريو ويو ۽ 161 مرد ماريا ويا. سوچڻ لڳس تہ ويهين صديءَ جي آخري سالن جو هي حال آهي تہ پوءِ اوڻويهہ صدي ۾ ڇا ٿيندو هوندو؟

سونا ۽ محمد عليءَ جي ٽيجهي ڪان ٻہ ڏينهن پوءِ، سونا جو پيءُ مون وٽ منجهند مهل آيو. هو هڪ ڏکهو ۽ بدن ۾ ايرو انسان هو. عمر ٻہ سٺ کن هونديس. ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ شهپر وڏا هئس. اکين ۾ بي جان پتليون هيڏانهن هوڏانهن پئي ٿيس. خاموش طبع پئي لڳو. هلڪي نيري رنگ جي شلوار قميص پهريل هئس.

”اوهان کي هي ڏک لڳو آهي؟“ هن منهنجي تنگ ڏانهن اشارو

کيو جنهن تي پلاسٽر چڙهيل هو.

”ها- هاڻ مڙيئي ٺيڪ آهي. هن هفتي ڊاڪٽر پلاسٽر لاهي ڇڏيندو.“ مون چيو.

”اوهان کي سونا جي مارجي وڃڻ جو ڏک نہ ٿيو.“ مون پڇيو.

هن ٿڌو ساهہ ڀريو. آءُ ڪيس تڪيندو رهيس. عجيب بي جان چهرو هو جنهن تي ڪي بہ جذبا نظر نہ پئي آيا.

”ڇا جو ڏک؟“ آخر هن چپ چوريا. ”اسان جن حالتن ۾ رهون ٿا. جن ريتن رسمن جي چنبي ۾ ڦاٿل آهيون؛ اتي ههڙا واقعا روزانو ايئن ٿين ٿا جڻ اوهان مارڪيٽ مان ڀاڄي وٺي آيا.“

”پوءِ بہ سونا اوهان جي ڌيءَ هئي. رت هو.“

”سائين بروبر رت هو. ڌيءَ هئي.“ هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. ”برادري ۽ نصيب سان ڪو منهن اٽڪائي سگهي ٿو!“

”سونا کي اوهان سان ڏاڍو پيار هو.“ مون چيو.

هن روئي ڏنو. لڙڪ سندس ناهموار ڳلن تائين وهي آيا.

”سائين اسين گريب ماڻهو آهيون. گريب هئڻ سان گڏ عزت وارا بہ. گربت نہ پر عزت چيلهہ ڀڃي وڌي آهي.“

مون چيو: ”زال تو ڪاري ڪري ماري. ڌيءَ تنهنجي موپي پٽ ماري سوپ ڪتي. تو جيل ڪمايو. تنهنجو پٽ اڳ بہ هڪ ڏوهہ ۾ جيل ڪاٽي آيو آهي. هاڻ شايد ڦاسي بہ ڪائي وڃي. اوهان ماڻهن جي جيئڻ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ زندگي پياري شيءِ آهي. جيڪا شيءِ پياري هوندي آهي تنهن کي سهڻي نموني ناهي رکبو آهي. اوهين ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو؟“

”سائين اسين ماڻهو آهيون. جيئڻ چاهيون ٿا. پر اسان جي چوڌاري برادري ۽ ان جون رسمون آهن. اهي رسمون ۽ رواج ڏاڍا ظالم آهن. مون بہ پنهنجي زال ماري هئي.“

”چو؟“

”ڪاري هئي!“

”ڪيئن ڪاري هئي. تو ڪيس سڱ سوڏو پڪڙيو؟“

”نہ“

”پوءِ“

”شاديءَ کان ڏھ سال پوءِ مون کي خبر پئي تہ هوءَ پنهنجي ماسات سان ڪريل هئي.“

”ڪريل هئي!“ مون چيو. ”شاديءَ کان پهرين يا پوءِ؟“

”مون سان شادي ڪرڻ کان اڳ.“

”پوءِ ڪڏهن تو پنهنجي زال کي سندس ماسات سان ڳڏ اعتراض جوڳي حالت ۾ ڏٺو.“

”نہ ڪڏهن بہ نہ...“

”پوءِ تو زال ڇو ماري؟“ آءُ جذباتي ٿي ويس.

”مون کي شاديءَ کان ڏھ کن ورهيہ پوءِ مائٽن مان ئي سڌ پئي تہ ايمٽا پنهنجي ماسات اڪبر سان محبت ڪندي هئي ۽ پوءِ سندس مائٽن مون کان ويھہ هزار ۽ هڪ پيٽ لڪائي ورتو ۽ سڱ مون کي مليو.“

”اڪبر سان شادي ڇو نہ ٿي؟“ مون پڇيو.

”هينئر ياد ناهي. پر شايد ڏريون پاڻ ۾ ٺهيل نہ هيون.“

”شاديءَ جي ڏهن سالن ۾ تو ڪڏهن اڪبر پنهنجي گهر ڏٺو؟“

”نہ“

”پوءِ؟“

”پوءِ سائين ڏاڍي ڏک واري ڳالهہ ٿي. اسان زال مڙس ۾ منهن ماري ٿي. زال رُسي وڃي مائٽن ۾ ويٺي. ڇهہ مهينا اُت هئي. مون گهڻائي ايلاز ڪيا. ميڙ وٺي ويس. پر نہ وري. نيٺ اسان جا چڱا مڙس وچ ۾ پيا ۽ سونهن انجام ڏيئي مان ڪيس گهر وٺي آيس. منهنجو مٺو ڦريل هو. پنهنجي زال کي ڏسندو هئس تہ رت اکين ۾ لهي ايندو هو. گهڻو ئي پاڻ کي سمجهائيندو هوس تہ اهو شيطان دل مان ڪڍي ڇڏيان. مون اکين سان ڪا ڳالهہ نہ ڏٺي هئي. بہ

ٻار هئا. سونا ۽ پاڻس سائين بخش. بس منهنجو ڦِرڪو تڏهن ڦريو جڏهن مرشد سائين وٽ ويس ۽ جنهن جي دعا سان سائين بخش ڄائو هو. تنهن کي ٻڌايم ته جيئن ڪا صلاح ڏي. هن چيو ته بابا زاني عورت ۽ ڪاريءَ ۾ فرق آهي. زاني عورت کي مذهب جي مقرر ڪيل حد مطابق سزا ڏبي آهي ۽ ڪاري الله جي وس ۽ پنهنجي وارثن جي وس آهي. مرشد سڳوري پڻ به زالون ماريون هيون. وڏو ماڻهو هو سو لاش رات وچ ۾ لوڙهائي ڇڏيائين ۽ ظاهر اهو ڪيائين ته رنون ڀڄي ويون. ٻن مريدن تي ڪيس به دائر ڪيائين. پوءِ انهن کي به آهستي آهستي سال ٻن ۾ ختم ڪرائي ڇڏيائين. مرشد مون کي چيو هو ته ڪني آگر وڍي ڇڳي. قدرت سزا ڇو رکي آهي. گناهه گار کي سزا نه ڏيڻ به گناهه آهي. پوءِ مون سونا جي ماءُ کي قرآن ڏنو. مان ماستر ماڻهو هئس ۽ دل جو ڪجهه ڪمزور پڻ جنهن کي اسين ڳوناٽا ٻاڙيو سڏيندا آهيون. سونا جي ماءُ طبيعت جي تيز هئي. هن قرآن ته کنيو پر مون کي ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايائين- ۽ هڪ جملو اهڙو چيائين جو مان سهي نه سگهيس ته هوءَ منهنجي لائق ئي نه هئي. منهنجو ماسات منهنجو مڱيندو هو. بس اها ڳالهه منهنجي دل ۾ شيطان کي واپس ورائي آئي. مون ڪا به پڇا ڳاڇا نه ڪئي ۽ انهيءَ ساڳي رات ڪمرو بند ڪري ايمٽا کي ويهي ڪاسائي وانگر ڪُتم. سسي الڳ ڪئي. ٻانهون وڍيونمانس. تنگن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري، رت سان لال کهاڙي سميت ٿاڻي تي پهتس....“

”پوءِ ڪارو....“

”سائين اهو ته شهر ويل هو. وري واپس ڳوٺ نه آيو. پوءِ ٻڌوسين ته دبئي ۾ آهي. مون وري ڪونه ڏٺو.“

”تو ڪڏهن پنهنجي ڪِيئي تي پڇتايو.“ مون آهستي سان پڇيو.

هو پوڙهو ماڻهو ٻڌي ويو ۽ ڪيترين ئي گهڙين خاموش رهيو ۽ نيٺ کنڊ متي ڪٽي چوڻ لڳو: ”سائين انسان بنيادي طور

تي جانور آهي. عقل ۽ سمجهه آهي ته ڇا ٿي پيو! وحشي آهي. اسان عقل ۽ سمجهه سان وحشيپڻو ڏيکاريون ٿا. جانور کي رڳو اها سمجهه آهي ته سامهون شڪار تي حملو ڪرڻو ۽ پنهنجو پيٽ ڀرڻو آهي. پر انسان وحشي آهي هو عقل ۽ سمجهه سان نه رڳو حملو ڪري ٿو پر تباهه ۽ برباد به ڪري ٿو. سائين مان سنڌي فائنل پاس آهيان. ڪجهه ورهيه ماستري به ڪئي اٿم. پنهنجي وڏيري وٽ منشي به رهيو آهيان...."

"منهنجو سوال اجا ساڳيو آهي...."

"ڇا..." هو ڏاڍو ملول هو.

"تو پنهنجي زال کي ماري ڪڏهن پڇتايو؟"

"سائين توهان سونا ڏٺي هئي؟"

"ها."

"هوءَ سونا ڪان به سئو رتيون سرس هئي. ڏاڍي چڱي. طبيعت جي تيز ضرور هئي پر سچ پڇو ته مون سان ڏاڍي محبت ڪيائين. قرب ونڊڻ ۾ ڪمال هئي هوءَ عورت! الائي ڇو اسان وٽ عورت جيترو محبت ڪري ٿي اوترو اسان کي هن جي چلتڻ ۾ شڪ ٿئي ٿو. سائين مون ڪيس ڪاسائي وانگر ويهي وڍيو ڪُٺيو. اُن کان پوءِ منهنجي بدن مان ست نڪري ويو. مون کي ايئن لڳندو آهي جڻ مان بي ستو ۽ بي جان مرد آهيان."

پوڙهو روئڻ لڳو: "سائين مان تباهه ٿي ويس. منهنجي زال ويئي. منهنجي هيرن جهڙي ڌيءَ ويئي. پٽ سدائين جيلن جي حوالي ۽ مان پاڻ کي سُڃ سان ڀريل ريگستان ۾ بيٺل ڪنهن وڻ وانگر سمجهندو آهيان جيڪو ڪڏهن سائو نه ٿيندو."

"سونا سون جهڙي هئي." منهنجو آواز ڀرجي ويو. "سونا جهڙيون ڇوڪريون رب پاڻ ويهي جوڙيندو آهي. مون کي سونا سان عشق هو. مون کي سڌ هوندي هئي ته سونا جهڙي ڌيءَ منهنجي هجي. هاڻ اهو پٽ به ڦاهيءَ چڙهندو. پوءِ تون ڇا ڪندين؟"

”نہ سائين ڦاهيءَ تي چڙهڻ نہ ڏيندوسانس. اجا ڏهہ ايڪڙ زمين اٿم. وڪيل چڱو ڪندس. پٽ بچائي وٺندس.“

”هت ڪراچيءَ ۾ اجا ڪيترو وقت آهين؟“ مون پڇيو.

”هاڻ هت منهنجو ڇاهي. ڇوڪرو جيل پيڙو ٿئي تہ مان سُک سان ڳوٺ وڃان. پوءِ شنوائين تي ايندس پيو. بس ڪنهن چڱي وڪيل جي پڇا ڳاڇا ڪري ۽ سندس مُلهہ ڪري ويندس هليو. پوءِ ڪيس هليو تہ اچبو پيو. اوهان وڏا ماڻهو آهيو اوهان بہ ڪا بہ مدد ڪريو. جج ۽ پوليس وارا وڏن ماڻهن جي سفارش ٻڌن ٿا.“

”چڱو پوءِ ڏسنداسين. پر مون وٽ مڙيئي ايندو ڪر.“

پوڙهو اٿي بيٺو ۽ هٿ ٻڌي ادب سان موڪلايائين.

انهيءَ رات آءٌ وري بالڪونيءَ منجهہ اچي ويٺس. آرام ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هئس. پلاسٽر ٽيل ٽنگ سامهون ٽپائيءَ تي رکي هئي. پرسان ٻي ٽيبل تي پليٽ ۾ ڪجهہ چڪن جون ٻوٽيون پيون هيون ۽ وسڪيءَ جو گلاس پڻ اڌ ڪن رکيل هو. سامهون سونا واري فليٽ جون بتيون بند هيون. ماڻهن کان ٻڌو هوم پوليس فليٽ کي سيل مهر ڪري ويئي آهي. سڄي پرنس ڪامپليڪس ۾ ماڻهن جي اهائي گهماگهمي لڳل هئي. هيٺ نئيڙن ٻارن راند پئي ڪئي ۽ ڪجهہ نوجوان ڇوڪرا جيڪي پندرهين ويهن سالن جا هوندا سي پنهنجن نڪاڻن تي بيٺل هئا. ڪچهريءَ بہ پئي ڪيائون ۽ پنهنجي عمر جي ڇوڪرين کي جيڪي آيون ويون پئي تن کي ڏسڻ ۾ بہ پورا هئا. وڏين عمر جي زالن کي آنٽي اسلام عليڪم ۽ مردن کي انڪل ڇا حال آهي نيڪ آهيو. ڇوڪريون جيڪي آيون ويون پئي سي بہ ڦڙتيءَ ۽ ڪاريگريءَ سان ڇوڪرن تي نظر وجهندي اڳتي هلي پئي ويون. سندن مائرون جيڪي ساڻن گڏ هيون سي پنهنجين ڌيئن کان وڌيڪ ڪاريگر هيون ۽ ڪين سنڀال ڪرڻ جا سڀ هنر آيا پئي پر شهري تهذيب جي

تقاضائن موجب چپ ڪري پنهنجين ڇوڪرين سان اڳتي نڪري وينديون هيون. اها ڪرت تہ روز هوندي هئي. جڏهن کان منهنجي ٽنگ ۾ فريڪچر ٿيو هو ۽ بالڪونيءَ ۾ ويهڻ شروع ڪيو هئم تہ منهنجي لوڪل چاڻ ۽ جنرل ناليج ۾ اضافو ٿيڻ لڳو هو. باقي ڪوٽ سوٽ، بدر ٻڌائيندي هئي. عورتن وٽ معلومات تمام گهٽي هوندي آهي فقط ڪيترو سيڪڙو صحيح آهي ۽ ڪيترو سيڪڙو افواهہ تي ٻڌل آهي انهيءَ جو اندازو اوهان کي پنهنجي عقل ۽ سمجهہ سان لڳائڻ کپي. جي اوهان عورت جي ڳالهين کي سئو سيڪڙو صحيح سمجهيو تہ پوءِ اوهان جو حال فساد ۾ رُڌل هوندو ۽ مستقبل بابت اياڻا بہ اوهان کي ٻڌائي سگهندا تہ ڪيئن گذرندو.

منهنجي هنج ۾ سونا جي ڏنل ڊائري رکيل هئي. ڊائري جا سڀ پنا پيريل هئا. ڊائري 1990ع جي هئي. ان مان سمجهيم تہ هوءَ هيءَ ڊائري گذريل ڏهن سالن کان لکي رهي هئي. ڊائريءَ ۾ روزمرهہ جون ڳالهيون نہ هيون ۽ نڪي هر ڏينهن جي واقعن بابت هئي. وسڪيءَ جي ڍڪ سان مون پيهر ڊائري کولي. اُن کان اڳ ڪي ڪي صفحا کولي ڏٺا هئم. ڪي سٽون بہ پڙهيون هئم.

"آءٌ هاڻ سمهان ٿي وڃي." بدر پنهنجو روايتي جملو چيو.

مون مرڪي ڏنو: "سائين اوهين ڀلي سمهي سگهو ٿا. آءٌ اجا ٿورو جاڳندس."

بدر بہ مرڪي ڏنو. گهٽي عرصي کان پوءِ ايئن مُرڪي هئي.

"اڳي آءٌ اهي اکر چوندي هيس تہ اوهان منهنجي پٺيان پٺيان ايندا هئا."

"هاڻ بہ پٺيان اچڻ لاءِ سڌ ٿئيم ٿي پر ٽنگ پڳل آهي." مون ٺهڪ ڏنو.

هوءَ وڃڻ لڳي. مون کيس سڏيو. هوءَ آئي تہ مون کيس هڪ فرينچ چوٽي ٻڌائي "بنا فرينچ چوندا آهن تہ: The woman, who "has no liking for perfume, has no future.

”مون کي ڊھٹو آهي اجايو پرفيوم ضائع ڪريان.“ بدر بي پرواهيءَ سان چيو.

”اجا بہ ٻڌ. ڪم جي ڳالهہ آهي.“ مون ڪيس روڪيو. ”ميڪ اپ ڪمپنيءَ واري ايلزبيٿ آرڊن هڪ انٽرويو ۾ چيو هو: The "woman, who lost interest in her face, is lost.

”نہ منهنجا سائين آءُ هٿ منهن ڌوئي پونڊس ڪريم هٿي آئي آهيان.“

”پونڊس ڪريم تہ پوڙهيون عورتون استعمال ڪنديون آهن. خير تون پوڙهي ناهين وچي سمهہ.“ مون ڪيس مرڪندي چيو.

هوءَ اندر ڪمري ۾ ويئي هلي ۽ مون سونا جي ڊائري کولي. پهرئين صفحي تي ئي لکيل هو: آمريڪا جي ريڊ انڊين قبيلي جي ماٹهن جي چوٹي آهي: Where there is love there is no Sin- مون کي وسڪيءَ جي ڊڪ مزو ڏنو ۽ هڪ فرينچ ڏاهي جا اکر ياد اچڻ لڳا تہ The woman one who loves always smells good منهنجي هٿ ۾ سونا جي ڊائري هئي. اجا مون کي لفظ پڙهيا هئا پر منهنجي ذهن ۾ الائي ڪيترا لفظ تري آيا جن کي ڏاهن، دنيا جي ڏاهن چيو هو ۽ مون کي انهي مهل خدا جي هڪ ڪتاب توريت جي انگريزي ترجمي ۾ لکيل لفظ بہ ياد اچڻ لڳا.

"When love is strong, a man and woman can make their bed on a sword's blade; when love is weak, a bed of sixty cubits is not wide enough."

مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ خدا کي پيار جي لذت جي خبر ڪيئن پئي جيتوڻيڪ هو عليم آهي جنهن کي سڀ خبر آهي. پر لذت جي ڄاڻ هڪ ڳالهہ ٻي آهي. ڪيس خبر هجي ها تہ آدم ۽ حوا کي جنت مان نہ ڪڍي ها. پيار اڳيان نافرمانيءَ جو ڪارڻ ڪا شيءِ ناهي. مون خدا کي چيو: ”سائين مون کي معاف ڪجائين پر بروچ جي چوڻ مطابق هي سڀ ڪجهہ تون پيو ڪرين ڪورٽ

سگوري ڪٿي آهي. انهيءَ جو تہ ڪو ڏوهہ ناهي.“ مون کي سونا ۽ سندس مڙس جو ايئن قتل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو لڳو هو. ”اي خدا تون هھڙا پيارا ۽ سونا ماڻهو ناهين ٿو ۽ پوءِ انهن کي ايئن ماري ڇڏين ٿو. خالق کي پنهنجي تخليق بابت ڪجهہ بہ خيال نہ آهي. عام پينٽر بہ پنهنجي پراڻي ڪئنواس تان اڳ چٽيل تصويرون ايئن ڪونہ ميساريندو آهي.“ مون آسمان ڏانهن ڏنو جيڪو ٽڪڙن ٽڪڙن ۾ ڪري سان پريل هو. سنڌ جي ساموند طرفان ايندڙ خاڪي ۽ ڪارا ڪڪر، انسان جي جوڙيل بلند عمارتن مٿان ايئن پئي ويا چڻ ڪڪر نہ پر آسمان پاڻ ٽڪڙو ٽڪڙو ڪيڏانهن وڃي پيو تنهن مهل انهيءَ خاڪي ۽ ڪارن ڪڪرن منجهان ڪو راڪاس جهڙو بوئنگ 747 پنهنجين تيز روشنين سان ڪڪرن سان پريل آسمان کي چيريندو ۽ اُپ ڏاريندڙ آواز سان ويو پئي. مون کي انسان جي عجيب قدرت لڳي تہ هو ڪيترو طاقتور آهي جو اُپ کي بہ ڏاري اِڳتي ۽ مٿي نڪري وڃي ٿو ۽ ان سان گڏ خالق جي تخليق کي پنهنجي جوڙيل ڪلاشنڪوف سان ايئن نيست نابود ڪري ڇڏي ٿو جو خالق ڪو اوائلي زماني جهڙو معجزو ڏيکاري انهيءَ تباهہ ڪيل هستيءَ کي پيهر ساهہ وجهي باقي هن دؤر جي انسان جي وحشت اڳيان قدرت بہ الائي ڪٿي آهي! پر مون کي انسان جي عظمت، سمجهہ ۽ فڪر جي قوت ۾ وشواس هو. آءٌ سمجهندو آهيان تہ انسان عظيم آهي. فقط ڏاهپ جي جذبي جو پرچار کپي. انهيءَ جذبي لاءِ ضروري آهي تہ هن دؤر جا ڏاها انسان اڳتي اچن ۽ ڏاهپ ۽ سنئين رستي جي عملي توڙي فڪري تبليغ ڪندا رهن.

سونا جي ڊائري جا صفحا ورائيندو رهيس جيڪو هن جي من ۾ آيو سو لکيو اٿائين. ڪوبہ تسلسل نہ هو. ڪٿ پنهنجي گهر وارن ۽ ڳوٺ جا ذڪر هئا تہ ڪٿ پنهنجي ساهڙيءَ جو ذڪر هو. اسڪول ۾ جا پڙهندي هئي سو بہ لکيل هو. وارن کي وڏي ڪرڻ

جا گھٽائي نسخا لکيل هئا. کوٽيشنس، چوٽيون پهاڪا جام لکيل هئا. پڇاڙي صفحن ۾ محمد عليءَ جي ڏاڏي ساراھہ درج ٿيل هئي. هڪ هنڌ لکيائين جي محمد عليءَ جهڙو پيار جيڪو هو صرف مون کي ڏي ٿو دنيا جي سڀني عورتن کي ملي تہ هيءَ دنيا بهشت ٿي پوي. هڪ پوري صفحي تي لکيل هو: ”محمد علي تمام سٺو ۽ پيارو آهي.“ مون مرڪي ڏنو. پنهنجي ماءُ لاءِ گهٽ هنڌن گهٽو ڪجهہ لکيل اٿس. ”امڙ منهنجي تمام سهڻي ۽ سيبتي آهي. مون کي ڏاڏو پيار ڪري ٿي. رڌ پچاءُ کو منهنجي ماءُ ڪان سکي. ڪجهہ درجا سنڌيءَ جا پڙهيل اٿس ۽ قرآن شريف جو دوُر روز ڪندي هئي. ادا سائين سٺو پر ڏاڏو ظالم آهي مون کي نندي هوندي ڏاڏو ماريندو هو. مون کي ميندي وڻندي هئي ۽ ادا کي ميندي‌ءَ سان چڙ هوندي هئي. مان هر عيد براد ميندي هٽندي هئس ۽ هر ڀيري ڀاءُ مار ڏيندو هو.منهنجا وار وڏا هوندا هئا ۽ هو وارن کان جهلي ڏڪ بجا هٽندو هو جيسين ابي امڙ کي خبر پوي. انهن مان کو اچي ۽ مون کي ڇڏائي. منهنجي ماءُ جي سونهن اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ مشهور هئي. سندس رنگ ڇليل بادامي جهڙو هو. اکيون وڏيون، ڪاريون ۽ ڳالهائيندڙ هيون. اکيون ڪاريون هيون اِن ڪري امان ڪجل کونہ پائيندي هئي. ماٺ ڪري ڪنهن کي ڏسڻ لڳي تہ اڳلو پائيندو هو تہ هوءَ ڳالهائي پئي. مرڪندي گهٽ هئي پر سندس مرڪ ۾ موتئي جي سرهاڻ هئي. گلاب جا گل ڪيس ڏاڏو وڻندا هئا. شام جو هٿ منهن ڌوئي، سينڌ ڪڍي بہ چوٽيون ڇڪي ڪندي هئي ۽ وارن ۾ هڪ اڌ گلاب جو گل هٽندي هئي جيسين ابو گهر اچي ۽ ڏسي. بابا امان کي ڏسي نري پوندو هو.“

رات جا ٻارهن بہ لڳي چڪا هئا. منهنجا وسڪيءَ جا ٽي پيگ پورا ٿي چڪا هئا. بالڪونيءَ ۾ ايئن ئي ويٺو هئس. پرسان بيڊ روم منجهان بدر جي کونگهرن جا آواز آيا پئي. هوءَ ٿڪل زال

هئي. مون سان ۽ نند سان پيار هوندو هئس. منهنجي هٿن ۾ سونا جي ڏائري هئي. مون پڙهي پئي: ”اسان جو ڳوٺ ننڍڙو نه هو ته وڏو به نه هو. اسان جي پرسان ميل کن پري وڏو ڳوٺ هو جنهن ۾ مڊل تائين اسڪول، سرڪاري اسپتال، پوسٽ آفيس، هڪ شاهي بازار ۽ هڪ ڪاٽن فيڪٽري پڻ هئي. جنهن جو اصل مالڪ سيٺ وشنداس هو. اجا به سيٺ وشنداس جا پٽ هريرام ۽ رامچند فيڪٽري جا مالڪ آهن پر هتي 25 سيڪڙو حصو تر جي مشهور گڙنگ زميندار ۽ ارڏي مڙس سائين ورند علي شاهه جي نالي ڪيا ته جيئن تر جي گري گنجي، لوفر يا پوليس جي همت نه ٿئي ۽ کين تنگ ڪن. انهيءَ ڪري ستر جي ڏهاڪي ۾ رام ڪاٽن جننگ فيڪٽري بدران نالو ئي سيد ڪاٽن جننگ فيڪٽري رکي ڇڏيائون. شاهه سائين به سندن خيال ڪندو هو. پوءِ به پيٽرول پمپ ۽ وڏي ڳوٺ ۾ هڪ سئنيما به ٺاهي ورتئون. شاهه سائين مريدن جي ڏن کي پلجي ويو. فيڪٽري، پمپن ۽ سئنيما منجهان ايتري آمدني ٿيندي هئي جو پنجاهه ڪوهن تي به ڪنهن وڏيري وٽ موٽر گاڏي ڪونه هئي پر شاهه سائين وٽ پراڻي جيپ ۽ هڪ موٽر به هئي. ساڳئي ڳوٺ ۾ رئيس سنجر خان وٽ حويليءَ سان گڏ ڪاريٽ، رعب، دڏڪو ۽ به ٽي هزار ايڪڙ اباڻي زمين هئي پر رئيس پئسي ۾ سائين ورند علي شاهه سان پڄي ڪونه سگهندو هو. اسان جو سردار به رئيس سنجر خان هو. بابا کي پائيندو هو. سندس قوم جا ماڻهو پنهي ڳوٺن ۾ هئا ۽ اوسي پاسي پڻ سندس قوم ڦهليل هئي. انهيءَ ڪري ووٽن مهل رئيس کي سرڪار يا پيون پارٽيون گهٽو مان ڏينديون هيون. سائين ورند علي شاهه پئسو ڪمائڻ ۾ رڌل هوندو هو ۽ رئيس سنجر خان وري سياست ۽ ڪامورن جي آجيان ۽ خدمت ۾ رڌل هوندو هو. رئيس جي ڪري ئي بابا جي بدلي نه ٿيندي هئي. پنهي ڳوٺن ۾ پهرين ڪچو رستو لوڪل بورڊ ٺهرايو هو سو رئيس جي مهرباني هئي. هاڻ ته وڏي قومي رستي

ڪان وٺي وڏي ڳوٺ ۽ اسان جي ڳوٺ تائين پڪو رستو آهي. رئيس سنجر خان، ضياءالحق، فوجي صدر جي زماني ۾ مجلس شوريٰ جو ميمبر بہ هو. پر هاڻي هو ووٽ ڪڏهن پيپلز پارٽيءَ تہ ڪڏهن مسلم ليگ جي اميدوارن کي ڏياريندو آهي ۽ هميشہ حڪومت سان گڏ هوندو آهي. رئيس ڪڏهن بہ سائين ورند علي شاهہ سان نہ ڪوسندو آهي. پاڻ ۾ جڻ دوست آهن ۽ ٻئي جڻ اسان جا بادشاهہ ۽ اسين سندن رعيت. نيشنل هاءِ وي کان وٺي، درياهہ جي ڪناري تائين ڪچي توڙي پڪي تي بادشاهي سائين ورند علي شاهہ جي ۽ وڏماڻهپ، رعب ۽ سياسي قوت رئيس سنجر خان جي هئي.

مون بہ تي پنا اٿلايا: ”مان اجا ڇائي بہ ڪانہ هيس تہ چون ٿا تہ منهنجي چاچي بهادر خان پنهنجي زال کي ڪاري ڪري مرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪارو تہ مارجي ويو پر چاچيءَ مڙسي ڪري ٽن ڪپڙن ۾ گهر جي پوئين پٽ ٽپي ميل پنڌ جو ڊوڙندي ڊوڙندي رئيس سنجر خان جي پيءُ، رئيس بنگل خان جي حويليءَ ۾ پناهہ ورتي. اُن وقت رئيس سنجر خان ويهن سالن جو مس هو ۽ دڏڪو ۽ رعب سڄو رئيس بنگل خان جو هو. چاچو بهادر خان تہ وڃي جيل پيڙو ٿيو. پر چاچي اُتي حويليءَ ۾ رهي پئي جت چاچيءَ چواڻي ساهہ ڪٽڻ جي تہ مهلت مليل هئي پر عورت جيترو بہ ذليل ۽ خوار ٿي سگهي ٿي، ان کان بہ وڌ هن آزار واري زندگي گذاري.

مون کي ننڊ پئي آئي پر وري بہ ڊائري جا پنا اٿلايم پئي. هڪ هنڌ آءٌ بيهي رهيس:

”مان ننڍي هئس. مس عمر پنج ڇهہ سال کن هوندي. منهنجو ڀاءُ مون کان ڪجهہ سال وڏو هو. انهيءَ رات اسان جي گهر ۾ حشر جي رات هئي. ڪهرام هو. مان ۽ منهنجو ڀاءُ ٻاهر پڊر ۾ سُتل هئاسين. امان ۽ بابا ڪمري سان گڏ ٿهيل مَنهہ هيٺ ٻن کٽن تي سمهندا هئا. اڌ رات کان پوءِ منهنجي اک کلي. مون

ڏنو امان ۽ بابا جون کٿون خالي آهن ۽ اندر ڪمري ۾ لالٽين جي روشني هئي. ڪمري جا در بند هئا. ڪي اهڙا آواز پئي آيا جيڪي مون اڳ ڪڏهن نہ ٻڌا هئا. در بند هو. پرسان واري دريءَ جو هڪ طاق ڇپو هئڻ ڪري، اُن ۾ وٿي هئي. مان سهڪندي سهڪندي دريءَ تائين پهتس تہ اندر عجيب لقاءُ ڏٺم. بابا پٺ تي اوڪڙون وينو هو ۽ سندس سڄا هٿ ۽ ڪپڙا رت سان ڳاڙها هئا. هڪ هٿ ۾ ڪات هو. اهڙوئي ڪات جهڙو ڪاسائين وٽ هوندو آهي. سڄو ڪات بہ رت سان ڳاڙهو هو. مون کان رڙ نڪري ويئي: ’بابا‘ پر بابا جو مون ڏانهن ڌيان نہ هو. پوءِ مون ڏٺو تہ در جي چانئٺ جي هيٺان سِيرُن منجهان ڳاڙهو ڳاڙهو رت وهي ٻاهر پيو اچي. مان ڊوڙي پاڻ جي کٽ وٽ آيس ۽ کيس اٿاريم تہ بابا اندر ڪمري منجهہ الائي ڇا پيو ڪري. اُٿ! سائين بخش اٿيو ۽ دريءَ منجهان لقاءُ ڏسي، در وٽ آيو ۽ در تي نڪ نڪ ڪرڻ لڳو. مون روئڻ شروع ڪيو تہ بابا کي الائي ڇا ٿي ويو آهي. ايتري ۾ در کليو. بابا ٻاهر نڪتو. سندس هٿ ۾ رت ۾ ٻڏل ڪات هو ۽ پاڻ کي گار ڏيئي، ٿفڙ هٽي پري ڪيائين. مان لکي ويس پر جيئن بابا ٻڌر تائين پهتو تہ مان اندر ڪمري منجهہ گهڙي ويس. منهنجي معصوم عمر! مون الائي ڇا ڏٺو. منهنجي ماءُ جو ڌڙ الڳ، سسي الڳ پئي هئي. فرش سڄو رت ۾ ڳاڙهو هو. پانهون بہ ڌڙ کان ڌار هيون. پوءِ جڏهن وڏي ٿيس تہ ٻين کان ٻڌو هئم تہ بابا امڙ کي ايئن ڪُٺو جيئن قرباني واري عيد تي ٻڪر يا ڦندر کي ليٽائي، ڦٿڪندڙ جانور کي سِير وجهبي آهي. مان ڊوڙي ٻاهر نڪتس ۽ بابا تائين پهتس ۽ وات منجهان مس اُڪليم: ’بابا امان کي ڇا ٿيو آهي؟‘ پر يڪدم ساڳين پيرين پوئتي موٽي ويس. مون بابا جي اکين ۾ رت ڏٺو. منهنجي وات مان رڳو هڪ سوال نڪري سگهيو: ’بابا امان مري ويئي!‘ سائين بخش ڪمري جي در جي چانئٺ وٽ بيٺو هو. ڪنهن مهل ڳترا ڳترا ٿيل ماءُ کي ڏسي رهيو هو تہ

ڪيڏي مهل ابي ڏانهن اکيون هئس. مان مَنهه جي وچ ۾ بيٺي هئس. پوءِ ڪجهه پاڙي وارا آيا. ابي کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي ڪجهه ته حيران ٿيا پر ڪجهه مردن ۽ عورتن جي چهري تي ڪي به تاثرات نه هئا ۽ ڪين اهو سڀ ڪجهه عام رواجي لڳو پئي. 'ميان اهو ڪات ڪٽي يا ته سڌو ٽاٽي وچ يا ڪارو ڳول ڪٽي آهي؟' هڪ پيرسن جهوني مرد بابا کي صلاح ڏني. 'ڪارو هتي ڪونهي!' بابا وراڻيو. 'پوءِ ٽاٽي تي وجُ نه ته جنم ٽيپ يا ڦاهو ڪائي ويندين.' ڪجهه زائفائون ڪمري جي در تائين آيون. امان جا ڳيا ڏسي روئي ڏنائون. مون به روئڻ شروع ڪيو.

ڊائري پڙهندي مون کي اتي ئي ننڊ اچي ويئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ مون پنهنجي ڪلهي تي بدر جو هٿ محسوس ڪيو.

"اوهان کي ننڊ اچي ويئي. هلو ڪمري منجهه. آئو."

آءُ ڊائري هڪ هٿ ۾ جهلي لڪڻ ۽ بدر جي سهاري اٿيس ۽ آهستي آهستي قدم کڻندي ڪمري ڏانهن ويس. بدر منهنجي پرسان سمهي رهي. سندس ڪونگهرن سان سڄو ڪمرو پرجي ويو پر منهنجي ننڊ مون وٽ نه هئي. سونا پاڻ ته عجيب ڇوڪري هئي پر سندس سڄو ڪٽنب وڌيڪ عجيب ۽ پوائنٽو پئي لڳو. منهنجي ذهن ۾ سونا، محمد علي جي بدران، سونا جو پيءُ، ماءُ ۽ چاچيءَ جا ڪردار وڌيڪ محفوظ ٿيڻ لڳا. الائي ڪيستائين ننڊ نه آئي ۽ الائي ڪنهن مهل بي خبر سمهي رهيس. پر سونا جي هٿن سان لکيل هڪ ڪوٽيشن ذهن ۾ ڦري پئي: "Where there is love there is no sin."

[3]

ٻئي ڏينهن آءُ ڀهرين آرٿوپيڊڪ سينٽر ويس ۽ سرجن منهنجو پلاسٽر ڪپي، ايڪسري ڪيو ۽ پوءِ ڊيٽال ۽ پاڻيءَ سان سڄي ٽنگ صاف ڪئي.

"سائين هاڻ بلڪل ٺيڪ آهيو. پر احتياط تمام ضروري آهي. وري ڇئن هفتن ڪان پوءِ اچجو."

"ڊاڪٽر صاحب هي...." مون لڪڻ ڏانهن اشارو ڪيو.

ڊاڪٽر کلي ڏنو ۽ چيو: "اهو چار هفتا تمام ضروري آهي."

آءُ اٿي بيٺس. هلڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ سمجهيم ته ٽنگ ۾ قوت آهي پر لڪڻ تي زور ڏيندي آهستي آهستي ٻاهر آيس ۽ گاڏيءَ ۾ ويهندي ئي ڊرائيور کي چيم ته فريئر پوليس ٿاڻي تي هل.

هڪ دفعو وري آءُ سائين بخش کي پنهنجي سامهون ويهاري ويٺو هوس. ايس ايڇ او جي ڪمري جي ڀرسان هڪ ڪمري ۾ هڪ وڏي ٽيبل ۽ ڪرسيون پيون هيون. سائين بخش ۾ ڪابه ڦيرگهير نه ڏٺم. تازو توانو، ڏاڙهي وڌيل، هٿ ڪڙين ۽ پيرن ۾ پيل زنجيرن جي سازن سان هلندي هو اندر داخل ٿيو.

"صاحب توهان وڪيل ته ناهيو؟"

"آءُ وڪيل نه آهيان. پر هڪ عام پڙهيل ۽ شهري انسان آهيان."

"خير ته آهي ڀيهر آيا آهيو؟"

”يار سائين بخش!“ مون ٿڏو ساھہ پريو. ”مون کي سونا سان ڏاڍي محبت هئي.“

هو کلڻ لڳو: ”سائين اها ڳالھہ پهرين ٻڌايو ها تہ محمد علي واريون گوليون اڏو اڏ ڪريان ها.“

هو کلڻ لڳو ۽ مون بہ مرڪي ڏنو.

”سائين بخش جيڪي ڳالهيون پڇان انهن جو جواب ڏجانءِ.“ مون چيو.

”ٻڌائڻ جهڙيون ڳالهيون سڀ ٻڌائيندس پر ڦاسي جي تختي ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان.“

”تو پنهنجي ماءُ ڏني هئي؟“ مون پڇيو.

”ها امڙ مون کي چڱي طرح ياد آهي.“

”مون ٻڌو آهي هوءَ سهڻي، سيبتي ۽ سگهڙ عورت هئي.“

سائين بخش گنڀير ٿي ويو ۽ ڪجهہ ساعتون سوچي جواب ڏنائين: ”ها.“

”جنهن مهل تنهنجي پيءُ تنهنجي سُگهڙ ۽ سيبتي ماءُ کي کهي ٻُيا ٻُيا ڪيو هو اها مهل توکي ياد آهي.“

”کهندي مون ڪونہ ڏٺو هو باقي....“ هو وري گنڀير ٿي ويو.

”باقي تو پنهنجي امڙ جي سسي ڌڙ کان الڳ ڏٺي. ٻانهون وڍيل الڳ ڏٺيون. ڪمري ۾ رت جو تلاءُ ڏٺو. ايئن نہ؟“

”ها اهو سڀ لقاءُ مون ڏٺو.“

”پنهنجي پيءُ جي هٿ ۾ ڪاسائين وارو ڪات بہ ڏٺو؟“

”ها رت سان ٻريل ڪات مون ڏٺو هو.“

”هاڻ ٻيلا ٻڌاءِ پنهنجي ماءُ جي مرڻ تي، ايئن قتل ٿيڻ تي، توکي ڏک ٿيو هو؟“

”ها هوءَ منهنجي ماءُ هئي. مون کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي. ابي کي الائي ڇو مٿس شڪ ٿيو. اها ڳالھہ مون کي اڄ ڏينهن تائين سمجھہ ۾ نہ آئي.“

”معنيٰ تہ تنهنجي پيءُ کي اهڙو شڪ هو جو سندس پٽ بہ سمجهي نہ سگهيو.“

”ابو وڏي سوچ ۽ سمجهہ وارو ماڻهو هو. اجايو ڪنهن کي ڇو ماريندو؟“

”تو اجايو سونا کي ڇو ماريو؟“

سائين بخش اُٿي ويٺو: ”سائين هاڻ الاهي سوال جواب ٿي ويا. مان هلان ٿو.“

”ترس مون سان ڪجهہ ڳالهاءِ.“

هو وري ويهي رهيو.

”سونا جو ڏوهہ ڪهڙو هو؟“ مون پڇيو.

”سائين توهين شهري ماڻهو آهيو. اوهان جا رواج ۽ معيار ٻيا آهن. اسين جنهن ماحول ۾ رهون ٿا اُت اهو سڀ ضروري آهي نہ تہ مان سڄي عمر ڪارنهن جو تڪو ڪنيو پيو هلان ها. سونا منهنجي ڀيڻ هئي. مون پنهنجي ماءُ کي ايترو نہ ڀانيو جيترو سونا سان پيار ڪيو. محمد علي اسان جي ڳوٺ جو هو پر ذات ڀائي يا قوم جو نہ هو. مون، توڙي ابي سونا کي منع ڪئي تہ پنهنجي غيرت سڃاڻ ۽ سنئين رستي هل. پر هوءَ محمد عليءَ سان ڀڄي ويئي. ڪيس وڏن ماڻهن واري زندگي گذارڻ جو ڏاڍو شوق هو. مون ڪيس ڏاڍو سمجهايو. پر سندس ڀير زور هئا جو مان قتل جي هڪ ڪيس ۾ اجايو اڙجي ويس ۽ ساڍا ڇهہ سال جيل ۾ هوس ۽ سال کن مون کي هنن ٻنهي کي ڳولڻ ۾ لڳو.“

”انهيءَ جي معنيٰ تہ شايد قدرت کي منظور هو تہ هوءَ ساڍا ست سال زندگي ماڻين....“

”ها... شايد قدرت کي بہ اهو منظور هو تہ مان ٻنهي ڄڻن جي زندگيءَ لاءِ عزرائيل بنجي وڃان. سائين سڀ ڪجهہ الله جي مرضي سان ٿئي ٿو. جي آءٌ ڪيس مان آزاد ٿي وڃان، جيل ڪمايان يا ڦاهي چڙهان- سڀ هُن طرفان آهي. اوهان کي واقعي

ڏک ٿيو هوندو. سونا جي ننڍڙي اوهان وٽ آهي. اوهين اُن جو خيال ڪجو ۽ اُن کي سماج جي مقرر ڪيل قانونن تي هلڻ سيکارجو نہ تہ هوءَ بہ پنهنجي ماءُ ۽ ماءُ جي ماءُ وانگر ختم ٿي ويندي. اوهان پاڻ سياڻا ۽ شايد وڪيل بہ آهيو."

"نہ يار وڪيل نہ آهيان." مون چيو. "آءُ هڪ ليکڪ آهيان. هن ڌرتي تي فساد ڏسڻ نٿو چاهيان ۽ خاص طور مرد جي جبر جي ناجائز استعمال جي سخت خلاف آهيان."

"سائين مرد جو جبر ناهي. اها قوت آهي ۽ طاقت آهي. سڄي ڪائنات ڪنهن قوت ڪري ۽ طاقت جي زور تي هلي پئي. اها قوت ۽ طاقت قدرت آهي. قدرت وٽ اٽل ۽ لکيل اصول آهن. نافرماني جي ڪا معافي نہ آهي."

"يار قدرت...!" مون ٿڌو ساهہ پريو. "قدرت عقل ۽ سمجهہ بہ ڏني آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ پيو بہ سائين ڏنو هو. تون سائين بخش آهين. انهيءَ سائين ڏني جي بہ هڪ پيڻ هئي. اُن جو نالو سونا ڪونہ هو پر جيئندي هو. جڏهن هوءَ جوان ٿي تہ هوءَ بہ هر پيڻ ۽ هر ڇوڪريءَ وانگر سونهن ۽ سوڀيا سان ڀرپور عورت هئي. هُن جو پيءُ پير سائينءَ جو ويڙهاڪ مريد هو جيڪو انگريزن سان وڙهيو هو. سندس پٽ سائين ڏني بہ پنهنجي جواني پير سائين جي حڪم مطابق انگريز بهادر سان وڙهڻ ۾ گذاري. سائين ڏني جي بہ سيبتي ۽ سُگهڙ ماءُ هئي ۽ هن ۽ سندس مڙس چاهيو پئي تہ جيئندي هاڻ جوان ٿي آهي سندس سونهن جي هاڪ ضلعن منجهہ هئي، سا پير سائينءَ جي خدمت ۾ پيش ڪجي ۽ ڪين اهو بہ ويچار هو تہ الائي پير سائين اها پيٽ قبول ڪندو يا نہ. پر سائين ڏني جي ماءُ چاڪاڻ تہ عورت هئي ۽ ڪيس مردن جي نفسيات جي خبر هئي، تنهن کي پڪ هئي تہ جيئندي پير سائين جي لاءِ بلڪل لائق آهي. پوءِ پير سائين جي دؤري مهل جيئنديءَ کي پير سائين لاءِ پيش ڪيو ويو ۽ پير سائين بہ ٽي راتيون جيئنديءَ سان گذاريون ۽

پوءِ پاڻ انگريزن جي مخالفت ۾ ويڙهه سبب گرفتار ٿي جيل هليو ويو. پر يار، جيئنديءَ کي جيڪا دنيا ڏيکاري ويو، هوءَ انهيءَ جي راهه جي طالب بنجي پير سائينءَ جي اوسيئڙي ۾ ويهي رهي. جيئندي پاڻ کي ٻين عورتن کان مٿيرو سمجهندي هئي ته هوءَ پير سائينءَ جي اُٺي آهي ۽ جنهن کي پير سائينءَ جا هٿ ۽ پيار نصيب ٿيو آهي. پير سائين ته وڃي انگريزن جي جيل ۾ قانون جي حوالي ٿيو پر جيئندي هر انهيءَ شخص کان پير سائين بابت پڇندر رهندي هئي جيڪو حيدرآباد يا ڪراچيءَ مان موٽيو هجي. ايئن هڪ نوجوان کان جڏهن جيئنديءَ پير سائين بابت پڇيو پئي ته سائين ڏني جي ڳوٺ جي ڪجهه ماڻهن ڏسي ورتو ۽ جيئنديءَ کي ڪاري قرار ڏيئي سائين ڏني کان مطالبو ڪيائون ته بهتر آهي تون پنهنجي هٿن سان ڪاري پيڻ کي مار نه ته اسين اهو فرض نڀائينداسين. نيٺ سائين ڏنو ڀيڻ کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ ڪيس جڏهن مارڻ آيو ته پيڻ چيس ته اهو سڀ ڪوڙ آهي مون ته پير سائين جي خبر چار ورتي پئي. پر سائين ڏني کي رواج جا زنجير ٻڌل هئا ۽ نيٺ ڀيڻ کي چيائين ته تون منهن ٻئي پاسي ڪر ته توکي ڪهاڙي هڻان باقي سامهون شايد هو دل جهلي نه پئي سگهيو. جيئنديءَ فرمانبرداري سان منهن ورائي ٻئي پاسي ڪيو ۽ سائين ڏني، ريت پوري ڪري، منهن مٿي ڪيو ۽ جيئندي، پاءُ جي هٿان مارجي ويئي. زور اڳيان ڪا ڳالهه ناهي. هاڻ تون ٻڌاءِ سائين بخش جنهن مهل تو سونا کي ماريو تو ڪيس چيو ته منهن ورائي ته برست هلايان-؟"

سائين بخش خاموش هو ۽ پوءِ آهستي سان چيائين، "نه سائين! سونا سچو برست گولين جو پنهنجي سيني تي سَٺو ۽ اسان کي اندر ڪمري ۾ وڃڻ کان روڪندي رهي. خير سائين هاڻ مان هلان ٿو."

سائين بخش جو آواز ٻرجي ويو.

اڌ ساعت ڪن اتي ئي ويٺو رهيس. سائين بخش زنجيرن جي

آواز منجھہ واپس ويو پئي. آءٌ بہ اٽيس ۽ انسپيڪٽر کان موڪلائي، ٽاٽي کان ٻاهر نڪري آيس.

اُنهي شام جو بدر هڪ شادي تي ويئي. وچٽو مون کي بہ هو پر منهنجي دل نہ پئي چاهيو. بدر بہ تيار نہ هئي پر مون کيس تيار ڪري موڪليو. بدر کي اهو بہ خيال هو تہ مون پنهنجا ڪجھہ دوست گهرايا آهن انهن جي خاطر مدارت ڪير ڪندو. خير هو منهنجي چوڻ تي مومل کي بہ پاڻ سان وٺي ويئي. مومل کي مون پاڻ وٽ رکيو هو. هوءَ مون کي اسان جو مستقبل لڳندي هئي ۽ سنڌ جي عورتن جو آئيندو بہ مون کي هُن جي چهري ۾ صاف ظاهر نظر ايندو هو. هوءَ تمام ذهين هئي پر ماءُ وانگر ڪليل ڪتاب نہ هئي. مانيٽي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ منهنجي پرسان ويٺي هوندي هئي. هوءَ پنهنجي عمر کان عقل ۽ ذهانت ۾ وڏيڪ هئي. ڇهين جماعت ۾ پڙهندي هئي. نهايت هوشيار هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪانہ ڳالهائيندي هئي. جڏهن بدر تيار ٿي وڃڻ واري هئي تہ مون کيس پاڻ وٽ سڏي چمي ڏني. مومل ڏني.

”چا ٿا ڪريو مومل ڏسي پئي.“ بدر پاڻ ڇڏائي پرتي ٿي بيٺي پر دل ۾ خوش هئي.

”مومل، سونا جي ڌيءَ آهي. هن ضرور اهو چميون ڏنيون هونديون.“ مون چيو.

مومل کلڻ لڳي ۽ آهستي سان چيو: ”منهنجي ماءُ جيتريون چميون منهنجي پيءَ کي ڏيندي هئي اوتريون مون کي بہ ڏيندي هئي.“

”ڏنئي!“ مون بدر کي چيو، ”سونا انهن انسانن منجهان هئي جيڪي پيار ڪرڻ ڄاڻندا آهن. مَنجهن قدرت طرفان ڏنل حيوانڪو جذبو نڪتل هوندو آهي.“

ٿوري دير ۾ آءٌ اڪيلو گهر ۾ ويٺو هئس. مون نوڪر کي

ٻڌايو تہ ٽي چار دوست اچن ٿا. گلاس چلڪائي رک. منهنجي ڪيٽ منجهان بلئڪ لئبل جي اسڪاچ بوتل بہ ڪڍي وٺ. نوڪر بدر جي دڙڪن ۾ منهنجي دعوتن جي ڪري رات جو دير تائين جاڳڻ جو هريل هو.

رات جو انين تائين چار دوست اچي گڏ ٿيا. ہہ وڪيل احمد علي، ايم ايم صديقي، هڪ شيخ صاحب اين جي او هلائيندو هو ۽ هڪ يونيورسٽي جي ايڪنامڪس جو ريٽائرڊ پروفيسر پروانو صاحب هو جيڪو شاعر پڻ هو.

گلاس آيا. بلئڪ لئبل جي سيل ٽٽي ۽ گلاسن ۾ پيگ پريا. دنيا زماني جون ڳالهيون هليون. مون کين ٻڌايو تہ اوهان کي مستقبل جي عورت ڏيکارڻ چاهيم پئي پر هوءَ منهنجي گهر واريءَ سان گڏ فنڪشن تي ويئي هلي."

"جيڪا مائي مارجي ويئي هئي انهيءَ جي ڌيءَ؟" صديقيءَ پڇيو.

"ها."

"اسان اجا تائين انسان جي اوائلي رسمن ۾ جڪڙيا پيا آهيون." صديقي چيو.

"ڪارو ڪاري رسم جي ويجهي مستقبل جي ڪهاڻي بہ انگريزن جي دؤر سان هلي ٿي."

"رسم تہ تمام پراڻي آهي." مون چيو، "۽ سموري دنيا جي تهذيبن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورتحال ۾ موجود رهي آهي. پر يار مون پنهنجي حياتيءَ ۾ رڳو ڳالهيون ٻڌيون هيون. پڙهيون هيون پر ايئن سامهون ڏسڻ ڳالهہ ئي اؤر آهي. انسان جي حيوان هئڻ تي مون کي شڪ هو ۽ اعتبار نہ ڪندو هوس پر هاڻ سونا، سندس مڙس جي قتل کي ڏسي ۽ سونا جي ڏنل ڊائري ڪجهہ پڙهي مون کي الائي ڇا ٿي ويو آهي. پهرين بہ پيگ مون لاءِ ڪوڙ هئا هاڻ چار بہ اثر نٿا ڪن. ماڻهو اهڙو حيوان ٿيندو مون سوچيو ئي ڪونہ

هو. مون کي ماڻهوءَ جي مستقبل ۾ وڏيون اميدون هيون.“

”ماڻهو تہ شروع کان ئي حيوان آهي.“ احمد عليءَ وڏو ڍڪ پريندي چيو. ”قدرت کان شايد ڀُل ٿي هئي جو انسان جي مٿي ۾ وڏيڪ ڪارگر ذهن ڀري ڇڏيو. انهيءَ ڪري انسان پاڻ کي اشرف المخلوقات سڏايو. انهيءَ ۾ خدا جو ڪو ڏوهہ ناهي ۽ خدا کي بہ خبر هئي تہ انسان زمين تي فساد برپا ڪندو ۽ ملائڪن بہ ڪيس اهائي ڄاڻ ڏني هئي. الله سائين انسان جي مٿي ۾ مغز يا ذهن کي Balance ڪري رکي ها تہ چڱو ٿئي ها.“

”پر هزارين سالن جي ارتقا ماڻهپي کي بہ تہ جنم ڏنو آهي.“ مون چيو، ”ماڻهو ماڻهوءَ کي ايئن ڪُهي جيئن جانور ذبح ڪري.“

”انهيءَ جو مطلب تہ ماڻهو اڃا مڪمل ماڻهو نہ ٿيو آهي.“ ايڪنامڪس جي ريٽائرڊ پروفيسر پرواني صاحب چيو: ”آخر ڪيترين صديون اڃا بہ لڳنديون تہ انسان انسانيت جي تقدس کي سمجهندو. قدرت انسان جي ذهن جي هڪ حصي ۾ حرص وجهي ڇڏيو آهي. اهو ساڳيو حرص ٻين جانورن جي ذهن ۾ بہ ملي ٿو پر انهن جي ڪارڪردگي مختصر ۽ محدود آهي. انسان انهيءَ حرص کي نهايت وڏي پئماني تي استعمال ڪرڻ جو گُر ڄاڻي ٿو. اهوئي سبب آهي جو انسان جيتري پنهنجي افزائش ڪئي آهي اُن کان وڌيڪ تباهي، بربادي ۽ موت کي جنم ڏنو آهي. انسان جي پيدائش سان ئي فساد شروع ٿيو. پهريون شڪار قابيل ويچارو هو. اسان جو مذهب اهو ئي ٻڌائي ٿو. پوءِ سلسلو شروع ٿئي ٿو. جانور ڪنهن کي بہ ماري ٿو اها هُن جي جبلتي گهرج آهي ۽ هو قتلام نٿو ڪري. انسان جي تاريخ پڙهو تہ شروع کان وٺي پهرين جنگ عظيم، ٻي جنگ عظيم، ويٽنام، هند جو ورهاڱو، بنگالين جو ڪوس، يهودين جو هولوڪاسٽ ۽ اهڙا ٻيا هزارين مثال انسان ڄاڻي واڻي، تياري ڪري، عقل استعمال ڪري، عمل ۾ آندا آهن ۽ انهن سڀني جو ڪارڻ اهوئي رهيو آهي تہ سياسي ۽ اقتصادي قوت

حاصل ڪرڻ."

"تاريخ جي پس منظر ۾ تہ اها ڳالهہ نيڪ آهي." مون چيو.

"پر هڪ ياءُ پنهنجي پيڻ کي ڪلاشنڪوف جو برسٽ هڻي ٿو جو هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪري ٿي ۽ ياءُ، پيڻ کي ڪاري ڊڪلئر ڪري ٿو. هڪ مڙس ڪات کڻي پنهنجي زال کي ڪاسائيءَ وانگر ڳيا ڳيا ڪري ٿو جو ڪيس شڪ آهي تہ هُو ڪنهن ٻئي مرد سان ڦتل آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪاري آهي. پاڻ کي سوچڻ کپي ۽ ڪونہ ڪو حل ڪيڻ کپي. پاڻ ٻہ وڪيل آهيون، هڪ پروفيسر آهي ۽ آءٌ هن دؤر جو ليکڪ آهيان جنهن کي اسان جا اٿجاڻ اخبار نويس دانشور ٻہ چون ٿا."

سيني انهي لفظ تي ڪليو ۽ گلاس هٿ ۾ کڻي خالي ڪيا.

"هاڻ سيڪو پنهنجو گلاس پاڻ پنهنجي حساب سان ڻاهي. ساقي وارو دؤر مغلن ۽ هند جي ورهاڱي ۽ ائنگلو انڊين تهذيب جي خاتمي سان ويو هليو." مون چيو.

"خدا وسڪي ڪانہ چکي آهي نہ تہ هرويرو ان کي ام الخبائث ڪري ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ تي نہ رکي ها." احمد علي چيو.

"نہ ايئن نہ آهي. اهو ائتم ئي بئنبڌ آهي. ممنوع آهي. منع ٿيل آهي." پرواني صاحب چيو. "۽ هرويرو پيئڻ کان پوءِ بڪواس ۽ ڪفر جا ڪلما ادا نہ ڪريو."

"نہ سائين اهو قانون جو نقطو آهي." احمد عليءَ چيو. "دنيا ۾ چڱا ڪم ڪريو. نيڪ ۽ صالح ٿيو تہ اوهان جو نالو ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ تي نہ رهندو ۽ جنت جي ايوارڊ سان گڏ شراب طهورا توهان کي ملندي. نهايت حسين عورتون اوهان کي ملنديون. هت دنيا ۾ پل ماتا جي داغن سان پريل ڪاري ايمٽا توهان کي ملي هجي."

"يار مون تہ ڪوبہ چڱو ۽ صالح ڪم نہ ڪيو آهي. چاٽي واٽي، جيئن انسان ڪندا آهن." صديقيءَ وڏو ڊڪ پريو ۽ ڳهي

ويو. ”پر جي اتفاق سان مون کي جنت نصيب ٿي ويئي ۽ قدرت طرفان مارلين مونرو يا ايلزبيٿ ٽيلر جھڙي اڇي ۽ سھڻي عورت عطا ٿئي ٿي تہ مان الله سائينءَ کي عرض ڪندس تہ مون کي اڇي ۽ سھڻي عورت نہ کپي مون کي اڄڪلھہ دنيا ۾ ٽاپ جي ڪاري ۽ سونھن سان ڀرپور ماڊل گرل نومي ڪئمپبل کپي. يار ڇا رنگ اٿس. ڇا بدن اٿس ۽ ڇا چپ ۽ اکيون اٿس. لڳي ايئن ٿو تہ الله پاڻ سنڌي جي ڏينھن ناھي آھي. رڳو نگيٽو فلم خلقي اٿائين. اُن کي پازيٽوَ ڇاٽي واٽي ڪانہ ڪيائين.“

”قاعدي موجب جنت ۾ رڳو اڇي عورت ملندي. ڪاري عورت عربن وٽ سھڻي عورت ناھي. الله سائين کي لڳي ايئن ٿو ڀھرين عربن کي خوش ڪرڻو ھو جو انھن رسول ڪريم کان اڳ آيل پيغمبرن کي بہ ڏاڍا سُور ڏنا ھئا.“ احمد علي چيو.

”جي ڪاري عورت جنت ۾ available نہ ھوندي تہ پوءِ عرض ڪندس تہ آمريڪن ڳائڻي ماريا ڪئري عطا ڪئي وڃي جنھن جو ھڪ مائٽ اڇو ۽ ھڪ مائٽ ڪارو آھي.“ صديقيءَ چيو- ”۽ پاڻ غضب جي ميلاپ جو عاليشان نتيجو آھي.“

”يار صديقي. تون واقعي، صديقي آھين. ٻڌو اٿم صديقين جي ڪانہ ڪا ڪَلَ ٽڙيل ھوندي آھي. تون اھي عورتون گھرين پيو جيڪي سڀ الائي ڪيترن ڪافرن ۽ مسلمانن جون استعمال ٿيل آھن.“ شيخ صاحب ڳالھايو. ”سڀ ناپاڪ! سڄي دنيا، ٿي وي، سئنيما ۽ انٽرنيٽ تي انھن عورتن جي عضون جا ڳيا ڳيا ڏنا آھن. قدرت توکي پاڪ صاف، باحيا ۽ اڻ ڇُھيل عورتون ڏيڻ لاءِ تيار آھي. نياڳو آھين. ڇڱا ڪم ڪر ڇڱا.“ شيخ صاحب چيو.

”اسين تہ واقعي چريا آھيون پر توھين شيخ بہ تہ رڳو فائدي جي ڳالھہ سوچيندا آھيو. ڇو نہ ھڪڙي اين جي او ناھيون ۽ ڇڱا ڪم ڪريون ۽ الله کان انعام حاصل ڪريون. دنيا ۾ بہ فساد گھٽ ٿي وڃي.“

مون وچ ۾ ڳالهايو.

”يار اسين مرد جت به ويهون ٿا عجيب مرداني قسم جون ڳالهيون ضرور ڪريون ٿا ۽ انهن ڳالهين جو محور عورت ئي هوندو آهي. پر اج آءٌ تمام گنڀير ڳالهه ڪرڻ وارو آهيان.“

”يار ماٺ ڪريو گنڀير ڳالهه ٻڌو.“ صديقيءَ چيو.

”اسان جي هن ڪامپليڪس ۾ ڪجهه ڏينهن ٿيا ٻه قتل ٿيا آهن. هڪڙو نوجوان جيل ۾ هو. هو جيل مان آزاد ٿي فجر مهل هت آيو. سندس ڀيڻ جو فليٽ هت آهي جيڪا پنهنجي مڙس ۽ ڌيءَ سان گڏ هت رهندي هئي. ڀاءُ جي ذهن ۾ هوءَ ڪاري هئي ۽ هن ڀيڻ کي ماريو ۽ ڀيٽيوي کي به ڪارو ڪري ماري ڇڏيو. ننڍڙي ڌيءَ مومل اُن وقت ڪانه هئي نه ته اُها به مارجي وڃي ها.“

”مون اخبار ۾ اهو قصو پڙهيو هو.“ احمد عليءَ چيو.

”توهان سڀني پڙهيو هوندو. مون ته پاڻ ڏٺو آهي. پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته سنڌ ۾ قتل جا اهڙا واقعا ڪيئن بند ٿين. هي ڪارو ڪاري هڪ رسم نه پر سماجي ادارو ٺهجي پيو آهي. رڳو قاتل ۽ قتل ٿيل انهيءَ ۾ ڪردار نه آهن. سماج پڻ انهيءَ ۾ حصيدار آهي. سردار ۽ چڱي مڙس جو پڻ وڏو هٿ ۽ ڪردار آهي. قانون جي تشريح پڻ عجيب آهي.“

”قانون کي ابتو سبتو ڪرڻ وارا به اوهين وڪيل آهيو. چوريءَ کي ڏاڙو چئو ۽ همراهه پنج ڇهه سال سوگهو. جنهن قتل ڪيو سو بي گناهه. اپيل ۾ ڇُٽي آيو.“ شيخ چيو.

”اهي ڳالهيون ته صديون پراڻيون آهن.“ احمد علي چيو، ”پر ڪارو ڪاري رسم پڻ نه رڳو صدين کان هلندي اچي پر اِن جي شروعات سنڌ ۾ نه پر عربستان ۾ ٿي. هينري جيمس پنهنجي ڪتاب ”دي پرگنا آف چاندوڪا“ ۾ سن 1854ع ۾ لکيو هو ته ڪارو ڪاريءَ جي رسم هت عام جام آهي. پر اها عربستان ۾ به آهي. اُن وقت عراق ۾ به اها رسم موجود هئي جنهن کي اتي جي

زبان ۾ غسلان لِل ارّ چوندا هئا يعني بي حيائيءَ کي رت سان ڌوئڻ- ۽ رڳو شهرن ۾ قاتل کي معمولي سزا ڏيندا هئا. ٻهراڙين ۾ تہ انهيءَ ڏوهہ کي ڏوهہ ئي ڪونہ سمجهبو هو. اسلامي قانون موجب Corporal سزا آهي پنهي چٽن لاءِ....

”جڏهن چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪئي اُن وقت ڪارو ڪاري جو ڏوهہ ڪنهن بہ ريت ڏوهہ ۾ شامل نہ هو.“ احمد علي وڏيڪ ڳالهايو: ”انهيءَ مان اهوثابت ٿئي ٿو تہ ٽالپرن جي دؤر ۾ عورت کي مارڻ عام ڳالهہ هئي. انهيءَ ڪري چارلس نيپئر اهڙين وحشي رسمن ۽ ڏوهن لاءِ سخت قانون ٺاهيا. ڪيس ڪارو ڪاري رسم هيٺ عورت کي خون ڪرڻ سخت خراب لڳندو هو ۽ انهيءَ ڪري اعلان ڪيائين تہ هاڻ جنهن بہ مرد پنهنجي زال يا ڀيڻ يا ڪا ٻي مائٽياڻي ڪاري ڪري ماري تہ اُن مرد کي موت جي سزا ڏني ويندي. نيپئر انهيءَ ڳالهہ تي عمل بہ ڪيو. پر سائين سنڌي بہ عجب قوم آهي. نيپئر کي جاڻ ملڻ شروع ٿي تہ هاڻ عورتن جي آپگهات جا ڪيس وڌي ويا آهن ۽ مرد پنهنجي عورت کي ماري، مشهور اهوئي ٿو ڪري تہ خودڪشي ڪئي اٿس. جڏهن نيپئر کي پڪ ٿي تہ خودڪشيءَ جي بهاني عورتن جو قتلام جاري آهي تہ هن هڪ ٻيو آرڊر جاري ڪيو تہ جنهن بہ ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ عورت جي آپگهات جو ڪيس ٿيو تہ سڄي ڳوٺ کي سزا طور ڏنڊ ڀرڻو پوندو. ڳوٺ جو ڪاردار برطرف ڪيو ويندو ۽ قتل ٿيل عورت جي مڙس جي سموري ڪٽنب کي بہ قيد ڪري ڪراچي سزا خاطر آڻبو. نيپئر وڌيڪ اعلان ڪيو تہ جنهن بہ ڳوٺ ۾ ڪاري ڪري يا خودڪشيءَ جي بهاني عورت قتل ٿي تہ انهي ڳوٺ جا سمورا رهاڪو خطري ۽ اهڙي آزار ۾ هوندا جو هو ان مهل ئي ڪنبڻ شروع ڪندا جنهن گهڙيءَ ڪا عورت قتل ٿي آهي ۽ اُهو ڏينهن اُنهن سڀني ماڻهن لاءِ نحس ڏينهن هوندو. انهيءَ اعلان ڪان پوءِ ڏوهہ ڪهنجي ويا. پوءِ جلدي ئي نيپئر کي اعلان ڪرڻو پيو تہ هو

مئجسٽريٽ کي حڪم ڏي ٿو ته جڏهن به اهڙو واقعو ٿئي ته ڪاردار صحيح جاچ ڪري رپورٽ ڪري نه ته ڪيس نتيجو ڀوڳڻو پوندو. اهو ڏوهه قانون موجب سختي سان نبيريو وڃي. تاريخ ۾ آهي ته اهو ڏوهه پوءِ به گهٽ نه ٿيو ۽ 1852-53ع هڪ سال ۾ 42 اهڙا ڪيس ٿيا. بيوفا زالن ۽ جانورن جي چوريءَ جا معاملا وڌندا رهيا. موت جي سزا به ڪارو ڪاري جا قتل گهٽائي نه سگهي. پوءِ آخر جج ائڊووڪيٽ جنرل کي نيٺ سزا بدلائڻي پئي. هن فيصلو ڪيو ته موت جي سزا به سنڌين لاءِ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي ۽ اُن وقت هڪ ٽالپر، مير خان محمد صلاح ڏني ته سنڌي پنهنجي زمين سان لاڳاپيل آهن ڪين عمر قيد ”ڪاري پاڻي“ ڏانهن موڪلجي ته پوءِ مسئلو حل ٿيندو. ڪارو پاڻي بنگال جي اُپسمنڊ ۾ به ٻيٽ آهن، اِنڊمان ۽ نِڪوبار جيڪي چڻ سڄي دنيا کان ڪٽيل آهن ۽ مجرم کي جنم ٽيپ اُت ڪاٽڻي پوندي جت ڪو به مٽ مائٽ نٿو وڃي سگهي. سنڌي ماڻهن کي پنهنجي زمين، ڪٽنب، احباب ۽ زبان کي ڇڏڻ تمام ڏکيو آهي انهيءَ ڪري جيستائين نيئر هو، ناپر ٿي ويئي پر پوءِ آهستي آهستي ڀيهر انهي ڏوهه ڪر ڪنيو. اها ڳالهه تيستائين هلي جيستائين انگريز بهادر 1862ع وارو پينل ڪوڊ نافذ ڪيو. قلم 302 ۽ 304 سنڌين جي بچاءُ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳا. انگريز وڪيل ۽ هندو وڪيل گهٽ سزا لاءِ قلم 302 کي 304 ۾ بدلائڻ لڳا ۽ اڻ پڙهيل ۽ ذهين سنڌين کي ڀه ٽي سال ٽيپ ڏياري ڪائنن پنجاهه سئو ايڪڙ زمين يا ته ديوانن ۽ واڻين وٽ گروي رکائڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا يا وري اوٽي پوٽي اگهه تي زمين ڪين وڪٽي، ڪيس تي لڳل پئسا ۽ وڪيلن جون فيون ڏيندا هئا. ايئن سنڌي مسلمان مُڇ وٽي ور ڇنڊي، ڪيسا خالي ڪري عزت بچائي پيا هلندا هئا. 1862ع وارو قانون اجا پيو هلي. ڪير بدليندو؟“

محفل هلي پئي.

مون چيو: ”سنڌ جا رهاڪو هڪ عجب نفسياتي معاملي ۾

ورتل آهن. منجهن ارتقائي عمل نهايت سست آهي. ويهين صدي ختم ٿي آهي جنهن سڄي دنيا کي بدلائي ڇڏيو آهي. پر سنڌ ايئن ٿي لڳي ڄڻ اڃا ارغونن جودؤر به نه آيو آهي. اڄ هيومن رائيٽس ڪميشن وارن پنهنجي رپورٽ ظاهر ڪئي آهي ته سن 1999ع ۾ 266 عورتون ڪارو ڪاري رسم جي صدقي قتل ٿي ويون. اِن ڪان علاوه 597 عورتون زنا بالجبر جو شڪار ٿيون آهن. Sexual harrassment جا ڪيس الڳ آهن. جن عورتن کي زنا بالجبر ڪيو ويو آهي تن مان 286 Gang Rape جا ڪيس آهن. يار اهي ڪيس ته اُهي آهن جيڪي رپورٽ ٿيا آهن ۽ منظر عام تي آيا آهن. اڄ ئي ڊان اخبار ۾ هڪ خبر دنيا جي ٻين ملڪن بابت آهي ته هر ٽين عورت مرد جي ڏاڍاين جو شڪار ٿئي ٿي. انهن ملڪن ۾ لئٽن آمريڪا ۽ آفريڪا جا به ڪجهه ملڪ شامل آهن."

"يار هي به طاقت جو مظاهرو آهي." صديقيءَ چيو. "مرد فزيڪلي وڌيڪ مضبوط آهي انهيءَ ڪري هُو ڪمزور کي هيسائي ٿو، ماري ٿو ۽ پنهنجي عظمت قائم ڪري ٿو ۽ انهن سڀني ڳالهين جو بنياد پنهنجي معاشري ۾ رائج رسمن جي آڙ ۾ ڪري ٿو."

"پوءِ ڇا ڪجي؟" مون چيو ۽ منهنجي ذهن ۾ بلئڪ لئبل ڪجهه وڌيڪ ولوڙ ڏني پئي.

"منهنجي خيال ۾...." صديقيءَ ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ ڳالهائڻ لڳو. "انسان بنيادي طور تي جانور آهي. ڪيس چاڻ آهي ٻين خونخوار جانورن ڪان وڌيڪ بهتر نموني ۾ ڪيئن جانورن يا انسانن کي مارجي. اهو شعور آهي. سمجهه آهي ۽ ساڃاهه آهي. جيڪا رب سڳوري سڀني جانورن منجهان رڳو انسان کي لامحدود انداز ۾ بخشي آهي. ٻين جانورن ۾ به شعور آهي پر فقط اوترو جيترو سندن جياپي لاءِ ضروري آهي. انهيءَ ڪري مان سمجهان ٿو اوهان قانون جي ناهڻ ۽ نافذ ڪرڻ سان گڏ انسان کي tame ڪريو ۽ ڪيس سڌاريو. ايئن ئي جيئن ڪيس ڪپڙن پائڻ جو شعور

آهي. هو ڪڏهن بہ گهر مان اگهاڙو ڪونہ نڪرندو. ڪيس موسمن جي سختي ۽ گرمي جو احساس آهي. انهيءَ احساس سان ڪڏهن بہ گهٽتائي نہ ڪندو. مرد خونخوار جانور بہ آهي. عورت ڪمزور هئڻ سان گڏ جسماني سونهن جي مالڪ آهي. اها سونهن هن جو هٿيار بہ آهي ۽ اهڙي ريت هوءَ سازش بہ ڪري ٿي. مرد جي اثارتي ۽ طاقت کي چئلينج بہ ڪري ٿي. پوءِ ڪٿي ڪامياب بہ وڃي ٿي ڪٿي مارجي وڃي ٿي."

"اهي سڀ ڳالهيون صحيح آهن. پر منهنجو سوال اجا ساڳيو آهي تہ نيٺ ڇا ڪجي. هاڻ اسين ايڪويهين صديءَ ۾ اچي پهتا آهيون. ايئن انسان انسان کي نہ ماري. هر انسان آزاد آهي. ڪنهن جي وس ٿيڻ بڪواس آهي. جهالت آهي." مون چيو.

"يار ايئن نہ آهي." صديقيءَ چيو. "مون کي پنهنجي ڳالهہ پوري ڪرڻ ڏيو. بہ انسان آزاد ۽ پنهنجي مرضي وارا ٿي نٿا سگهن. ضرور ڪمزور، ڏاڍي جي ڪنهن حد تائين تابع هوندو. قدرت ۽ فطرت جي تقاضا بہ اها آهي. زوراور ضرور پنهنجو زور ڏيکاريندو. طاقت پنهنجو رستو پاڻ ناهي ٿي. طاقتور جاندار، زور ۽ ڏاڍ جو نماءُ ڪري ٿو. عورت مرد جي تابع آهي. ننڍي آهي تہ پيءَ جي ڏيءَ ۽ ڀاءُ جي ڀيڻ آهي. جوان ٿئي ٿي هڪ ٻئي هنڌ تابع ٿئي ٿي يعني ڪنهن بہ مرد جي زال بنجي ٿي. ڪراڙي ٿئي ٿي تہ جوان پٽن جي حوالي ٿئي ٿي. هوءَ سدائين ڪمزور رهي ٿي. هن جي فطرت ۽ بدن ۾ پيار ڦهلائڻ جي قوت آهي. هوءَ پيءَ مڙس ۽ پٽ کي چاهي ٿي. پر سندس مٽي ۾ بہ قدرت شعور رکيو آهي ۽ جنهن مهل بہ پنهنجي مرضي حاصل ڪرڻ يا آزاد ٿيڻ چاهي ٿي تہ هوءَ ڪمزور، طاقتور جي زور ۽ ناهيل رسمن کي ٽوڙڻ چاهي ٿي. اسان کي، مرد کي، ٻالجتيءَ کان وٺي سندس شعور ۽ سمجهہ ۽ اسڪولي سبق وانگر قانون جي بالادستي ۽ اخلاق ۽ سهپ جا ڄڻ وجهڻا پوندا. ڪيس ذهني طور تي rational ۽ با اخلاق ۽ cultured ناهٺو

پوندو. اوھان ڏسو شينھن، ڪتا، رڇ يا خونخوار جانور به ته آخر tame ٿين ٿا تيئن ئي انسان کي به cultured ۽ tame ڪرڻو پوندو- ۽ عورت بابت ملڪيت وارو تصور آهستي آهستي ختم ڪرڻو پوندو."

"هيترا هزار سال گذرڻ کان پوءِ به، هيترا لک پيغمبر اچڻ کان به پوءِ اسين سمجهون ٿا ته انسان اڃا پوري طرح سڌريل شڪل ۾ نه آيو آهي." احمد عليءَ پڇيو. "ڇو؟"

"ساڳيو جواب آهي." صديقيءَ چيو. "قدرت طاقت ۽ شعور جو مقدار ۽ توازن مرد جي پاسي ڪيو آهي. تاريخ کان پهرين زماني ۾ تاريخي دؤر ۾ عورتن جو ذڪر يا ته آيو ئي ڪونهي. جي آهي به ته تمام ٿورو ۽ غير اهم. هيءَ صدي جيڪا هاڻ ختم ٿي آهي تنهن ۾ ڪيترن هزارن سالن کان پوءِ عورتن جو نالو، اهميت ۽ سندن حقن جو ذڪر ٿيو آهي- ۽ انهيءَ سڄي معاملي ۾ به ٽي حصا مرد جي حصي ۾ اچن ٿا ۽ مس هڪ حصو عورتن جي ڪاتي ۾ ايندو جي انهن پنهنجي حيثيت مڃرائڻ يا حقن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪي جتن يا اڳرائي ڪئي آهي. يورپ يا آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق هاڻ پنجاهه سٺ سال مس ٿيا آهن جو مليا آهن. سائنس، علم، مذهب يا طاقت جي نماءُ ۾ عورتن جو حصو ڇڻ آهي ئي ڪونه. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نالا ملن ٿا يا ماڳهين بس. ڇو؟ منهنجي سمجهه ۾ اچي ٿو سندن اڳيان مرد جي قوت جي ديوار هئي. جت به مرد وسعت خيالي ڏيکاري آهي اُت عورتون اڳتي وڌيون آهن. جي مذهب کي به ڏسبو ته الله مرد کي پنهنجو نائب يا خليفو مقرر ڪري زمين تي موڪليو آهي ۽ عورتن لاءِ هن کي مجازي خدا بنائي ڇڏيو اٿس. عورت کي سندس ساٿي يا تفريح لاءِ يا تحفي طور پيدا ڪيو اٿس. مرد اڃايو ڦونڊ ۾ ڀريل آهي ته عورت سندس پاسراٽين منجهان ٺاهي ويئي آهي ته جيئن مرد جيڪو اڪيلو هو، اُپاٽڪو هو سو مُونجهه ۽

monotonous حالت منجهان نڪري اچي."

"ادا اهي سڀ ڳالهيون چڱيون آهن." مون چيو، "مون بہ ڪوڙ سارو مطالعو ڪيو آهي ۽ الائي ڪيترا واقعا ذهن ۾ ايندا ويندا آهن. پر اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ جنهن ريت اسان عورت کي ڪاري ڪري ماريون ٿا، سا ريت دنيا ۾ ڪٿ بہ نہ آهي. ٻين نمونن ۾ ضرور آهي. اسان جو هيٽرو نـنڍڙو ملڪ ۽ اسـان هيڏو انڌير ڪريون پيا. اڌ ڪان وڌيڪ عورتون بنا ڪنهن ڏوهہ جي مرن ٿيون. مون کي سکر جي هڪ جيلر ٻڌايو تہ اسان هڪ جوشيلي همراهہ کي هڪ ڏوهہ ۾ پاڻ وٽ باندي ڪيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سندس نندو ڀاءُ آيو. سچي ملاقات جو مرڪز اهوئي هو تہ بدلو ونٽو آهي تہ هن وڏي قيدي ڀاءُ جوش منجهان چيس 'ڀاڙيو نہ ٿجائين. پيو ڪوگهر ۾ ناهي تہ اها ڪراڙي امڙ ڪڏهن ڪم ايندي. ڪراڙيءَ کي ماري هن ڏر جو فلاڻو پريو مڙس ڪارو ڪر تہ خبر پوين."

صديقيءَ ٺهڪ ڏنا ۽ چيو تہ اسين سنڌي عجب نفسيات جا ماڻهو آهيون. منهنجو هڪ دوست جتوئي آهي تنهن ٻڌايو تہ اسان ۾ هڪ اڌ مغزي هو تنهن ويٺي ويٺي بندوق کڻي پنهنجي جوان گهوڙيءَ کي ماري وڌائين ۽ پوءِ اعلان ڪيائين تہ گهوڙي ڪاري آهي ۽ فلاڻي چڱي مڙس جو گهوڙو بہ مارٺو آهي ۽ چڱو مڙس بہ ڪارو آهي. ڳالهہ وڏي وئي نيٺ چڱي مڙس فيصلي ۾ اسي هزار ڏيئي پنهنجي ۽ پنهنجي گهوڙيءَ جي جان ڇڏائي."

سڀ کلڻ لڳا.

"مغلن جي شهنشاهيءَ ۾ هڪ قانون هو جنهن کي چنگيز خان کان وٺي "تُوره چنگيزي" چوندا هئا. انهيءَ قانون مطابق جيڪا بہ عورت بادشاهہ کي وٽي ويئي اها پنهنجي مڙس تي حرام ٿي ويندي هئي ۽ اُن عورت کي هار سينگار ڪرائي بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪبو هو. ابوالفضل آئين اڪبري ۾ لکيو آهي تہ دربار ۾ ڪن

رقص کندڙ خوبصورت عورتن کي سِيزده تالي يعني تيرنهن تالڻ چئبو هو جيکي ڳائڻ ۽ نچڻ مهل تيرنهن تال ڏيکاريندڙيون هيون جيکي سندن زيورن ۾ لڳل گھنگھروئن مان وڄندا هئا. چار گھنگھرو کرائين ۾، چار کلهن وٽ ٻہ ڇاتين تي باقي پيا آڱرين ۾ هوندا هئا. 15هين صديءَ ۾ يورپ جون وڏي عمر جون راڻيون نوجوان ڇوڪرين کي مارائي انهن جي تازي رت سان وهنجنديون هيون تہ جيئن سندن جواني قائم رهي. گانديءَ پاڻ سان هڪ ٻہ جوان اگهاڙيون ڇوڪريون سمهاريندو هو تہ جيئن سندس اسي سال کان مٿي جسم ۾ گرمائش جون لهرون پيدا ٿين. حضرت دائود پيغمبر بابت، عهدنامي قديم ۾ آيل آهي تہ هن ٻہ پيرسنيءَ ۾ هڪ جوان ڇوڪري شونيت ابي شاگ سان نڪاح ڪيو هو تہ جيئن سندس جسم ۾ گرمي ۽ شباب ڀيهر اچي ۽ نسل ٻہ وڌي." مون چيو.

"اوهان قديم زماني جي تاريخ ڏسندا يا ان کان پوءِ آهستي آهستي ترقي ڪيل زماني جي تاريخ ڏسندا-" مون چيو، "عورت هميشہ مرد جي قوت ۽ جنسي ڏاڍ جي تابع رهي آهي. عيسوي اخلاق جي موجوده ڳالهين جو دارومدار ٻہ توريت ۾ بيان ڪيل اخلاق تي ٻڌل آهي جن ۾ انجيل اچڻ ڪري ڪجهہ واڌ يا ڪمي ٿي آهي. توريت ۾ لکيل آهي تہ عورت مرد لاءِ اولاد جي افزائش لاءِ آهي ۽ انهيءَ ڪري هڪ مرد ۽ وڏيڪ عورتون رکڻ جو رواج پيو. بادشاهن لاءِ هڪ زال جو حڪم هو پر انهيءَ تي عمل نہ ٿي سگهيو. حضرت دائود وٽ گهٽيون ئي زالون هيون. حضرت سليمان وٽ تہ ٿي سئو رکو ڪنيزون هيون. قريبي مائٽيءَ وارين زالن سان زنا ڪرڻ ٻہ توريت مان ثابت ٿئي ٿو ۽ حضرت ابراهيم پنهنجي ماٽيجي ڀيڻ ساره سان نڪاح ڪيو. اها ڳالهہ ٻہ اُن ۾ لکيل آهي. حضرت ابراهيم جو هڪ پار سندس زال جي نوڪرياڻيءَ منجهان ٿيو ۽ حضرت يعقوب ٻن ڀيڻن سان شادي ڪئي. منهنجو مطلب آهي تہ عورت جو مرتبو يا مان شروع کان ئي مرد جي مرضيءَ جي تابع

رهيو آهي. لوط جو قصو توريت ۾ درج آهي تہ ڪيئن ڇوڪريون مهمانن کي پيش ڪيون ويون هيون. ابتدائي عيسويت ۾ عورت کي ناپاڪ تصور ڪيو ويندو هو. ۽ دنيا ۾ تباهي جو باعث بہ عورت کي سمجهيو ويندو هو. ترٿولين (Tertullin) عورت کي دوزخ جو دروازو سمجهندو هو. مطلب تہ پيغمبر ۽ سندن اعليٰ پوئلڳ بہ عورت کي گهٽ سمجهندا هئا تہ آخر انهن پيغمبرن کان پوءِ اڄڪي دنيا ۾ بہ عورت کي گهٽ ئي سمجهيو پيو. انهيءَ ڪري اسلام ۾ عورتن جي حقن ۽ فرضن جي وضاحت تفصيل سان ڪيل آهي ۽ کين پنهنجي دؤر جي لاڳو قانونن ۽ رسمن کان وڌيڪ ۽ مناسب حيثيت ۽ جاءِ ڏني ويئي. پر تنهن هوندي بہ مرد کي سندس مجازي خدا قرار ڏنو ويو ۽ طلاق جو هٿيار بہ مرد جي هٿ ۾ رهيو."

"يار تون واقعي دانشور آهين." پرواني صاحب کلندي چيو.

"ايئن تہ تاريخ جا اڌ کان وڌيڪ صفحا پريل آهن جن ۾ عورتن کي گهٽ ڪري ڏيکاريو ويو آهي. اهي سڀ تاريخون توڙي مذهبي ڪتاب مردن جا لکيل آهن. مردن کي اهو نہ پلجڻ ڪپي تہ هُن بہ اهڙي هڪ عورت جي جسم مان جنم ورتو آهي. مرد پنهنجي قوت جي نشي ۾ عورت کي نہ رڳو عذاب ڏيئي ٿو پر تمام گهٽو خوار بہ ڪري ٿو. عورت جي جنهن عضوي مان هو تخليق ٿي دنيا ۾ زورآور بنجي ٿو؛ حاڪم بنجي ٿو؛ دانشور بنجي ٿو- تنهن لاءِ اهو بہ چئي ٿو تہ قدرت عورت کي لذت ۽ مزي حاصل ڪرڻ لاءِ تخليق ڪيو آهي پر سڄو مزو، لذت ۽ مستي، قدرت عورت جي انهن عضون ۾ رکي آهي جيڪي پيشاب، گونهہ ۽ گندگيءَ جا مرڪز آهن. مرد پنهنجي طاقت ۾ عجب ذات آهي. عورت لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي ٿو. لڪين مردن کي عورت لاءِ قتلام ڪري ٿو. خدا جي خدائيءَ کان بہ مُنڪر ٿيو وڃي. تاريخ ۾ الائي ڪيتريون جنگيون عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ لڳيون آهن. هيلن آف ٽراءِ، قلوپيٽرا انهن جا وڏا مثال آهن. عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ جبل

ڪوٺي فرهاد ڪير جي نهر وهائي ٿو. پرروچ شهزادو پنهون ڏوهين وانگر ڪپڙا ڌوئي ٿو، چام تماچي ڪِڪَ ۾ وڃي ويهي ٿو ۽ رات ڏينهن گذاري ٿو. مير علي مراد ٽالپر باليءَ خاطر ڇا ڇا نہ ٿو ڪري. نيٺ رياست جا خزانا خالي ٿي ويس تہ لکنوءَ جي طبلچيئن ۽ هارموني وڄائڻ وارن کي هندو سيٺين کان وياج تي قرض وٺي پئسا ڏنائين ۽ جان ڇڏائي. ميهار سهڻي لاءِ ران جو گوشت وڍي، پچائي، سهڻيءَ جي بک لاٿي. عمر سومرو رڳو مارويءَ جي سونهن پٺي، هيليڪاپٽر جهڙي اُٺ تي رات وچ ۾ عمرڪوٽ کان پالوا پهتو. عجب اُٺ هو. هاڻ اهو پنڌ رات وچ ۾ پاجيرو جيپ بہ ڪونہ پورو ڪري سگهندي. مون کي اها ڳالهہ ڏند ڪٿا لڳي ٿي. اهڙا پيا بہ عاشق ٿي گذريا آهن جن جان تي کيڏي، معشوق کي يعني عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا ۽ يارن دوستن جي چوڻ مطابق يا وري پنجابي شاعر وارث شاهہ جي چوڻ مطابق موت ۾ عورت مرد کي ڇا ڏنو:

”وارث شاهہ جدون رَن ديال هووے
بهاندا مُوت دا کده دکهاوندي اي

(وارث شاهہ جڏهن عورت راضي ٿئي ٿي- جتان مُتي ٿي اهو ٿانوَ ڏيکاري ٿي.)

”يار انسان جي جسم جي جنهن حصي ۾ قدرت گند جا ڍير رکيا آهن، اُت ئي لذت جا اڻ ميا خزانا بہ پري ڇڏيا اٿس.“

سڀ کلڻ لڳا.

”پروانا سائين نشو چڙهيو اٿئي.“ شيخ صاحب چوڻ لڳو.

”اوهان جي شمع ڪيڏانهن ويئي؟“

”منهنجي شمع!“ پرواني چيو. ”ايترا يار ڇٽيا آهن جو تڪڙ ۾ مون کي نالا بہ ياد ڪونہ پوندا آهن. ادا شمع ڪنهن زماني ۾ هئي هاڻ تہ شمعدان بنجي پئي آهي. پر يار الله خوش رکيس آباد رکيس. ويچاري ڏاڍي سٺي آهي.“

”جيکي بہ زالون ويچاريون هونديون آهن سي ڏاڍيون سٺيون هونديون آهن.“ مون دانشور جي حيثيت ۾ چيو.

”جڏهن کان زالن جا نالا مختصر ٿيا آهن“، شيخ صاحب چوڻ لڳو، ”يعني فوزيا، آسيہ، رضيہ، وغيره وغيره، بس ڦهلجي ويون آهن ۽ ڏسي وائسي، مرد کي کوڙکي ۾ ڦاسائي، واهہ جو دٻائڻ شروع ڪيو اٿن. نہ تہ بابا سائين امان کي سڏ ڪندو هو خيرالنسا تہ امان جي منهنجا سائين ڪري اچي اڳيان بيهندي هئي. هاڻ بہ تجربو ڪري وٺ جن ڇوڪرين يا عورتن جا نالا ڊگها وڏا ۽ پراڻي زماني جا آهن سي فرمان بردار ۽ سيبتيون سگهڙ آهن ۽ جن جا نالا ننڍڙا آهن سي ننڍڙي مرچ وانگر آهن. مٿان سهٽيون ۽ اندران ڪڙيون.“

”يار شيخ صاحب کي بہ وسڪي چڙهي ويئي آهي. هاڻ منهنجي خيال ۾ آخري پيگ ٿاهيو.“

”ڇو؟ شيخ صاحب رڙ ڪئي. ”پاپي اچڻ واري آهي ڇا؟ پاپيءَ جو نالو بہ ننڍڙو آهي. تنهنجو حال الائي ڪهڙو هوندو؟“

”حال ڪهڙو هوندو؟“ پرواني صاحب چيو. ”آرٿوپيڊڪ سرجن وٽ تہ پهچي ويو آهي. پر پاڻ جنهن مقصد لاءِ گڏ ٿياسين اهو اڌورو رهجي ويو.“

سڀ کلڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن انٽيليڪچوئل فورم جو پريس ڪلب ۾ شام جو جلسو هو. هال ڪچاڪچ ڀريل هو. مردن کان وڌيڪ زالون هيون. موضوع هو: ”سنڌ جا سياسي ۽ معاشرتي مسئلا.“ گهٽ ئي همراهن ڳالهايو. هڪ جهوني دانشور چيو: ”سنڌ کي 1940ع واري ٺهراءُ مطابق حيثيت ملڻ گهرجي. فيڊريشن جي معنيٰ ئي اها آهي تہ جيئن فيڊريٽنگ يونٽ پاڻ ۾ ملي اتحاد سان آئين ناهي پائرن وانگر هلن. پر هت ابتڙ ٿئي پيو. 1940ع جي ٺهراءُ کي

1946ع ۾ ترميم ڪري ننڍن صوبن کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ويو. ان کان سواءِ جيستائين وڏيري شاهيءَ جو طوق ڳچي ۾ پيل آهي اسين ترقي نہ ڪنداسين. تعليم ضروري آهي. نوجوان اڳيان اچن."

ٻئي نوجوان رهنما چيو: "موضوع ٻہ آهن هڪ سياست ۽ ٻيو معاشرت. سياست کي وٺو تہ پهرين اسان کي آزادي کپي. ديس آزاد نہ هوندو تہ اسين ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهنداسين. ٻيو موضوع معاشرت آهي. سنڌ معنيٰ ٻهراڙي. 70 سيڪڙو سنڌي ٻهراڙيءَ ۾ رهن ٿا. انهن جا حق کپن. ترقي کپي. وڏيرو ختم ٿيو تہ ٻيو وڏيرو ايندو. وڏيري کي صحيح راهہ تي هلڻو پوندو. ورهاڱي کان اڳ وڏيرو قوم پرست هو ۽ هاڻ وڏيري جون اکيون پوري ملڪ تي آهن. وڏيري جي اکين کي مختصر ڪرڻو پوندو ۽ سنڌ پهرين بہ آزاد ملڪ هو ۽ هاڻ بہ اسان کي آزاد ملڪ کپي...."

ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ ٻڪي عمر جي ڇوڪري اسٽيج تي آئي ۽ ڳالهائڻ جي اجازت گهريائين. انهيءَ ڇوڪريءَ جو نالو ايجنڊا تي نہ هو. پر اسين سنڌي نياڻين کي مانُ ڏيندا آهيون ڪين ست قرآن مجيندا آهيون، انهيءَ ڪري ڪيس ڳالهائڻ ڏنو ويو:

"1940ع جو ٺهراءُ چڱي ڳالهہ آهي. اسان مان تمام ٿورڙن کي شايد خبر هئي تہ رڳو هڪ آرٽيڪل اسان جي لاءِ مفيد آهي. 1946ع جي ترميم جي اسان مان گهٽن کي شايد خبر ئي نہ هئي. جو اسين مسلم ليگ ۾ انهيءَ جي ليڊرن سان ڪاوڙيل هئاسين. ترميم ٿي ويئي. ڪنهن بہ اُن وقت نالي ماتر شايد اعتراض ڪيو هجي. اسان کي تہ ڪٿي بہ اهڙو اعتراض نظر نٿو اچي. ملڪ ٺهي ويو جيتوڻيڪ ملڪن جي فيڊريشن نہٿي هئي. اسان کي وزارتون ۽ چڱ مڙسيون مليون. صوبيدار اسان جي هٿ ٿيا. اسين وڏيرا ليڊر خوش ٿي وياسين تہ هندن جو طوق ڳچيءَ مان لٿو تہ آزاد هوا ۾ ساهہ کڻنداسين. هندو ويا تہ هندن جا قرض بہ ويا. عام ماڻهو شهرن ۾ هو يا ٻهراڙين ۾ رڳو انهيءَ ڪري خوش ٿيو تہ قرض مان

جان چٽڻ سان گڏ ڪلمي پائي آيا. هندو چڱا به هئا ته به مذهب جي لحاظ کان ڪافر هئا. مسلم ليگ جي وڏيرن جي ليڊرشپ هندن جي وڃڻ ڪري وڏيڪ خوش هئي جو کين ته اڪثريت بمبئي جي ڏار هئڻ ڪري ملي ۽ پيو باقي ملڪ مسلمان ٿيندو ته هندن جي طوق ۾ آزادي ملندي. پر کين خبر نه هئي ته هندن جي وڃڻ ڪري سنڌي تعليم يافته ماڻهو ويا هليا. هندن جي وڃڻ ڪري سنڌي زبان ڳالهائڻ وارا گهٽ ٿي ويا. هندن جي وڃڻ ڪري، سنڌي، سنڌ ۾ به انگن اکرن ۾ گهٽ ٿي ويا. هندن جي وڃڻ ڪري سموري اقتصاديات مهاجر، پنجابي ۽ پٺاڻ جي قبضي ۾ آئي. اهو ڪم سرڪار جي ڪيترن ئي نوٽيفڪيشنس ذريعي ٿيو. هندو ويا ته سنڌ جا شهر سنڌي نه پئي لڳا. ڳوناٺو به اردو ڳالهائي ته پنهنجي مطلب جي شيءِ مليس. اسان کي هندو ڇٽ چوندا هئا. اجا به هو اسان کي ڇٽ چون ٿا. پل سنڌي هندو آمريڪا ۾ پنجاهه سال لاڳيتا رهيا هجن پرسنڌ جي مسلمان کي ڇٽ چون ٿا. پر هاڻ جيڪي مسلمان آيا تن سنڌين کي جاهل چوڻ شروع ڪيو. اسان جي تهذيب ۽ تمدن جنهن کي هندن جي وڃڻ ڪري ڌڪ رسيو تنهن کي وڏيڪ هاجو رسايو ويو. اسان جون عورتون شايد اسان جي پڙهيل آفيسر طبقي يا وڏيري طبقي جي ڪم جون نه هيون جو ذري گهٽ سيني وڏيرن ۽ آفيسرن مهاجر ۽ پنجابي زالون شهرن ۾ بنگلن ۾ ويهاريون ۽ پنهنجون زالون ڳوٺن جي اڌ ڪچن اڌ پڪن گهرن ۾ صدين پراڻي تهذيب جي دائري ۾ ئي ڇڏي ڏنيون. ملڪ جي ورهاڱي سان ڀهراڙي جي عورت کي ڪو فائدو نه رسيو. الٽو انهيءَ عورت جي ذهن ۾ اهو زهر ڀرجي ويو ته سندس هڪ يا ٻه ڀاجون شهرن ۾ بنگلن ۾ رهيل آهن ۽ پٽار به وٽن آهي ته صاحب به سندن آهن. آهستي آهستي شهرن تي ٻاهران ايندڙ ماڻهن ۽ انهن جي حڪومتي سرشتي جو قبضو ٿي ويو. شهرن ۾ هڪ نئين تهذيب جنم وٺڻ لڳي. اسان جي رهڻي ڪهڻي بدلجڻ لڳي. ويس وڳا به

بدلجڻ لڳا. اردو اخبارون ۽ مخزنون شهرن توڙي ملڪ تي ڇانئجي ويون. اردو اخبارن جو اثر ايترو وڏي ويو جو جنگ اخبار ۽ اُن ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل، خبرون ۽ تجزيا ملڪ ۾ ايندڙ تبديلي جي اڳوات اعلان وانگر هئا. انهن اخبارن جا فائل ڏسجن ۽ انهن جو تجزيو ڪجي تہ انهن جو اسان جي ملڪ ۾ ماڻهن ۾ نفرت ڦهلائڻ ۽ ويڙهائڻ ۾ وڏو هٿ ۽ رول آهي. اهو سبجيڪٽ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ جو آهي. سنڌي اخبارون ڪراچيءَ مان ڏڪجي حيدرآباد پهتيون پر ون يونٽ ڪين نهايت ڪمزور ۽ پڙهڻ لائق ئي نہ ڇڏيو. ڪين اشتهار ملڻ ذري گهٽ بند ٿي ويا تہ اخبارون بہ ختم.

”هاڻ اچو تهذيب تي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد منجهان ڏھہ ويھہ سيڪڙو سنڌي پروگرام ڏيڻ لڳو. اسان کي اردو ڊراما، اردو فلمي گانا ۽ اردو تقريرون پڌڻيون پونديون هيون. ڪراچي سنڌ جو شهر نہ هو. شهرن ۾ اسان جي گهرن ۾ دهي بڙا، گلاب جامن، سليوليس قميصون، پي آءِ اي جي يونيفارم جهڙا ڪپڙا عورتن استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. سٿڻ قميصون ديهاتي لوگ پائڻ لڳا. پينٽ، شرٽ ۽ بش شرٽ شهري پڙهيل ۽ مهذب ماڻهن جو لباس بنجي ويو. مسيت مسجد بنجي ويئي. بانگ اذان ٿي ويئي. روزو کولڻ افطار ٿي ويو. نمازن جا سنڌي نالا بدلجي ويا. ڪورين جي مسيت، لاکن جي مسيت، گنج بخش شاھہ جي مسيت، حاجي شاھہ جي مسيت سڀ پنهنجا اصلوڪا نالا وڃائي خالص عربي نالن ۾ سڏجڻ لڳيون. نو وديالیہ اسڪول ماڊل اسڪول ٿي ويو. هيرانند ائڪيڊمي، گورنمنٽ هاءِ اسڪول ٿي ويو. داس گارڊن، پهرين ميونسپل باغ پوءِ راڻي باغ ٿي ويو. پريم پارڪ ختم ٿي ويو. سنڌي زبان ۾ بورڊ آهستي آهستي لهي ويا. سنڌي زبان ختم ٿي ويئي. ايک خدا، ايک رسول، ايک ملڪ ۽ ايک زبان جا نعرا لڳڻ شروع ٿي ويا. اهي سڀ معاملا اسان ڪونہ ڏٺا. تڏهن اسان جي عمر ننڍي هئي. پر هاڻ چڱي ريت محسوس ڪريون ٿا.

”چا کرڻ کپي؟ مان ڳالھہ کي مختصر کريان ٿي. سڀ ڳالھيون ڇڏيو. سنڌ ڇو آزاد ٿئي؟ ھڪ دفعو اڳ اسان جي وڏن سنڌ کي بمبئي کان الڳ کري وڏيرن جي ۽ نئين ملڪ جي حوالي کيو ھو. ھاڻ اسان وٽ چا آھي؟ جو اسين ٻيھر سنڌ کي آزاد کري وڏيرن جي حوالي کريون. اھا سنڌ سان تاريخي ويساھ گھاتي ٿيندي. پوءِ چا کرڻ کپي؟ اڄو تہ موجوده سنڌ کي فتح کريون. اڄکلھہ فتح اقتصاديات جي آھي. اڄکلھہ فتح سياست جي آھي. پھرين سنڌ جي ابوجھہ ماڻھن کي ڄاڻ ڏيو. تعليم ڏيو پوءِ کين وڏيراشاھيءَ جي ڄار منجھان نکرڻ ڏيو. ھو ٻھراڙي ۾ ھجن يا شھرن ۾ ھو مڊل کلاس يا لوئر کلاس جا ھجن پر رئيس جا کمدار ۽ پوتار جا پوئلڳ نہ ھجن. کين روزگار ڏياريو. سنڌن ذھن مان پوليس ۽ کاموري جو ڌھڪاءُ ۽ وڏيري جي بدمعاشيءَ جو خوف کڍيو. جيئن شھرن ۾ آھي. ھت کراچيءَ ۾ وڏيرن کان وڏا کروڙ پتي وڏيرا ٻيا آھن پر پي آءِ ڊي سي وٽ پان وارو، بوٽنگ بيسن تي چکن تکہ وارو، جامع کلاٿ مارکيٽ ۾ پرت پرڻ وارو، حيدريءَ ۾ پان وارو، سکر گھنٽا گھر تي گاڏي وارو، حيدرآباد ۾ چوڙين ٺاھڻ وارو، چکن کڙھائي وارو، فرنيچر ٺاھڻ وارو، پکوڙن وکڻڻ وارو. بندرگاھن تي کم کرڻ وارا- ۽ اھڙا ٻيا سڀ لوئر مڊل کلاس ماڻھو پيدا کريو. محنت کريو ۽ اھي ماڻھو کڏھن بہ کروڙ پتي وڏيري کي ووٽ نہ ڏيندا. وڏيرو ڊھڻ شروع ٿيندو سنڌ اسرڻ لڳندي. ڌاريا بہ ست نہ سھي سگھندا جڏھن اسين فاءِ اسٽار ھوٽلن ۾ بيرن کان وٺي مئنيجمينٽ تائين سنڀاليندا سين. پي آءِ اي ۾ يونيفارم آفيسر کان وٺي قلبن تائين نظر ايندا سين. اسٽاک ايکسچينج ۽ بلڊرس ۾ شمار ٿيندا سين. اسان لاءِ گذريل پنجاھہ سال تمام گھٽا ھئا پر اسان وڏيرا ابن وڏيرا، پير ابن پير، پوتار ابن پوتار پيدا کياسين ۽ اڳتي قدم کڻڻ جي بدران Reverse ٿيڻ ۾ وڏائي محسوس کئي. اسان کي

سان پيار آهي يا مجبور آهيون انهيءَ پيچري تي هلڻ Nostalgia جي. ڇوڪريون ٻاهر نڪرن. عورتون ٻاهر نڪرن. جيڪي محنت ڪري سگهن ٿيون، ڪن. هو سون ڪونہ آهن جو ڪين گهر جي تجوڙين ۾، ڳٽي سوگهو ڪري رکو ۽ پوءِ جڏهن بہ دل چاهي پنهنجي نياڻيءَ کي، پنهنجي ماءُ کي ۽ پنهنجي سڄي عمر جي پيار ڪندڙ شريڪ کي ڪاري ڪري ماري ڇڏيو. اسان جي عورت ڪاري ناهي. اسان جي مردن جون دليون ڪاريون آهن. اسان جا مرد ويهہ ٽيهہ پنجاهہ عورتن سان جنسي ناتا رکن ٿا ۽ فخر محسوس ڪن ٿا. اهي ڪارا آهن. انهن کي عورتون گڏجي مارين. پوليس جي لاڪپ ۾ هٽائين. اسان جون عورتون اڄڻ اسين ڪين پريس ڪلب وٺي وڃون اُتي پنهنجن مردن جي ڪاري هئڻ جا ثبوت ڏيون. هيءَ دنيا اڄا مردن جي طاقت تي هلي ٿي پر ڪجهہ قانون ۽ ظلمن جي اُپٽار ضرور ٿي سگهي ٿي. لوڪل پيپر، نيشنل ۽ انٽرنيشنل فورمس تي اسان جي لاءِ جاءِ آهي. اڄو تہ انهيءَ جاءِ کي بہ استعمال ڪريون. اڄو تہ اقتصاديات ۽ سياست کي پنهنجو هٿيار بڻايون. ڪينٽڪي فرائيڊ چڪن (KFC) يا مئڪڊونلڊس ۾ ڇو اسان ڪم نہ ڪريون. اسان جون ڇوڪريون برف جون ناهن جو انهن کي گرم هٿ لڳا تہ ڳري ويندريون يا ميڻ جون نهيل ناهن جو جتِ بہ ڪين ٻاريو تہ روشن ٿي ڳرڻ شروع ٿينديون. خدا جي واسطي اسان جي مردن کي ڪاراڻ جي ڍير ۽ ڍُونڊ مان ٻاهر ڪڍو. منهنجي بزرگن کي ڪي ڳالهيون چڱيون نہ لڳيون هجن تہ مون کي معاف ڪجو."

ايئن چئي هوءَ سهڪندڙ ڇوڪري اسٽيج تان هيٺ لهي آئي ۽ مون ڪان ٿورو پريرو اچي ويٺي. سانٹس گڏ هڪ ٻي بہ وڏي عمر جي عورت هئي جنهن جو مرداني محاوري موجب اڄا سڄ ڪونہ لٿو هو ۽ ڪٽيل وارن ۽ جينز جي پينٽ ۾ پنهنجي عمر ڪان بہ ڪجهہ گهٽ لڳي پئي. مون ٻنهي کي غور سان ڏٺو ۽ مون کي هن ننڍڙي

سنڌ ۾ اها تقرير ڪندڙ ڇوڪري پهرين ڪڏهن نظر نہ آئي.

ٿورڙي دير ۾ ساهيءَ جو اعلان ٿيو ۽ اهو ٻڌايو ويو تہ چانهہ سموسي ۽ بسڪوٽن کان پوءِ سنڌ جو وڏو اصل وڏو دانشور پنهنجي صدارتي تقرير ڪندو. آءٌ جلدي اٿيس ۽ منهنجي هڪ هٿ ۾ سهاري لاءِ لٺ هئي. اجا ٽنگ مان پوريءَ طرح سُور ڪونہ ويو هو. آءٌ ٻہ ٽي قدم اڳتي هليو، انهيءَ ڇوڪريءَ وٽ پهتس ۽ سندس ڪنڌ تي هٿ رکي چيومانس: ”اوهان مون کي متاثر ڪيو آهي. اڄو ٻہ گهڙيون مون سان ڳالهايو.“ مون کي پنهنجي عمر جي حساب سان هن جي ڪنڌ تي هٿ رکڻ جو ڪوبہ احساس نہ ٿيو.

”اوهان ڪير آهيو؟“ هن کَهري آواز ۾ پڇيو.

”آءٌ“ ٻن ناولن ۽ سؤ ڪهاڻين جو خالق سنڌي اديب آهيان. منهنجي ساڄي ٽنگ ۾ فريڪچر آهي. آءٌ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيان ٿو.“

اسين ٻئي رش ۾ هلڻ لڳاسين. ”هيءَ منهنجي آنٽي مسز راحيل بلوچ آهي.“ ٻي عورت بہ اٿي هلڻ لڳي. مون سندس آنٽيءَ کي هٿ ٻڌي Wish ڪيو ۽ مرڪندي چيو: ”ٽئي اکر misfit آهن. اسان وٽ هن جي عمر جي عورت جو نالو ايمٽا، فاطمہ، فخرالنسا وغيره ٿي سگهي ٿو راحيل نہ- سا بہ مسز ۽ مسز بہ ڪنهن بروچ جي.“

مون ٺهڪ ڏنو. مسز راحيل بہ کلڻ لڳي ۽ نوجوان ڇوڪريءَ چيو.

”منهنجو نالو ساره بلوچ آهي. مسز ساره بلوچ. I am also a widow هيءَ منهنجي چاچي رئيس سنجر خان بنگلاٽيءَ جي ڇهين زال آهي. چار مري ويس. ٻن کي قدرت ماريو. ٻن کي پاڻ ماريائين. ٻہ زالون مارجي نہ سگهيون جو چاچا جي دل، سچن هيرن موتين جا ڪشتا ۽ شاهي حڪيمن جا مرداني قوت وڌائڻ جا نسخا برداشت نہ ڪري سگهي ۽ مهلت ملي نہ سگهي. هُو اسان جي هڪ چاچيءَ مٿان اگهاڙي حالت ۾ Cardiac arrest جي ڪري گذاري ويو. اها چاچي نياڳي آهي ۽ اجا تائين پاڻ کي بہ نياڳي سمجهندي

آهي. هيءَ چاچي ڪراچيءَ جي بنگلي تي رهندي هئي. انهيءَ ڪري مال متاع گهٽ مليس پر نياڳ جو ليبل لڳڻ کان بچي ويئي. سنڌي اسپيڪنگ ناهي انهيءَ ڪري شروع کان ئي وٺي سندس نالو راحيل هو. پهرين ڪجهہ ڏينهن پاڻ کي مسز راحيل بنگلاٽي بلوچ سڏائيندي هئي پر باقاعدي ڌمڪيءَ ملڻ کان پوءِ صرف بلوچ تي پئي."

اسين ٽئي گڏ آياسين پئي. راحيل بلوچ پريل بدن جي صحيح شيپ جي عورت هئي. پيٽ اندر ۽ جينز منجهان نڪتل گول hips ۽ چڱي طرح سنڀاليل چاتي ۽ منهن تي هلڪو ميڪ اپ اجا بہ اسان جي ڪنهن سيڪنڊ ڪلاس وڏيري جا لاهہ ڪڍڻ لاءِ ڪافي هئا.

"ساره مون کي تنهنجي تقرير ۾ خيال وڻيا." مون چيو.

"ٿينڪ يو!" ساره چيو.

اسين پريس ڪلب جي هڪ پرئين ڪنڊ ۾ پيل ڪرسين تي ويهي رهياسين. ڪانئن پڇي مون چڪن سئنڊوچ ۽ ڪافي جو آرڊر ڏنو.

آءٌ ٿهڪ ڏيڻ لڳس.

"ڇو اوهان کلو ٿا؟" ساره پڇيو.

"ڪلان رڳو انهيءَ ڪري ٿو تہ تنهنجي ۽ منهنجي عمر ۾ ذري گهٽ پيڻ تي فرق آهي. اسان جون ڇوڪريون اجا تائين مون کي ڏهہ دفعا انڪل يا چاچا چئي چڪيون هجن ها ۽ تو هڪ دفعو بہ نہ چيو آهي."

"اسان جون ڇوڪريون guilty concious آهن. ڪين complexes مان نڪرڻو پوندو. ڇا مان جيڪڏهن اوهان کي انڪل يا چاچا نہ چيو تہ اوهين مون کي چڪن سئنڊوچ وانگر کائي ويندا؟"

مسز راحيل بہ کلي ڏنو ۽ چيو: "اسين سنڌ ۾ رشتن جي Cover ۾ ڪرپشن کي همٿايون ٿا ۽ ڪرپشن ڪريون ٿا."

مون کي مسز راحيل جي سنڌي چڱي لڳي پر اجا بہ رئيس سنجر خان ست اٺ سال جيئرو هجي ها، سچن موتين جا خاڪا

ڪائي ها ۽ مائي راحيل ڳوٺ ۾ گھڻو عرصو اچي وڃي ها تہ شايد سنڌي لهجو وڏيڪ چڱو ٿي وڃيس ها پر افسوس رئيس ڪي سچن موتين جي خاڪن مهلت نہ ڏني. اسين سنڌي، غير سنڌين ڪي سؤ سيڪڙو پنهنجو ڪرڻ چاهيندا آهيون. روايتن جو زور ٽوڙڻ نہ ڏيندا آهيون. پر نيٺ ٿڪنديون!

”ساره هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ؟“ مون چيو. مون ساره جي اکين ۾ ڏٺو.

ساره جو ڌيان مون ڏانهن ٿيو. سندس وڏيون ۽ ڪاريون اکيون هيون جن ۾ دنيا جا عام داستان نظر آيم. ڪنهن بہ شهرزاد جي الف ليلوي ڪهاڻيءَ جو وجود نہ هو. مسز راحيل وانگر هلڪي ميڪ اپ ۾ هئي. شلوار قميص ۽ چادر سان ڍڪيل جسم ۾ مسز راحيل ڪان قدآور هئي. رنگ سانورو تہ نہ هو پر ڪجهہ صاف هئس. مون ڪي سندس چوڻ مطابق Widow نہ پئي لڳي. صرف پنهنجي عمر وارين عام ڇوڪرين ڪان وڏيڪ آزمودگار ۽ باشعور لڳي پئي. شايد لڳل مردانا هٿ ۽ دنيا ڪي وڏيڪ پرکڻ انهيءَ جو سبب هجي.

”اوهان ڪا ڳالهہ ٿي پڇي؟“ ساره چيو. ”منهنجيون اکيون عام اکين جهڙيون آهن.“

مون ڪي ڌڪو لڳو. آءٌ مرد ضرور آهيان. پر مهذب.

مون ڪلي چيو: ”الائي ڪيترا راتا قتلام ٿيا هوندا. خير پهرين اهو ٻڌاءِ اڄ هن فنڪشن ۾ اوهان ڪي سڏ هو.“

”نہ.“

”پوءِ هيڏي تقرير هيڏي Confidence سان ڪيئن ۽ ڇو ڪرڻ آئين؟ لڳو ايئن ٿي ڄڻ ڪنهن اعليٰ انٽلئڪچوئل ۽ سياسي ليڊر جي پارٽيءَ جي تربيت يافتہ آهين– ۽ انهيءَ پارٽيءَ ڪي ڇڏي بہ آئي آهين.“

”نہ ايئن ناهي. منهنجو ڪنهن سان بہ واسطو ناهي. ليڊرن جا نالا اخبارن ۾ پڙهيا اٿم. سنڌ جو حال اخبارن ۾ بہ معلوم ٿيو آهي پر ڳوٺ ويندي آهيان. ڳوٺان ڪجهہ عورتون ايندون آهن.

منهنجي پرورش چاچي سنجر خان ۽ پوءِ آنٽي راحيل وٽ ٿي آهي. چاچي سنجر خان جي ڪردار جي خبر پوري ساري اٿم پر آنٽي راحيل هڪ پنهنجي الڳ positive ڪرئڪٽر جي آهي ۽ هوءَ هن دنيا جي انسانن منجهان آهي، هوءَ پنهنجيون سڀ ضرورتون ۽ آسائشون پوريون ڪندي آهي. سنجر خان جي ڪابہ ملڪيت جيڪا ڳوٺ ۾ هئي نہ ورتائين چاچا جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ورهائي ڏنائين. صرف ڪراچيءَ ۾ PECHS ۾ هزار وال وارو بنگلو سندس نالي هو ۽ ٻيو چاچو پنج لک رپيا هن جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪري ويو هو. منهنجي چاچي کي آنٽي راحيل جينز جي پينٽ ۾ ڏاڍي وڻندي هئي."

"ها گهگهي واريون پروچياٽيون مرد جي سيڪس اپروچ واري جذبي کي Stale ڪري ڇڏين ٿيون. منهنجو هڪ پروچ پڙهيل ڳڙهيل دوست چار پيگ پي چوندو آهي يار گهر وڃي ڇا ڪريان؟ زال پرسان ايئن ستي پئي هوندي آهي جهڙي پڦي ستي پئي آهي. آءُ ٿورڙو وڌيڪ ڳالهائيندو آهيان I hope you don't mind

ساره ۽ راحيل کلڻ لڳيون.

"خير هاڻ اچون مطلب تي." مون چيو. "هڪ تہ وقت ڪڍي منهنجي گهر اچو اوهان کي بدر سان ملايان. ٻيو منهنجي اوهان مدد ڪريو."

"ڪهڙي مدد؟" ساره چيو.

"ڪجهہ ڏينهن اڳ اسان جي ڪامپليڪس ۾ ٻہ زال مڙس قتل ٿي ويا. ڇوڪريءَ جي پاءُ، ڀيڻ ماري ۽ پيٽيوو ماريو- ڪارو ڪاري جو هڪ ڪيس ڪراچي شهر ۾.

"اوهان سونا جو ذڪر ڪريو ٿا. شي واز ماءِ فرينڊ. مان اُت آئي بہ هيس." ساره چيو.

"پُوئر سونا!" مسز راحيل چيو. "ڏاڍي سٺي ڇوڪري هئي."

"ها." مون چيو. "آءُ سونا جو قتل عام قتلن وانگر ختم ٿي

وجڻ نٿو چاهيان. سياڻي مون پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس جو بندوبست ڪيو آهي. اوهان اچو. پنهنجا خيال به ظاهر ڪريو ۽ منهنجي مقصد کي به هٿي ملندي.“

”اهو صحيح آهي.“ مسز راحيل چيو. ”اوهان جي بدر سان به ملاقات ٿي ويندي ۽ ڪجهه پريس سان به ڳالهائينداسين.“

مون ڪلي ڏنو. ”بدر ڪونه ايندي. هو جلسن جلوسن کان گهبرائي ٿي. هتان پريس ڪانفرنس ڪري، پوءِ جي اوهين چاهيو ته منهنجي گهر هلون ۽ بدر سان به ملاقات ٿي ويندي.“

”ايئن به ٺيڪ آهي.“ مسز راحيل مرڪي چيو.

ٻئي ڏينهن پريس ڪلب جو هال ڀريل هو. ڪيترين ئي مخزنن ۽ اخبارن جا نمائندا موجود هئا. ساره سان گڏ اٺ ڏهه ڇوڪريون هيون ۽ مسز راحيل بلوچ ساڙهي پائي آئي هئي. شفان جي ساڙهيءَ ۾ هوءَ ڪالهه کان وڌيڪ Shape ۾ هئي. ننڍڙو بلائوز صرف سندس ويل ڊويلپڊ ڇاتين کي ئي ڍڪي سگهيو ٿي ۽ هوءَ سڄي هال ۾ هڪ وٽندڙ شخصيت محسوس پئي ٿي. اهڙن سيني ڪپڙن ۽ هلڪي ميڪ اپ سان به هوءَ vulgar نه پئي لڳي. ساره کي ڪالهه وانگر ڪاٽن جي شلوار قميص پهريل هئا.

پريس ڪانفرنس شروع ٿي.

پهرين مون ڳالهايو.

ساره به ڳالهايو.

پوءِ سوال جواب ٿيا.

”اوهين سنڌي عورت کي ڪاري ڪري ڇو ٿا ماريو؟“ هڪڙي صحافي پڇيو. ”جڏهن ته دنيا جي هر حصي ۾ مهذب توڙي غير مهذب ماحول ۾ مرد عورتن کي قتل ته ڪندا آهن، پر ليبل نه هڻندا آهن؟

”شايد اسان جو مرد عورت کي مارڻ لاءِ ڪو سبب ڳولڻ

چاهي ٿو.“ مون چيو. ”شايد هُو بزدل ۽ سازشي بہ آهي.“

”اسان کي خبر آهي پوڙهين عورتن کي جيڪي پنهنجي Sexual لائف پوري ڪري چڪيون هونديون آهن سي بہ ”ڪاريءَ“ جي ليبل سان مارجي وينديون آهن.“

”انهيءَ جي پٺيان مارڻ واري مرد جو ڪو مفاد هوندو آهي. اهڙي قتل مان بہ ڪيس فائدي ٿيڻ جي اميد هوندي آهي. پوءِ ڀل اها پوڙهي عورت سندس ماءُ ڇو نہ هجي.“ مون جواب ڏنو.

”ائين تہ ناهي جو مرد طاقتور آهي ۽ عورت ڪمزور ۽ بي همت آهي؟“ هڪ صحافي عورت سوال ڪيو.

”انهيءَ جو جواب مون کي ڏيڻ ڏيو.“ ساره چيو. ”اها حقيقت آهي تہ مرد طاقتور آهي. قدرت ڪيس طاقت بخشي آهي ۽ سماج ڪيس برتري ڏني آهي. پر عورت جسماني طور تي ڪمزور ضرور آهي پر بي همت ناهي. طاقتور هئڻ ڪري مرد جبر ڪري ٿو. قهر ڪري ٿو. عورت ڪمزور هئڻ جي ڪري سازش ڪري ٿي انهيءَ ۾ حصو وٺي ٿي ۽ دنيا جا ڪيترا طاقتور مرد، عورت پنهنجي عقل ۽ سازش سان ڊانا آهن. بائيبل ۾ سئمسن ڊئلائلا جو قصو آهي. سئمسن شينهن مارڻ جي قوت رکندو هو ۽ ڊئلائلا جي سونهن ۽ عقل ڪيس ختم ڪري ڇڏيو. اهڙا هزارين مثال تاريخ ۾ آهن. ڪرشن چندر جي ڪهاڻي پريتو جي هيروئن جي مڙس کي خبر هئي تہ اج کان ويهہ سال اڳ سندس زال پنهنجي يار سان ملڻ ويئي هئي ۽ ڪيس اوندھہ، ڪچي رستي ۽ ٻنين مان لنگهڻو پيو هو. ويهن سالن کان پوءِ سندس مڙس جي مهٽي ڏيڻ تي هوءَ کهاڙي کڻي مڙس کي اُلر ڪري مارڻ آئي. سهڻي درياھہ تري پوئين رات ۾ ميهار سان ملڻ ويندي هئي. سسئي اڪيلي سر جبل جهاڳيا. مارئي پنهنجوست بچايو. قلوپٽرا سيزر کي زهر پياريو. راڻي ايلزبيٿ پهرين، سڄي انگلينڊ جي اميرن کي پنهنجي اشارن تي نچايو ۽ هڪ مضبوط انگلينڊ جوبنياد وڌو. مدينا ماڇياڻي، نورجهان، ممتاز

محل اندرا گانڌي، بينظير ڀٽو، جون آف آرڪ، سانگ سُوڪي ۽ اهڙيون ڪيتريون عورتون تاريخ ۾ نظر اچن ٿيون جن جي Positive ۽ Negative ڪمن جي ڪري اڳتي زماني ۾ وڏي Change يا انقلاب آيا. سنڌ جي آخري سنڌي حاڪم ڄام فيروز جي والده راڻي مدينا، جيڪا ذات جي ماڇياڻي هئي سا سنڌ پنجاب ۽ بلوچستان پنهنجي سر کڻي ڪابل ۾ مرزا شاهه بيگ ارغون کي سنڌ تي حملي جي دعوت ڏيئي ٿي. ڪيس سنڌ لاءِ سر ڏيندڙ درياهه خان پسند نه هو. ڪمزور ماڻهو هميشه سازشي هوندو آهي. هُن جي لڙائيءَ جو انداز الڳ هوندو آهي."

پريان ڪنڊ ۾ هڪ ننڍڙي ڏاڙهيءَ سان بنا فريم جي مشين وارو صحافي عينڪ پايو ويٺو هو. شايد ڪنهن مذهبي تنظيم سان لاڳاپيل هو يا وري ذهني طور تي مذهبي لاڙي وارو شخص هو، سو اٿي بيٺو:

"منهنجو سوال آهي ته جاهليت واري دؤر کي ڇڏيو پر جڏهن الله تعاليٰ زمين تي پنهنجا آهي نبي لاٿا جن تي ڪتاب به آسمان تان نازل ٿيا. انهن ڪتابن منجهان اسين ايئن سمجهون ٿا ته انسان مرد ئي هو ۽ جڏهن اهو انسان يا مرد اڪيلائپ محسوس ڪرڻ لڳو ته هن جي ئي عرض تي الله تعاليٰ مرد جي پاسراٽيءَ يا پاسي منجهان عورت کي تخليق ڪيو ته جيئن رب جي خلقيل انسان يا آدم جي اڪيلائپ ختم ٿئي. پوءِ جڏهن انسان کي مذهب جي رستي تي آندو ته رب عورت لاءِ به ڪي بندشون ۽ قاعده قانون واضع ڪيا. هاڻ منهنجو سوال آهي ته جڏهن عورت، آدم جي request تي ۽ Subordination لاءِ تخليق ٿي ۽ عورت لاءِ به ڪي قانون ڪتاب ۾ واضع ڪيا ويا؛ ڇا عورت انهن قانونن جي ڀڃڪڙي ته ڪونه پئي ڪري ۽ آدم اُن جي سزا ڏيئي ٿو يا آدم خلقيل انا کي پورو ڪري ٿو."

مون انهيءَ سوال جو جواب ڏنو: "منهنجي دوست کي عرض

آهي تہ هت اسين انهيءَ ڪري آيا آهيون تہ سڄي دنيا ۾ پنهنجي ملڪ کي اهو ٻڌايون تہ اسان وٽ عورتن جا بي سبب قتل ٿين ٿا جن جو بہ سبب قاتل جي ذهن ۾ هوندو آهي. انگريز جي قانون ۾ قبائلي قاعدن اهڙا قتل تمام سولا ڪري ڇڏيا آهن. ڪرائم ۾ پنشمينٽ ۾ بئلنس نہ آهي. باقي عورت جي ڪمتر هئڻ، آدم جي پاسراتيءَ مان تخليق ٿيڻ ۾ رڳو آدم جي اڪيلائپ دور ڪرڻ جون ڳالهيون اهي سڀ تفصيلي بحث جي گهرج ڪن ٿيون. پر منهنجي ذهن ۾ هڪ ڳالهہ صرف آهي: الله تعاليٰ ڪهڙي بہ منطق ۽ خيال سان عورت کي تخليق ڪيو آهي پر ڪيس ايئن "ڪاري" ڪري مارڻ لاءِ، آدم جي اڪيلائپ دور ڪرڻ لاءِ "انسان" جي حوالي نہ ڪيو هوندائين. منهنجي خيال ۾ جڏهن آدم ۽ حوا ٻئي گڏجن ٿا تہ پوءِ انسان جي تخليق پوري ٿي هئي. آءٌ اوهان کي عرض ڪندس تہ هن سوسائٽي ۾ سماج کي اوهان صحافين ۾ ٻين سيني سمجهدار طبقن جي ضرورت آهي. اوهان پنهنجي وس آهر اڳتي اچو ۽ اسين عام ماڻهن کي ايڊيوڪيٽ ڪريون تہ عورت ذات جو قتل بہ اهڙو قتل ئي آهي جنهن تي قلم 302 لڳي ٿو. قاتل کي ڦاسي اچي ٿي. جنم ٽيپ ملي ٿي. باقي پيڻ يا ماءُ کي ماري، سال ٻہ ٽيپ ڪاٽي پوليس وڪيل ۾ ججن کي قانون جي وضاحت ۾ ورغلائي، همراهہ مڇ مروڙي غيرتمند ٿي ٻاهر اچي ٿو ۽ پنهنجا غرض پورا ڪري ٿو. سا ڳالهہ ختم ٿيڻ کپي."

هڪ ٻيو صحافي اٿيو: "سنڌ جي ماڻهن کي ايئن ڇو ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. درياهي زمين، ٻيلا، سامونڊي ڪنارو، ريگستان جي نرمي ۽ گرمي اهي سڀ شيون انسان کي نرم دل ۽ مهذب ڪنديون آهن. پر هت مرد اسڪيم ناهي عورت کي قتل ڪري ٿو. سنڌ جي مرد جي نفسيات کي ڪهڙي نموني سمجهجي؟"

مون وراڻيو: سنڌ جو مرد بہ ٻين سڌريل تهذيبي علائقن وانگر مهذب آهي. انگريزن جي زماني ۾ فيوڊل سسٽم کي قانوني

شڪل ملڻ ۾ پوءِ 1862ع جي پينل ڪوڊ اچڻ کان پوءِ ڪجهه ماڻهن انهيءَ ماحول ۾ سسٽم کان فائدو وٺڻ شروع ڪيو. اسين هت گڏ به انهيءَ ڪري ٿيا آهيون ته جيئن انهيءَ رسم کي ختم ڪرڻ يا demand ڪريون ته انهيءَ لاءِ ڪيپيٽل پنشمنٽ هئڻ کپي. باقي ڪرائم انساني نفسيات جو حصو آهي.

”هر انسان حالتن جي حوالي سان ڪرائم ضرور ڪري ٿو. آءٌ هت انسان رڳو مرد کي نٿو چوان پر عورت به انسان آهي. منهنجي نظر ۾ هوءَ غير انسان يا انسان جو ڪو حصو ناهي پر مڪمل انسان آهي. اسان هيءَ ڪانفرنس انهيءَ ڪري ڪرائي آهي ته جيئن اوهان صحافي اسان جي Cause کي مناسب ڪوريج ڏيو ۽ عام ماڻهن کان وٺي حڪومت تائين اسان جو سڏ ۽ مؤقف اتي پهچايو.“

انهيءَ ڳالهه تي سيئي صحافي راضي ٿيا ۽ سهڪار جو وعدو ڪيائون.

چانهه بسڪوٽ ۽ سينڊوچ کائڻ کان پوءِ آءٌ، ساره ۽ آنٽي راحيل کي پنهنجي فليٽ تي وٺي ويس.

بدر پنهي ڄڻين کي وٺي پر بدر کي آنٽي راحيل جو بلائوز ۽ ساره جي جواني ڪونه وڻي.

بدر کي لان جا ڪپڙا پيل هئا. ٿورڙي دير پهرين باٿ روم مان نڪتي هئي. انهيءَ ڪري اڃي اجري ۾ وٽندڙ لڳي پئي.

”اوهان ڪونه آيا پريس ڪلب؟“ آنٽي راحيل پڇيو.

”هيءَ ڪچن منهنجي پريس ڪلب آهي. هيءُ هڪڙو مڙس ڏهن جي برابر آهي. مڙس به آهي. مرد به آهي. ليڪڪ به آهي. شرابي به آهي. ڪبابي به آهي. تمام گهٽن ماڻهن سان ملڻ وارو به آهي. سچو به آهي. مون سان ڪوڙو به آهي. ماني منهنجي هٿن جي پڪل هجي ته کائيندو نه ته بک تي هوندو. مڇي ۾ چڪن کائي، مون کي صرف پاڇيون وٽن. ڪيڏي مهل جوراب نه ملڻ تي ايترو

زور سان ڳالهائيندو تہ پر وارا ماڻهو بالڪونيءَ ۾ اچي بيهندا آهن. ڪڏهن ڏينهن سڄو ڳالهائي ڪونہ چڻ گهر ۾ ڪا مرداني پهر ئي ڪونهي."

مون لاڳيتو مرڪيو پئي پر بدر تي حيرانگي بہ ٿي پئي تہ ايترو ڳالهائي پئي.

"مون توهان کي ٻن چڱين عورتن سان ملايو ۽ اوهان....

"شروع ٿي ويس مڙس جي گلائن ۾. ڪابہ عورت مڪمل ناهي جيسين هُوءَ مڙس جي گلا نہ ڪري. تعريف ڪرڻ لاءِ تہ ٻڌل آهي." بدر چيو.

"چڱو ٻيون بہ گلائون پل ڪريو پر في الحال مهمانن کي ڪجھہ کارايو پياريو."

بدر ٽهڪ ڏنو: "مان مذاق پئي ڪيو. مان اچان ٿي." هوءَ وڃڻ لڳي.

"مذاق مذاق ۾ قتل نہ ٿي وڃين." مون رڙ ڪئي.

"اوهان ٻنهي ۾ مناسب انڊر اسٽينڊنگ آهي." آنٽي راحيل چيو.

"شي از چارمنگ اينڊ پرفيڪٽ وائف." ساره چيو.

بدر چانهہ، سينڊوچ (الائي ڇا ڇا) شامي ڪباب ۽ ڪيڪ کڻي آئي.

"آنٽي اوهان هيڏي تڪليف ڪئي آهي. مون اڳ ۾ ئي اوهان کي ڏسي چيو هو تہ اوهان پرفيڪٽ وائف آهيو."

"ڇا اوهان اڃا وائف ڪونہ ٿيون آهيو؟" بدر ٻنهي جي عمر ڏسندي چيو.

"آنٽي آءِ ايم وڊو! هاڻ دنيا ۾ دل لڳي نٿي. باقي هيءَ منهنجي چاچي رئيس سنجر خان جي وڊو آهي. مسز راحيل بلوچ آهي."

"اهي احوال مون کان پڇجانءِ-" مون چيو. "مومل ڪٿي آهي. هنن سان ملايون."

"سٽي پئي آهي." بدر چيو. "اوهان ڪائي ونو مان اٺاريانس ٿي."

”اسين پريس ڪلب ويا هئاسين.“ مون بدر کي ٻڌايو. پوءِ آءٌ ساره ۽ راحيل سان مخاطب ٿيس.“ منهنجو مطلب آهي ته اسين اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل کي به ڪارو ڪاري متعلق خط لکون. ايمنسٽي انٽرنيشنل ۽ هيومن رائيٽس کي به انٽرنيشنل ليول تي Involve ڪريون. ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ Walk جو بندوبست ڪجي جنهن ۾ سڀني اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جون ڇوڪريون، ٽيچر هجن انهن سان گڏ شهر ۽ صوبي جا سجاڳ سينيئر سٽيزن به هجن. نوجوانن کي به دعوت ڏجي ته هُو اسان جي هيلپ ڪن. پر سڀ کان اڳتي پرائمري ۽ مڊل اسڪول جون شاگردياڻيون هجن.“

”اسان جهڙيون آنٽيون کهڙي ڪنڊ ۾ هونديون!“ بدر ٿهڪ ڏيندي پڇيو پر صاف لڳو پئي ته ڪيس آنٽي راحيل وڻي نه پئي. منهنجي خيال ۾ هوءَ چڱي عورت هئي. مرد ته عورت کي پريان ئي سجاڻي وٺندو آهي پر عورت، عورت کي جهٽ پرکي وٺندي آهي.

”اسين جهونن سينيئر سٽيزنس جي پٺيان هونداسين. ڪرن ته ڪين سنڀالي سگهون.“ مون چيو.

”اوهان ته ايترو هلي به نه سگهندا!“ بدر جهٽ چيو ۽ مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

”آءٌ مومل سان گڏ هوندس.“ مون چيو.

”آءٌ سمجهان ٿي آنٽي بدر اوهان سان تمام گهڻو پيار ڪري ٿي.“ ساره کلندي چيو.

”مون پنهنجي سموري زندگي هن شخص کي پيار ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي.“ بدر کلندي چيو. "He deserve it."

بدر آهستي آهستي کلڻ لڳي.

”اسان جون هڪ به NGOs آهن.“ آنٽي راحيل چيو. ”مان انهن سان رابطو ڪريان ٿي. اوهان انٽرنيشنل باڊيز کي اپيل ڊرافٽ ڪريو. اهي به اسين پنهنجي NGOs جي معرفت موڪلي

سگھون ٿا. ان کان علاوہ اسانجن انھن ادارن ۾ بندوبست آھي تہ انٽرنيٽ تي بہ اھا اپيل ريليز ڪري ڇڏيون."

"مون وٽ سونا جي ڊائري آھي جنھن ۾ سونا کان سواءِ سونا جي ماءُ ۽ سندن ھڪ ٻي مائٽياڻيءَ جا ڪاري ٽيڻ ۽ اُن کان پوءِ جا تفصيل موجود آھن. منھنجو خيال آھي تہ ان ڊائري مان بہ ڪجھہ excerpts ھڪ بروشر ۾ بہ ڇپائي عام ماڻھن ۾ پڌرو ڪجن. ڊائريءَ ۾ جت رومانس ۽ Statements آھن اُت ڪجھہ اھڙا ھاريبل horrible واقعا ۽ Narration آھي جو نارمل ماڻھو بہ ڏڪي وڃي ٿو."

"انھيءَ بروشر جي پرنٽنگ ۾ مان اوھان جي مدد ڪري سگھان ٿي." آنٽي راحيل چيو، "منھنجا ٻن ٽن ائڊورٽائزنگ ايجنسيز وارن سان تعلقات آھن. اھي اسان کي اشتھار ۽ ٽيڪنيڪل ھيلپ ڏيئي سگھندا."

"اھو صحيح آھي." مون چيو. "سياڻي آءُ سيڪريٽري ايجوڪيشن کان ٽائيم وٺندس ۽ آءُ چاھيان ٿو تہ گھٽ ۾ گھٽ ڪراچيءَ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جون ٽيچرس ۽ ڇوڪريون انھيءَ واڪ ۾ حصو وٺن ۽ انھيءَ سڄي معاملي کي ڪجھہ آفيشل لڪ ضرور ملي."

"اھو ڪم اوھان جو آھي." آنٽي راحيل چيو.

ايتري ۾ مومل بہ اچي ويئي. مومل اڻ نون سالن جي صحتمند ڇوڪري آھي. سندس اکيون، ڳل ۽ چپ بہ ايترا وٽندڙ ۽ صحتمند ھئا جيترو ان عمر جي ڇوڪريءَ جا ھئڻ کپن. ھوءَ پنھنجي ماءُ جي قتل کان پوءِ يڪو مون وٽ رھيل ھئي. بدر ڪيس ماءُ جھڙو ٽريٽمينٽ ڏيئي رھي آھي.

"مومل ھيءَ آنٽي راحيل آھي ۽ ھيءَ ادي ساره آھي." مومل ٻنھي سان ملي. ڀاڪر پائي، ٻنھي ڄڻين ڪيس چميون ڏنيون.

پوءِ عورتن جي ڪچھري ھلي. نيٺ شام جو آنٽي راحيل ۽ ساره ويون ھليون ۽ مون بدر کي چيو تہ منھنجو بندوبست

بالڪونيءَ ۾ ڪر.

مون هڪ ننڍو پيگ ناهيو ۽ بدر مومل کي ڪچن ۾ وٺي ويئي ۽ ڪيس رات جي ماني ڪارائڻ لڳي. سامهون مون سونا جي فليٽ کي ڏٺو پئي. اوندهہ لڳي پئي هئي. سونا جي ڊائري منهنجي هٿن ۾ هئي. مون هڪ صفحو کوليو اُن تي برٽريئنڊرسل جي هڪ چوٽي لکيل هئي:

Love is something for more than desire for sexual intercourse; it is the principal means of escape from the lonliness which afflicts most men and women throughout the greater part of their lives.

مون اڳ ۾ بہ لکيو هو تہ سونا کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو پر ڪوٽيشن ۽ وٽندڙ سٽون پنهنجي ڊائري ۾ لکي ڇڏيندي هئي. هن ڊائري ۾ اهڙيون تمام گهٽيون سٽون لکيل هيون.

مومل کي ماني ڪارائي، بدر کيس سندس بيڊ روم ۾ وي سي آر تي ڪارٽون فلم هلائي ڏني ۽ پوءِ آئي مون وٽ ۽ ٽيستائين آءٌ بہ پيگ پي چڪو هئس. سندس موڊ ڪجهہ ڏکيو لڳو پئي.

”طبيعت ٺيڪ آهي اوهان جي؟“ بدر پڇيو.

”سائين بلڪل ٺيڪ آهي.“ مون چيو.

”اڄ هل هلان گهٽي ڪئي اٿو. ٽنگ ۾ سُور تہ نہ ٿيو؟“

”سُور سڀ لهي ويا.“ مون چيو. ”پريس ڪانفرنس سٺي ٿي نہ!“

”هي بہ رنون اوهان کي ڪٿي مليون؟“

” ڪالهہ انٽلڪچوئل فورم جي جلسي ۾ مليون هيون. پر بدر تون هيتري ڪلچرڊ ۽ سولائزڊ عورت آهين. پنهنجن لفظن ۽ زبان کي ٿورڙو صحيح رک.“

”مون ڪهڙا غلط لفظ چيا؟“ بدر چيو. سندس ڳالهائڻ ۾ اجا بہ عورتاڻو زهر پريل هو. ”پاڻ پنهي چيو تہ اسين Widow آهيون. اسين سليس سنڌيءَ ۾ جنهن عورت جو مڙس مري ويندو آهي تنهن

کي رن زال چوندا آهيون بيوه بہ چوندا آهيون. بي واهيون هي مون کي نٽي لڳيون. انهيءَ ڪري مون کين رن چيو. ڇو اوهان کي خراب لڳو ڇا؟"

"مون کي خراب ڪونہ لڳو. هو ٻئي چڱيون عورتون آهن. هڪ مسز رئيس سنجر خان بنگلاٽي بلوچ آهي ۽ ٻي انهي سنجر خان جي ٻائٽي. سنجر خان کي ڇهہ زالون هيون. بہ الله، مهر ڪري، ماريون، ٻن کي رئيس پاڻ ماريو. ٽيون چار. هڪ ڇٽي رئيس سان قدرتي حالت ۾ هئي تہ رئيس سندس لڱن مٿان ئي دم ڏنو ۽ گذاري ويو. آنٽي راحيل ڪراچيءَ ۾ رهندي هئي. رئيس جي ڪابہ ملڪيت نہ ورتائين سواءِ ڪراچي ۾ هزار والن جو بنگلو ۽ پنج لک رپيا ڪئش جيڪو رئيس راحيل جي اڪائونٽ ۾ رکائي ويو هو. آنٽي راحيل ڏاڍي چڱي، ڪلچرڊ ۽ نيڪ عورت آهي. رئيس کي جينز جي پينٽس ۾ ڏاڍي وڻندي هئي. ڪالهہ جينز پائي آئي هئي. بس مون کي اجا تائين اينٽري انفارميشن ملي آهي. ڪو سوال؟" مون سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو.

"جينز جي پينٽ پائڻ تي رئيس هزار وال بنگلو ۽ پنج لک ڏنا. واهہ ڙي سنڌي رئيس...."

"دل گڌي پي آ جائي تو پري ڪيا چيز هي." مون چيو ۽ محسوس ڪيم ٻئي تہ بدر جي زبان آهستي آهستي زهريلي ٿيندي ويئي ٻئي. عورت ۾ اها خاصيت رب رکي آهي تہ زبان کي زهريلي بہ يڪدم ڪندي آهي ۽ مصريءَ کان مٺي بہ ترت ڪري سگهندي آهي.

"رئيس جينز جي پينٽ تہ ڏني"، بدر چوڻ لڳي. "پر هي بلائوز مان فٽ بال ڪريس ٻئي سي نظر نہ آيس."

مون وسڪيءَ جو گلاس ٽيبل تي رکي بدر ڏانهن ڏنو ۽ هوءَ عورت جي هڪ منفي روپ ۾ عروج تي هئي.

"اُن وقت شايد ٻخال جهڙا اهي ٿانو نہ هجن- فرانسسي چانهہ جي ڪوپ جيڏا هجن ۽ رئيس کي چانهہ وڻندي هجي يا

ڪرڪيٽ جي بال جيڏا هجن. پنهنجو ڇا وڃي اها رئيس، راحيل ۽ هندستان جي ورهاڱي جي هڪ ڪهاڻي آهي. گهڻن داستانن منجهان هڪ داستان آهي. اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. ناظم آباد، پي اي سي ايچ ايس، لياقت آباد، گلشن اقبال ۾ نهيل بنگلا اهڙن ئي داستانن جو حصو آهن. هاڻ ڪلفٽن ۽ ڊفينس پيا آباد ٿين. مون کي تہ ڪراچيءَ ۾ پنجاهہ يا سٺ سالن جي ڪا سهڻي اڇي رنگ جي، تهذيب يافتہ عورت نظر ايندي آهي تہ اُن جي پٺيان ۽ جسم تي هڪ پيڙهي، دربدر ٿيل پيڙهيءَ کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جي جدوجهد نظر ايندي آهي. 1947ع کان 1980ع تائين ڪراچيءَ ۾ سهڻين سبيتين ۽ سگهڙ عورتن جي جسمن جي استعمال پنهنجين پيڙهين ۽ خاندانن کي خوشحال بنائڻ ۾ وڏو رول ادا ڪيو آهي. ايئن دنيا ۾ هر هنڌ ٿيندو آهي جت وڏي پئماني تي لڏ پلاڻ ۽ قدرتي آفتون ايندريون آهن. هاڻ ڪراچيءَ ۾ اندرون سنڌ وارا بہ اقتصاديات ۾ پنهنجو حصو ڪلاشنڪوف ۽ جسم جي استعمال ذريعي حاصل ڪن پيا But we are too late my darling that's why we also uses guns. اسين سنڌي هر ڳالهہ ۾ وقت وڃائي پوءِ ڪهاڙي ڪلهي تي کڻندا آهيون. سنڌين کي 1947ع کان 1970ع تائين حالتن جي بدلجڻ ۽ آفتن جو احساس ئي ڪونہ ٿي سگهيو. ڪجهہ ڇوڪرا سٺ جي ڏهاڪي ۾ ڪجهہ ڦتڪيا. پر Late جا شڪار ٿي ويا.“

”اوهان کي هاڻي وسڪي پئي چڙهي- هاڻ سمهو هلي.“

”زالن کي رڳو سمهڻ جي تات هوندي آهي. مون کي اڄا اقوام متحده کي اپيل لکڻي آهي. تو منهنجي ڳالهہ اٽپوري ڇڏي. اسين بہ اقتصادي توڙي سياسي طور تي اڳتي ۽ مضبوط هجون ها جي اسين بہ سياسي طور تي پنهنجي زمين تان دربدر ٿيون ها. پيٽ ۽ اڃهي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن آءٌ جوان هئس. جوان جي معنيٰ آهي تہ اڃا شادي ڪانہ ڪئي هئم تہ آءٌ مهيني

ڏيڊ، ڪراچيءَ ايندو ھئس. چيف منسٽر هائوس ۾ ڪراچي ڪلب جي سامھون تاج نائيٽ ڪلب ۾ ھوٽل ھوندي ھئي. پي آءِ ڊي سي بلڊنگ جي ريلوي پل جي چاڙھي لھي ڪوئنس روڊ ڏانھن ساڄي ھٿ تي امپريل ھوٽل ھوندي ھئي ۾ اُن ۾ لِيڊو نائيٽ ڪلب ھوندي ھئي. شايد 71 يا 1972ع جي ڳالھہ آھي انھن نائيٽ ڪلبن ۾ فارين عورتن سان گڏ ڪراچيءَ ۾ سيٽل ٿيل ھڪ لکنوءَ جي ڇوڪري بہ ٻين ڇوڪرين سان Striptease شو ڪندي ھئي. مون کي وڻندي ھئي. ھڪ دفعي رات جو ٻين ٻجي مون کي چوڻ لڳي تہ اڄ اوھان جو موڊ ناھي تہ پوءِ مون کي گھر ڇڏي اچو. ٽيڪسي ۾ ويندس تہ پوليس وارا تنگ ڪندا. گھڻو پي وڃڻ ڪري منھنجي طبيعت صحيح نہ ھئي تہ بہ مون ڪار ڪڍي ۾ ڪيس لياقت آباد نمبر 10 کان پوئين گھٽين مان ڪنھن گھٽيءَ ۾ لاٿم.

”تون ھتي رھي ٿين؟“

”ھا ھت ھڪ اسي وال جو ڪوارٽر آھي. ھڪ ياءُ، ٻہ ڀيٽون ۽ امان رھندا آھيون. ياءُ ميٽرڪ ۾ آھي. ڀيٽون ٻئي مڊل جو امتحان ڏينديون. باقي مون ڪافي پئسو گڏ ڪري ورتو آھي ۽ ھاڻ اسان جو ٽن سؤ والن تي بنگلو نھي پيو.“

”تنھنجو ياءُ اعتراض نٿو ڪري؟“ مون پڇيو.

”ھو ھاڻ سمجھي ٿو پر اھو بہ سمجھي ٿو تہ جن حالتن ۾ اسين ڪراچي پھتاسين سي انسان جي رھڻ جھڙيون نہ ھيون. مون کي خبر آھي ھُو ھاڻ گوڙ ڪندو پر مون سندس امتحان کان پوءِ دبئي وڃڻ جو بندوبست ھڪ دوست جي معرفت ڪرايو آھي. انشاءالله جُون ۾ ھو دبئي ۾ ويندو ھليو!“

”باقي بہ ڀيٽون وڏيون ٿيون تہ اُھي بہ؟“

”نہ ھڪ گھر ۾ ھڪ عورت خراب ٿي آھي اھوئي ڪوڙ آھي. ورھاڱي کان پوءِ ايئن ٿي مجبوري ھئي جيئن 1857ع ۾ مغل شھزادين مان گھڻين لکنو ۽ دھليءَ جي چڪلن ۾ پناھہ ورتي ھئي.

پيٽ اهڙي شيءِ آهي! مون کي به ڪجهه سالن کان پوءِ جي چڱو مرد ملي ويو ته هي سڀ ڪم ڇڏي ڏٻا. تيستائين فئملي به پنهنجي پيرن تي بيهي رهندي ۽ هڪ نئين سر زندگي شروع ڪبي."

هوءَ ويئي هلي. هوءَ تيهن سالن جي هوندي. پر عقلمند ۽ سياڻي هئي. اسٽيج تي ڪپڙا لاهي الف ننگي تي ڊانس ڪندي هئي ۽ پوءِ ڪلاڪ ڪن هوٽل جي ڪنهن ڪمري ۾ ڪنهن اڳ سڃاتل دوست يا ڪنهن پناڻ ٽرانسپورٽر، سنڌي ڪاموري، وڏيري يا چوڌري يا نئين شوقين ڪاٺياواڙي واپاري يا ڪارخانيدار سان قرب جون گهڙيون ونڊي، ڪوشش ڪري گهر ويندي هلي هئي. مون هاڻ هڪ انگلش فلم Striptease ڏٺي جيڪا سال ڏيڍ ڪن پهرين نهيل هئي ۽ جنهن ۾ اڄ جي دؤر جي مشهور هيروئن Demi Moore هئي. سا به ڪلب کان سواءِ، هڪ آمريڪن وڏيري اڳيان ڪپڙا لاهي ڊانس ڪري ٿي. مون کي ڊيمي مُور جو هڪ ڊائلاگ ياد رهجي ويو ته مان هڪ چرئي پوليٽيڪل مئگنيٽ جي اڳيان، سندس جهاز ۾ انهيءَ ڪري نچان ٿي ته مون کي جيتري پئسي جي ضرورت آهي سا حاصل ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي ڌيءَ جي لاءِ هڪ نئين بي داغ زندگي شروع ڪريان. 1947ع، 1972ع يا 1999ع ۾ به گهُرجائو ماڻهو جلدي پئسا حاصل ڪرڻ لاءِ ڏکيا ۽ غير مهذب ۽ غير قانوني ڪم ڪري ٿو. انهيءَ لاءِ اڃا تائين حالتون ساڳيون آهن- پوءِ پاڪستان هجي يا آمريڪا. مون هاڻ ڏهاڪو سالن کان سنڌي عورتن کي به اهڙا ڊانس يا اهڙيون محفلون ڪندي ڏٺو آهي. سمجهيم ته سنڌ ترقي ڪندي. خالي ڪلاشنڪوف جو ڪم ناهي. اقتصاديات سڀ کان ضروري آهي.

مون ڊرافٽ لکڻ شروع ڪيو.

In 1843 A.D., Sindh was an independent and sovereign country in the Indian Sub-Continent, when Sir Charles

Napier conquered and annexed it with other Indian territory. Soon after takeover, Napier came to know about one custom in Sindhi Society that husband or any kinsman kill his wife or woman of their family on the charge of adultry or having illicit relations with any other man and then label killed woman as "Kaari" and the adulteror as "Kaaro". This murder is, in other words, called "honour killing". During the reign of Talpers before Napier, there was prescribed no punishment for this crime. Sir Charles Napier did take some punitive measures to stop this so called "honour killing" including award of punishment, imposition of fine on entire village or locality where such murder take place. Also, the banishment of murderer to "Kala Pani" i.e. Nicobar and Indoman islands in the Bay of Bengal, was implemented. Initially this brought some fruitful results but incidents of women suicides were increased and thus "honour killing" of woman took other guise or external appearance. Sir Charles Napier, the captor of the independent Sindh and hater of aforesaid custom of "Kaaro Kaari", left this Land and consequently, the Penal Code of 1862 A.D. was introduced in Sindh whose articles of "murder by intention", and "murder due to sudden emotional conditions" did ease to commit such honour killings. Advocates play this part with their all experience and professionalism to prove the murder of woman as committed due to upsurge of emotions and strong feelings of honour.

After Napier's departure and implementation of the panel code in 1862 A.D, more than 150 years have been passed. we saw the twenty century- the best period of human history and mankind, but the said custom of woman killing in the garb of "Kaaro Kaari" has not only increased

but flourished and prospered. Also, the tribal system and 'Jagirdar' or 'Wadero' have started to play their role being the headmen of village or tribe. The women in this custom either kill or humiliate for her entire life physically and mentally. This custom is also generally become shelter in false cases.

In the absence of due punishment of these brute murders, the woman- folk of rural Sindh continue to feel "Sword of Democlese" on their necks.

We therefore pray that proper law may be enacted in this matter and due punishment be awarded to the culprits. This is not the matter of honour or upsurge of the emotions but purely matter of human blood and life.

To
National Assembly of Pakistan
Sindh Assembly
The Governor / C.M. of Sindh
U.N.O.
Amnesty International
Human Rights Commission
The People of Sindh / Pakistan

ٻئي ڏينهن صبح جو مون سيڪريٽري ايڊيوڪيشن کي ٽيليفون ڪيو ۽ ڪانئس ٽائيم گهريم.

”اوهان ڪڏهن اچڻ چاهيو ٿا؟“

”اڄ، سياڻي يا...“ مون چيو.

”ٺيڪ آهي، اڄ ساڍي ٽين بجي اچو.“

ساڍي ٽين بجي آءٌ ۽ مومل سنڌ سيڪريٽريٽ وياسين. مومل

کي بدر سڻا کپڙا پارايا هئا. هوءَ تمام هوشيار هئي ۽ سندس ڳالهائڻ ۾ بہ هرويرو باراڻي غير پختگي نہ هئي.

ٿورڙي دير کان پوءِ، آءُ سيڪريٽري ايڊيوڪيشن اڳيان ويٺو هئس. اسان جا سنڌي آفيسر هاڻ ڪجهہ عرصي کان سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي نالي جي حد تائين سڃاڻڻ لڳا آهن. نہ تہ اِهي پڙهيل ڳڙهيل سنڌي آفيسر رڳو شاهہ لطيف، سچل سرمست، مرزا قليچ بيگ يا ڪٿي هاڻ ڪجهہ سال ٿيا آهن شيخ اياز کي اديب يا شاعر جي حيثيت ۾ سڃاڻين ٿا.

"هيءَ مومل آهي." مون سيڪريٽريءَ سان پنهنجو تعارف ڪرائي پوءِ مومل بابت ٻڌايو "ڪجهہ ڏينهن اڳ هن جي ماءُ ۽ پيءُ کي ڪارو ڪاري ڪري ڪراچي شهر ۾ ڪلفٽن جي علائقي ۾ ماريو ويو هو. ضرور اوهان کي ڄاڻ هوندي."

سيڪريٽري مومل کي پيار ڪيو ۽ ڪيس پيپسي ڪولا گهرائي ڏني ۽ منهنجي لاءِ چانهہ گهرائي.

"مون کي خبر آهي. اسين اجا گذريل صدين کي ڇهتيا پيا آهيون. اوهان مطلب جي ڳالهہ ڪريو."

"مطلب جي ڳالهہ اها آهي تہ"، مون چيو، "اسين هڪ جلوس ڪڍڻ چاهيون ٿا جنهن کي ٻين لفظن ۾ واڪ (Walk) ڪٿي چئجي."

"اهو تہ انتظامي مسئلو آهي." سيڪريٽريءَ چيو.

"اوهان صحيح چئو ٿا پر آءُ چاهيان ٿو ڪراچيءَ يا سنڌ جي ٻين حصن مان ليڊيز ٽيچر ۽ سندن شاگرديائيون، انهيءَ واڪ ۾ حصو وٺن ۽ اهو هڪ نمائنده واڪ ٿئي. عام ماڻهن، قانون ساز ادارن ۽ انتظامي حاڪمن کي خبر پوي تہ ٻارڙيون، ڇوڪريون، عورتون ۽ دانشور اهڙن قتلن تي ڪيترو پريشان آهن."

"انهيءَ واڪ کي ڪا سياسي جماعت تہ سپورٽ نہ پئي ڪري؟"

"نہ سياسي جماعتن جو انهيءَ ڳالهہ سان ڪو بہ واسطو ناهي."

"انهيءَ جي ذميداري ڪير کڻندو؟" سيڪريٽري چيو.

”اسان انهن سان ڳالهائينداسين ئي نہ تہ پوءِ هو ڪيئن حصو وٺندا.“

”ٺيڪ اوهان هڪ اهڙي درخواست ڏيو ۽ اُن جي ڪاپي ڪمشنر ۽ حد جي ڊپٽي ڪمشنر کي بہ ڏجو. ٿي سگهي تہ انهن سان ملي بہ وٺجو. مان بہ کين اطلاع ڏيندس. سڀاڻي مان اسڪول ۽ ڪاليج ائڊمنسٽريشن کي سرڪيولر موڪليان ٿو. اوهان سڀاڻي منجهند تائين مون کي واڪ جو ڏينهن ۽ وقت ٻڌائجو- پلي ٽيليفون تي ئي. چڱو ڪم آهي. الله انهيءَ ۾ برڪت وجهندو. پر سياست نہ هجي.“

”اسان کي ماڻهن ۽ حاڪمن تائين Message پهچائڻو آهي.“ مون چيو. ”سياسي ماڻهن سان اسان جو واسطو ناهي.“

گهر آيس تہ بدر ٻڌايو تہ آنٽي راحيل جو ٽيليفون آيو هو ۽ اوهان کي شام جو ساڍي پنجين بجي گهرايو اٿس. مون راحيل کي ٽيليفون ڪيو:

”اڄ نہ سڀاڻي شام جو اچو. اسان ڏهہ ٻارهن NGOs ۽ ڪجهہ سوشل ورڪر گهرايون آهن. اوهان، پاپي ۽ مومل سان گڏ ضرور اچجو تہ واڪ جو پروگرام ٺاهينداسين.“

”آءٌ تہ ڪونہ هلندس.“ بدر صاف جواب ڏنو.

”دماغ خراب ٿيو اٿئي. پاڻ هلنداسين.“ مون چيو. ”آءٌ سمجهان ٿو تہ ايڏي وڏي مقصد لاءِ توکي تنگ نظر نہ ٿيڻ گهرجي. بابا مومل اوهان بہ آنٽي کي سمجهايو تہ سڀاڻي آنٽي راحيل جي گهر هلنداسين.“

”ها ضرور هلنداسين. آنٽي راحيل تمام سٺي آهي.“ مومل چوڻ لڳي.“ سڀاڻي آءٌ بہ جينز پائي هلندس.“

مون ڪلي ڏنو. بدر کي ڪاوڙ لڳي: ”سنڌي ماريا جٽ جو جٽ ئي رهيا. ڪپڙن جي هيٺان يا ڪپڙن کان سواءِ جهڙي ڳوناٽي

ايمٽا آهي تهڙي آنٽي راحيل. اجايو رن جو مردن دماغ خراب ڪيو آهي."

"اهو تہ مسئلو ئي ڪونهي جو تون وچي ايمٽا ۽ راحيل جي Comparison تي پهتي آهين. آءٌ چاهيان ٿو تہ حڪومت ڪي ماڻهن جي جذبات جي خبر پوي ۽ ايئن انساني حياتين جو خون نہ ٿئي."

"اوهان پنهنجا جذبات ڪنٽرول ۾ رکجو."

"چڱو هاڻ مون کي ڇڏ تہ آءٌ اخبارن وارن سان ڳالهايان ۽ کين تفصيل بہ فيڪس ڪريان."

شام ٿي چڪي هئي. سج، سنڌ جي سامونڊي ڪناري واري شهر جي بيٺل اوچين عمارتن جي پٺيان لڙي چڪو هو. سامهون مين ڪلفٽن روڊ تي هلندڙ گاڏين پنهنجيون بتيون روشن ڪري ڇڏيون هيون. آءٌ، پنهنجي گذريل ڪجهہ مهينن جي عادت موجب اولهہ ڏانهن ڪلندڙ بالڪونيءَ ۾ ويٺو هئس. سڄي ڏينهن جي ڪيل ڪمن کي ورجايم پئي ۽ ايندڙ ڏينهن جو پروگرام ٺاهيم پئي. سياڻي ڇئين بجي ادبي سنگت جي اجلاس ۾ بہ وڃڻو هو. ساڍي پنجين بجي آنٽي راحيل جي گهر پي اي سي ايڇ سوسائٽي بہ وڃڻو هو جت ڪجهہ NGOs جا عهديدار گڏ ٿيڻا هئا.

منهنجي هٿن ۾ سونا جي ڊائري هئي. سونا مون کي ڏاڍو ياد ايندي هئي. سنڌس ڊائري ۾ عجيب قصا لکيل هئا. سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ لکيل هو. ڪوبہ تسلسل نہ هو پر ڪيس جيڪا ڳالهہ وڻي يا لکڻ جهڙي لڳي، لکي ڇڏيندي هئي. اها ڊائري هن پنجن ڇهن سالن ۾ لکي هئي. ٻين ڳالهين، شعرن، انگريزي سنڌي چوڻين ۽ پهاڪن سان گڏ ڪي ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون بہ لکيل هيون. ٻہ ٽي صفحا انگريزيءَ ۾ لکيل هئا. سونا جي هئنڊ رائيٽنگ ڏاڍي سٺي هئي. پهرين ڳالهہ سمجهيم نہ تہ ايتري انگريزي

لکڻ جو مطلب ڇا هو! پر پوءِ جڏهن پڙهيم تہ منهنجا وار ڪاندارجي ويا. اهي انگريزي ٽڪر (excerpls) هڪ ڪتاب "AISHA" تان اُتاريل هئا. انهيءَ ڪتاب جي ليکڪا مصر جي رهاڪو پروفيسر احداف صوعيف هئي. قاهره يونيورسٽي جي پڙهيل هئي ۽ لئنڪاسٽر انگلينڊ جي يونيورسٽي مان لنگئسٽڪس ۾ Ph.D ڪيل هئي. ڪتاب عائشہ ۾ مختلف عورتن جا ڪردار ۽ مصري قديم ۽ جاگيرداراڻي دؤر جون رسمن بابت مڙهيل ڪهاڻيون هيون جيڪي هڪ ناول جي روپ ۾ هيون. انهيءَ ڪتاب جي هڪ ڪردار عورت زينا متعلق سندس زباني ڪجهہ صفحا، سونا ڊائري ۾ لکيا هئا ۽ آءٌ بہ سمجهان ٿو تہ اهي ڪجهہ سٽون پڙهڻ جهڙيون آهن ۽ دنيا جي چؤگرد عورتن تي ٺينڊز ڏاڍ ۽ مردن جي قائم ڪيل رسمن ۽ روايتن کي وائکو ڪن ٿيون.

زينا جي ڪهاڻي:

When the day before the wedding came the younger children were all put out into the yard and the Mashta was sent for-

'Mashta?'

'Yes, she's the woman who comes to adorn the bride. They fetched her from the baths and she hurried in, trilling her joy-cries from the top of the street. 'A thousand congratulations, Zeina," She cried, letting out another joy-cry before she took off her 'tarha' and hugged me, kissing me on the mouth. I clung closer to my grandmother. "They say he's a fine young man," she said, laughing, and pinched me, then took off her slippers and her outer black dress, rolled up her sleeves and went into the kitchen to prepare the sugar. I had seen the older women use it before-'

'Sugar?'

'It's what you take out your hair with.'

'Why would you take out your hair?' the little girl

wondered, gazing at her nurse's rich head of shiny black hair. Dada Zeina usually wore it bundled under a white kerchief like all other nannies in the club, but tonight was Wednesday and it had been washed in olive-oil soap and was drying round her shoulders. That too was part of the magic of these nights.

'The hair on your legs and on your body, to make you nice and smooth for the bridegroom.'

Here nurse looked at her meaningfully and the child thrilled. Here she was: an accomplice, a grown-up. Her baby sister and brother were asleep inside, but she was eight years old and sitting up on the balcony listening to her nanny's story. And it would be like this every Wednesday night when her parents went out. So long, of course, as she was careful and kept the secret. 'She's a good girl,' Nanny always said to the other nurses in the club, 'she never carries tales to her mother'. And although in some deep corner inside she was uneasy, feeling the bribe in the words, she still felt proud, and anxious to keep those privileged story-telling hours. Besides, she didn't want to carry tales. She had asked her mother once how women did the joy-cry and her father had frowned and said it was something that only vulgar people did.

'They told me to undress and I was so shy,' said Zeina, laughing. 'I held on to my grandmother, but she pulled up my shift and my aunt took it off me, and my undershift too, and sat me down on the straw mat. The Mashta was kneading the sugar in her hands and as it crackled and popped she'd say, "Listen to that. How he must love her if the sugar's popping like this. What a lucky girl you are!" and let out another joy-cry. She smoothed the paste on to my leg, muttered the name of God and tore it off. I howled and jumped up but they pulled me down again:

"Don't be a child, now."

"'your body will go numb in a moment and you won't feel the pain."
"'It's all so you can please your man."
"'What's he got to do with my legs?" I cried. I was so foolish.
Zeina laughed.
The little girl noticed then the soft down on her own arms and legs but, anxious to stay a grown-up, she laughed too.
'Well, they plucked my legs and thighs and armpits and arms and my face too, for good measure, then the Mashta said, "Come on, bride, take your knickers off," and I was so startled I cringed into myself and couldn't move.'
The little girl sat very still. She had the strangest, warmest, gentlest, tingling feeling between her legs and her heart was pounding in both fear and pleasure. This was forbidden. Her parents never ever said 'knickers', always 'culottes' and her nurse, in deference to them, said 'kollott' but now, now she was using the other, the 'vulgar' word.
"'Come on, Zeina, don't be a spoilt child," my aunt said, and tugged, my knickers off. They spread the paste on the hair-'
What hair? wondered the child but she would not stop the flow for anything now.
'- and pulled. It was fire. I tried to struggle up but they held me down and the Mashta went on spreading the paste and tearing it off while I cried and screamed until I was completely clean. Then they heated water and poured it into the large brass tub and I sat in it stark naked while the Mashta rubbed me all over with a rough cloth, trilling her joy-cries all the while. Then she dried me and my grandmother fetched me a clean shift and sent me to lie down and rest.'
Aisha was quiet. 'We ought to go to bed before your parents come back,' said her nanny. 'Oh no,' eyes enormous, 'they're at the ballet. They won't be back before twelve at least.

Please, please go on. What happened next?'

'Next day they brought up a hundred chairs to the roof. The neighbours came and helped with the cooking and we cleaned out the room and the bathroom.'

'Was your room on the roof like my grandfather's?'

'What?'

'Where they keep the rabbits.'

'What rabbits?'

'Oh Nanny, you know, on top of my grandfather's house, where the rabbits are.'

'Oh. Yes, well, but it was clean and pink and had furniture-'

Rabbits didn't need furniture but perhaps they would like pink walls. Perhaps if she persuaded her grandfather they would be happier, he would have the walls painted pink? But may be grown-ups didn't really care about rabbits being happy. A treacherous wave of misery hit her as she remembered playing with the rabbits one day when her nurse casually caught one of them. She held him by the ears and he hung and quivered, huge eyes rolled back. When she slit his throat the blood spurted and he kicked and danced around before finally going limp, defeated. She had hated Dada Zeina then.

'I had a beautiful pink dress with sequins and a pink veil and I forgot about being a bride and sat and laughed with my girlfriends. But Setti came and took me away and took me to my uncle. My uncles were butchers and they're very tough men. My uncle had a gun in one hand and he held me by the other. I was scared of the gun because I'd heard of some girl they'd shot on her wedding night, but he led me to the new room. My aunt was there and my grandmother came in. Then the bridegroom came, my cousin. He had a thick white bandage wrapped round the middle finger of his right hand and I thought he had hurt it. I was so foolish. My uncle said, 'I'll be right outside', and closed the door but I

could still hear the drums and flutes as loud as though they were in the room with us. My aunt put her hand on my shoulder and said, "Take off your knickers, child, and lie down on the rug." I stared at her without understanding. She shook me a little: "Come on, girl, your uncles are waiting." I still stood there. "Tell him to get out" I said pointing at the man.

"The girl is mad." said my aunt.

"He's your husband." said my grandmother gently.

"I won't undress in front of him," I said.

'My aunt suddenly tried to pull me to the floor but I fought her. He just stood watching with his finger in the bandage. My aunt opened the door and went out. I could hear my uncle's voice raised angrily, then my aunt back in with two women.

"The girl is hard-headed," said one.

"She's still young and foolish," said my grandmother. "Don't scare her lest her blood should disappear."

'Suddenly the four women surrounded me and pulled me to the floor. One pinned down my shoulders while the other held on to my waist and my aunt and grandmother pulled off my knickers. I struggled and clamped my legs together tight. My aunt was pinching my thighs, trying to get me to open up. I was yelling and screaming but I kept my thighs tight together. My uncle hammered on the door: "What the Hell's going on in there? Curse you all. Shall I come in and shoot the bitch?" "It's all right, brother, have patience," cried my aunt and bent down suddenly and bit my upper thigh so hard I jerked it away and they immediately pulled my legs apart and held them and he stepped forward and squatted between them. I managed to wrench a leg away and as he leaned forward I gave him a mighty kick that sent him sprawling on his backside. He looked so funny sitting there on his bum, surprised, then he jumped up and came at

me and slapped my face, then using all his man's strength he forced my thighs open, threaded one of my arms behind each knee and drew them up to my head. The women held my arms and I lay there squirming and crying in gasps as he knelt down and forced his bandaged finger into me, working it round and round and in and out as I choked and screamed. Finally he took it out. The bandage was soaked with blood. They let go of me and Setti drew my wedding dress down and I lay shivering and crying. Then he went out. I heard my uncle fire his gun into the air and my other uncles' guns answering it from around the house and the drumming went up very loud and the street. Then the joy-cries filled the air and through the door I could see them unwrapping the bandage from around his finger. My uncle wound it round his head, blood and all, and danced slowly and proudly into the crowd, using his gun like a cane to dance with and calling out, "Our Honour. Our daughter's Honour. Our family's Honour."

'Afterwards Setti explained that he was my husband and any time he wanted to do anything to me I must let him and not fight him. But I did.' Zeina said, laughing. 'I fought him every time for a month, but in the end he mastered me.'

'Did you hate him, Nanny?' the child asked gently.

Zeina laughed again, easily. 'No, of course not. He was a strong man, bless him. And besides he was as big as a bull.'

(Excepts from Novel "Aaisha"- written by Egyptian writer Ahdaaf Soueif)

سونا کي مصر جي ماڻهن جي اها رسم عجيب لڳي. پر اِها رسم ۽ ضرورت جي ايجاد اڄ ڪلهه، ڪجهه عرصو يا صديون اڳ جي نه آهي. پر جڏهن کان عورت، مرد جي سماجي قبضي ۾ آئي آهي ۽ مرد عورت کي به پنهنجي غيرت ۽ شان جو حصو بنايو آهي يا سمجهيو آهي ته اها رسم ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ دنيا جي

هر سماج ۾ موجود آهي. مرد عورت کي پيار ڪري ٿو، حفاظت ڪري ٿو ۽ عزت سمجهي ٿو. جت بہ انهيءَ ٽن عنصرن مان ڪنهن هڪ جي ڪمي ٿئي ٿي. تڏهن عورت تي ظلم شروع ٿئي ٿو. آءٌ اڳ بہ چئي آيو آهيان تہ قدرت مرد کي قوت وڌيڪ ڏني آهي انهيءَ ڪري Survival of the fittest جي نظرئي مطابق عورت کي ڀوڳڻو پوي ٿو. مون خود هِت ڪيترا خاندان ڏٺا آهن جت انهن جي زالن، مائن، ڏاڏين ۽ ڀين عورتن جي سَتَ جا داغ اڇين چادرن ۽ سهاڳ جي جوڙن ۾ سانديل آهن ۽ اُهي خاندان پاڻ کي مٿانهون يا برتر سمجهن ٿا. پر هڪ ڳالهہ آهي تہ مرد ننڍي ذات جو هجي يا اعليٰ خاندان جو هجي، اهو ضرور چاهيندو تہ سندس پرڻيل زال، جڏهن ڪيس سهاڳ رات تي ملي ٿي تہ اڻ ڇُهيل هجي ۽ عورت اڻ ڇُهيل هئڻ بابت انهي رات ثابت بہ ٿئي نہ تہ فساد مرد جي ذهن ۽ جسم ۾ جنم وٺڻ شروع ڪري ٿو. الله سائين بہ سوره رحمان ۾ وعدو ڪيو آهي تہ اوهين (مرد) دنيا ۾ چڱا ڪم ڪريو تہ اوهان کي تمام سهڻيون، اڇيون عورتون ملنديون جيڪي اڳ ڪنهن جون ڇهيل بہ نہ هونديون. انهيءَ ڪري عورت ۽ ان جي Intactness هئڻ جو معاملو نہ رڳو دنيائي آهي پر آفاقي بہ آهي. هينئر عورت انهيءَ مسئلي کي بہ پنهنجي بنيادي حقن ۾ اتڪاءُ سمجهي ٿي. آءٌ سمجهان ٿو تہ قاعدي ۾ فائدو آهي ۽ مرد ۾ لڪل طاقتور ۽ ذهين جانور کي فساد ڪرڻ لاءِ اُڀاريو نہ. مغربي دنيا ۾ اهي قاعده وڌيڪ سخت هئا پر گذريل صديءَ جي ترقي پسندي ۽ مرد جي ذهانت ۽ فئملي سسٽم جي خاتمي ۽ اڪيلي رهڻ جي ترجيح، عورتن کي اِهي سڀ ڪم ڪرڻ لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو آهي جن تي صديون اڳ سندن مذهبي ڪتابن، رسمن ۽ عام شهري قاعدن پابنديون مڙهي ڇڏيون هيون. پر هينئر عورت آزاد هوندي بہ، مغرب ۾ Frustration ۽ Insecurity جو شڪار آهي. وري بہ مرد جو ناهيل قانون کين حفاظت ڏيئي ٿو. شايد مرد بہ، مغرب ۾ هاڻ

عورت کي پارٽ ٽائيم استعمال ڪرڻ چاهي ٿو جيئن عورت بہ سماجي طور تي چاهي ٿي تہ هڪ مرد سڄي حياتيءَ لاءِ ڏکيو آهي ۽ ڪافي بہ ناهي. ٿي سگهي ٿو مغرب ۾ ايڪيهہ صدي ۾ فئملي سسٽم وري رائج ٿئي ۽ پراڻي حياتي گذارڻ جو طريقہ ڪار ڪجهہ بهتر ڳالهين ۽ وڏيڪ چڱن سڌارن سان ٻيهر عمل ۾ اچي تہ جيئن طاقتور مرد جي انا بہ مجروح نہ ٿئي ۽ عورت کي بہ ويچارڳي ۽ استحصال جو شڪار ٿيڻو نہ پوي. اها ڳالهہ انهيءَ ڪري ڪريان پيو تہ انسان سماجي جانور آهي ۽ ان جي بهتري سماج ۾ ئي آهي ۽ اهڙو سماج جت ماڻهو ذهني ۽ جسماني طور گڏ رهن ۽ محبت ۽ امن سان رهن.

•

رات ڪافي اڳتي نڪري ويئي. بدر بہ مون کي ڪجهہ چڪن ۽ برائون ڊبل روٽيءَ جا سلائس ڏيئي پاڻ وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي. ڪيس خبر هئي تہ آءٌ دير سان سمهندو آهيان. مصري ڇوڪري جي ڪهاڻي ڪان پوءِ سونا پنهنجي چاچي ڳالهين جو ذڪر لکيو هو. عجيب ذڪر هو. پهرين تہ ڳالهہ ساڳي هئي جو سندس مڙس قادر بخش ڪيس ڪاري ڪيو. ڪارو غريب مائٽن جو ڇوڪر هو سو شهر ڀڄي ويو ۽ اُتان سعودي عرب هليو ويو ۽ گذريل ٽيهن پنجٽيهن سالن ڪان مديني ۾ رهندو آهي. اتي ئي ڪاروبار ڪندو آهي ۽ پاڻ کي محفوظ بہ سمجهندو آهي. اُت بہ ٻيرا چاچو قادر بخش حج ڪرڻ ويو هو پر ڪيس خبر هئي تہ قاتل کي جمعيٰ ڏينهن شهر وچ ۾ ترار مان ڪڍي سسي ڌار ڪبي آهي تنهن ڪري هو ڪاري جي ويجهو بہ نہ ويو. انهيءَ ڇوڪر جا مائٽ بہ ڳوٺ ڇڏي ٽڙي پکڙي ويا. پر قادر بخش چاچي ڳالهين تي ڪهاڙي اُڀي ڪري بيهي رهيو. چاچي قرآن کڻي آئي.

”هيءَ الله جو ڪتاب آهي. مان ڪاري ناهيان.“

”اهي ٺڳيءَ جا کيل آهن.“ قادر بخش جواب ڏنس.

”مون کي پنھنجي ۽ تنھنجي سر جو قسم آھي تہ مون کي ڪنھن بہ مرد سواءِ تنھنجي، نہ ڏنو آھي.“

قادر بخش ڳالھہ نہ مڃي. ھُو بدن ۾ سگھو نہ ھو. چاچي ڳلان قدآور ۽ لڳن ۾ سبر عورت ھئي تنھن وجھہ وٺي. قادر بخش کي ڏکو ڏنو ۽ تن ڪپڙن ۾ گھران وٺي ڀڳي ۽ سڌو پنھنجي ابي امان جي گھر پھتي. ابي ۾ بہ ايڏي طاقت ۽ پٽيان زور نہ ھو، تنھن ترت ڳلان جو ھٿ ورتو ۽ سڌو پنھنجي سردار چام حيدر خان جي حويلي تي پھتو ۽ سڄڻ ھنئي تہ جيئدان ڪپي ۽ خان، ڳلان کي پنھنجي اَمانَ ۾ وٺي نہ تہ ھڪ بي گناھہ مارجي ويندي. سردار چام حيدر خان پلو ۽ زماني جو ماڻھو ھو تنھن ڳلان کي تہ حويليءَ ۾ موڪلي ڏنو ۽ ڳلان جي پيءُ کي بہ چيو تہ توکي بہ حفاظت جي ضرورت آھي يا....

”نہ خان مان پنھنجي وطن ڪشمور وڃان ٿو ۽ چئن چڱن کي وٺي اچان ٿو پوءِ تون سردار آھين فيصلو تنھنجي وس آھي. منھنجي پٽيان بہ تہ ڪي چار پنج مڙس ھجن نہ تہ قادر بخش ڏنگو ۽ لوٺوسر آھي. متوَ قريل ۽ چئن بدمعاشن جو ساٿي سو اسان گريبن سان وڙھندي دير نہ ڪندو. الائي ڪنھن جو سر نيئندو. باقي ڳلان جي پارت ھجيئي. قادر بخش، اھو ھٿ اتڪائي چڱو نہ ڪيو آھي.“

”بابا الله خير ڪندو.“ خان چيو. ”قادو ڪيڏانھن ويندو. آخر ڪيس رھڻو تہ ھن دنيا ۾ آھي نہ. اھي بدمعاش بہ منھنجا آزمايل آھن. تون پنھنجو بندوبست ڪر. ڳلان جا ساھہ اجا پورا ڪونہ ٿيا آھن. جيستائين ھن حويلي ۾ آھي عزرائيل بہ پُڇي پوءِ اندر ويندو.“

مون پھرين بہ اھو لکيو آھي تہ سونا جي ڊائري ۾ محبت ۽ پيار بابت بہ گھڻو ڪجھہ لکيل آھي. ايئن ٿو لڳي تہ جت بہ ھن کي ڪو جملو يا سٽ يا پئراگراف چڱو لڳو ٿئي تہ اُھو سونا

پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيو ٿئي: هتي آءٌ ڪجهه جملا يا چوٽيون لکان ٿو جيڪي سونا پنهنجي ڊائريءَ ۾ گڏ ڪيون هيون. چاڪاڻ تہ هيءَ ڪهاڻي سچي پيار بابت آهي انهيءَ ڪري هيءَ جملا بہ هتي نهڪي اچن ٿا. منهنجو مطلب آهي تہ سونا جهڙي ڇوڪري ڪيترو پيار ڪندڙ هئي جنهن هي سٽون ڳولي لڌيون هيون:

- SMILE: The second best thing which lips can do.

- Let him kiss me with the kisses of his mouth: for thy Love is better than wine.- The Bible.

- Our spirits rushed together at the touching of the lips.
- Lord Tennyson.

- Give me kisses! Nay, 'tis true
I am just as rich as you;
And for every kiss I owe,
I can pay you back, you know,
Kiss me, then,
Every moment- and again! - John Godfrey Saxe.

- One kiss from rosy lips and I fear no storm or rock!
- German folksong

- The supereme happiness of the women is to be recognized by the loved man as a part of himself; when he says 'we', she is associated and identified with him, she shares his prestige and reigns with him, over the rest of the world; she never tires of repeating- even to excess- this delectable 'we'.
- Simone de Beauvoir

- A broken hand works, but not a broken heart.
- Persian Proverb.

- The unloving know nothing of God. - The Bible

- Love cancels innumerable sins. - The Bible
- A woman who is loved always has success. - Vicci Baum
- A woman, with no interest in perfume, has no future.
- French Provarb
- Love is the beginning of knowledge. - Carlyle
- For a woman to be loved, she usually ought to be naked.
-de Chardin
- Where there is love there is no sin. - A proverb
- The woman one who loves always smells good.
- Remy de Gourmont
- Take no notice of what you hear and said on the pillow.
- The Chinese Preverb
- Muggers demand money or your life. Wives demand both.
- An Amrican Proverb
- The love is strong as death. - The Bible
- Love at first sight saves a lot of time and money.
- Anonymous
- Nobody wants to kiss when they are hungry.
- French Proverb
- Love is sweet, but tastes best with bread.
- Yiddish Proverb.

- اسان عورت کي انهيءَ ڪري خلقيو آهي ته جيئن هوءَ مرد لاءِ تسڪين جو باعث هجي. -قرآن مجيد

- مومن پنهنجيون نظرون هيٺ رکن ۽ پنهنجين شرمگاهن جي حفاظت ڪن. - قرآن شريف.

- مومن عورتن کي ٻڌايو ته هو پنهنجيون نظرون هيٺ رکن. پنهنجين شرمگاهن جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي زينت ۽ آرائش جي نمائش نه ڪن. - قرآن شريف

- ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجين زالن تي الزام هڻن ۽ ڪو شاهد به نه هجي ته انهن منجهان هرهڪ جي شاهدي اها آهي ته هو چار ڀيرا خدا جو قسم کڻن ته هو سچا آهن ۽ پنجين ڀيري چوي جي آءٌ ڪوڙو آهيان ته مون تي الله جي لعنت هجي. اهڙي طرح عورت به

چار ڀيرا قسم کڻي پنجين ڀيري چوي تہ مون تي الله جو غضب نازل ٿئي جي هي شخص پنهنجي دعوىٰ مطابق سچو آهي. اهڙي صورتحال کي لعان چئبو آهي ۽ نيٺ نتيجو طلاق آهي. -قرآن شريف.

- عورتون ايمان ۽ عقل ۾ ناقص آهن. عورتن کان ڏڄو ۽ چڱين عورتن کان خبردار رهو. اوهين انهن جون چڱيون ڳالهيون بہ نہ مڃو تہ جيئن اڳيان هلي خراب ڳالهہ بہ اوهان کان مڃرائين. -نهج البلاغہ خطبو ٧٨- ترجمو: علامہ مفتي جعفر حسين.

- چوپايا ۽ درندا رڳو پيٽ ڀرڻ لاءِ آهن ۽ ٻين تي حملي ڪرڻ واسطي آهن. ايئن ئي عورتون هن دنيا کي خراب ڪرڻ لاءِ آهن. سينگار ۽ فتني جو باعث آهن. -نهج البلاغہ خطبو ١٥١ صفحو ٨٢٧.

- عورت هڪ اهڙو وڇون آهي جنهن جي پاڪر ۾ بہ مزو آهي. -نهج البلاغہ ترجمو: علامہ مفتي جعفر حسين.

- عورت سراپا برائي آهي ۽ سڀ کان وڏي برائي اها آهي جو عورت کان سواءِ چارو بہ ڪونهي. -نهج البلاغہ صفحو ٨٨٠ علامہ جعفر حسين.

- God created woman. And boredom did indeed cease from that moment- but many other things ceased as well. Woman was God's second mistake.

- Nietzsche

- جب کہ تجھہ سا نہين کوئي موجود پھر يہ هنگامہ اے خدا کيا هے. - (اردو مصرع)

چام حيدر خان پلو ماڻهو هو. بدن جو سبر ۽ وچولي قد ڪاٺ جو حشمت وارو مڙس هو. سندس پيءُ، ڏاڏو ۽ پڙ ڏاڏو انگريزن جا وفادار هئا. سندس ڏاڏي ۽ پڙ ڏاڏي وٽ تہ لاٽ صاحب جي دفتر ۽ ڪليڪٽر جي آفيس ۾ وهڻ لاءِ "ڪرسيءَ" جو پروانو بہ هو ۽ سڄي تر ۾ کي چند معتبر زميندار ۽ پيڙهاتا ماڻهو هئا

جيڪي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي ويهي سگهندا هئا. چام حيدر خان پنهنجي پيءُ جو هڪڙوئي پٽ هو جنهن کي سندس مرضي هئي تہ بمبئي يا علي ڳڙهہ موڪلي پر اجا سوچيائين پئي تہ ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو. بمبئي ۽ علي ڳڙهہ هندستان کي مليا. پوءِ چام ديدار خان، پٽ کي، حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ ڪيس بہ حيدرآباد اچڻ جي سهولت ٿي پئي. سندس هڪ ڪرسچن سنگتياڻي هئي جيڪا ڳاڏي ڪاتي ۾ رهندي هئي. اُن مائي وٽ وڏيرن جا پٽ انگريزي سکڻ ۽ زماني جا چڄ پڻ سکڻ لاءِ ايندا هئا. انهيءَ ڪري اسان جي سنڌ جا، پاڪستان ٺهڻ مهل، جوان وڏيرا مڙيئي انگريزي ڳالهائي بہ ويندا هئا ۽ لکي پڙهي بہ سگهندا هئا جو اهڙا ڪرسچن گهر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هوندا هئا ۽ اتي ڪرسچن مرد ۽ عورتون، ڪجهہ معاوضي تي، وڏيرن جي اڻ گهڙيل پٽن کي ائنگلو انڊين تهذيب ۽ دنيا ۾ مهذب ٿي هلڻ جا گر سيکاريندا هيون. سلام، دعا، ڪانٽي ڇريءَ سان کائڻ ۽ وڏيرن جا پٽ پيا تهذيبي گر بہ سکندا هئا.

ايوب خان جي آپيشاهي مهل چام حيدر خان ويهن سالن جو نوجوان هو. ايوب خان جون زمينون رئيس ديدار خان جي پرسان بہ هيون ۽ هو انهن زمينن جي سارسنڀال بہ لهندو هو. چام حيدر خان جي بہ ايوب خان سان نيازمندي هئي تنهن ڪري هو پنهنجي ڳوٺ جو بي ڊي ميمبر ۽ يونين ڪائونسل جو چيئرمين پڻ چونڊجي ويو. سندس ابا ڏاڏا شايد انگريزن جا ايترا وفادار نہ بہ هجن پر هي ايوب خان جو خاص حامي هو. ايوب خان کي بہ شايد اها ڄاڻ نہ هجي.

چام ديدار خان جي حويلي شاهي هئي. ڪچسري، ڪمرا ڪشادا ۽ اوچا 16-17 فوٽ مٿي. ڪمرن جي چوڌاري ورانڊو جنهن کي جافري جا در لڳل هئا ۽ درن جي مٿان ڪاشيءَ جي سرن جون

محرابون ٺهيل هيون. دروازا پڪي ساڳ جا هئا ۽ اڳيان شاهي اگهڻ يا پڏر هو جنهن تي زناني ڪاچ لاءِ تنبو يا قناتون آرام سان لڳي سگهنديون هيون ۽ پڻ تي سئو عورتون سولائيءَ سان ويهي سگهنديون هيون. خان جو اوطاق وارو بنگلو، حويليءَ کان سئو ڏيڍ قدمن تي ٺهيل هو. بنگلي جو مين گيٽ ٻاهر شاهي رستي ڏانهن ٺهيل هو ۽ حويلي منجهان ٻه اڍ ڊڪيل گهٽيءَ منجهان رستو هو جتان نوڪر ۽ خدمت گذار عورتن جي اچ وڃ هوندي هئي. حويليءَ جو وڏو بورچي خانو ٻه انهيءَ گهٽيءَ جي منهن تي هو ۽ ڪجهه نوڪر، جيڪي جدي پشتي خان جي ملازمت ۾ هئا، سي اونهاري جا اٺ نوَ مهينا انهيءَ گهٽيءَ ۾ ئي ڪٽون وجهي سمهندا هئا. خان ٻه عام طور حويلي منجهان بنگلي ڏانهن يا واپس گهٽو ڪري انهيءَ گهٽيءَ منجهان ايندو ويندو هو. گهٽي پهرين ڪچي هئي پر پوءِ خان جي يونين ڪائونسل جي چيئرمين ٿيڻ ڪري سڄي گهٽي پڪسري ٿي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ هڪ ڪسي ٻه ٺهرائي ويئي هئي. گهٽيءَ جي اڏاوت ۾ لاهي ايئن ٺهيل هئي جو ڪسيءَ جو پاڻي يا بارش جو پاڻي ڪونه بيهندو هو ۽ حويلي کان ٻاهر هڪ اڌ فرلانگ ڪن ايراضيءَ ۾ ڦهليل بيٺل پاڻي جي ڍنڍ ۾ وڃي پوندو هو. اوطاق جي بنگلي تي ٻه هڪ شاهي رڌڻو ۽ وراثت ۾ مليل بورچين جي اولاد، خان لاءِ موجود هوندي هو. جڏهن کان چام حيدر خان، پيءَ جي گاديءَ تي ويٺو هو ۽ مڪاني سياست ۾ حصو ٻه وٺڻ لڳو ۽ ملڪ جي فوجي صدر جي زمين جي ٻه سنڀال ڪندو هو ته وٽس روز حد جو صوبيدار، ڊي ايس پي، مختيارڪار پيا ايندا هئا ۽ مهيني ڏيڍ ضلعي عملدار ٻه سندس مهمان هوندا هئا. اوطاق ۾ هيٺ ته هڪ وڏو هال هو جنهن ۾ صوفا ۽ ڪرسيون ۽ هڪ شاهي ڊنر ٽيبل پيل هئي. هال جي ٻنهي پاسي ٻه ڪمرا هئا جن ۾ عام مهمان مڙو رهندو هو. پر مٿي پهرين منزل تي چار ڪمرا ٺهيل هئا جيڪي حد جي ڪامورن ۽ ٻاهريان ايندڙ مهمان

لاءِ هوندا ۽ انھيءَ اوطاق ڪان ٿورو پرڀرو اولھہ پاسي خان پنھنجي لاءِ، پھرين 1965ع واري دؤر ۾ بہ ڪمرا ۽ ورانڊو ٺھرايو ھو ۽ مٿي ڪُڏ ڪي بہ پَلويڙو ڏياري، گرميءَ منجھہ دوستن سان يا ڪنھن سينڊيءَ سان اُت ڪچھريءَ ڪندو ھو. انھيءَ ڪمرن جي بہ چؤطرف مڙسالي ڪان وڏي ڪچسري پٽ ڪنيل ھئي.

سونا ڊائريءَ ۾ وڏيڪ لکيو: چاچي گُلان نہ رڳو قدآوار عورت ھئي پر رنگ بہ ڪٽڪائون ۾ ڪُليل ھئس. وھنجي سنھنجي، وارن مان پاڻي چنڊي، وار مٿي پٺن ڏي ڪندي ھئي تہ سندس چھري جي تازگي ڏسڻ وٽان هوندي ھئي. پاڻ چوندي ھئي تہ منھنجي اکين جي ڪنل ڪي جڏهن منھنجا پريل چپ چمندا آھن تڏهن انھيءَ ڪنل ۾ ساھ پوڻ شروع ٿيندو آھي. سونا جي مطابق ڪيس چاچي گُلان جا اهي اکر ڏاڍا وٽندا ھئا. گُلان جي بدن جي بيھڪ بہ بي ڊؤلي نہ ھئي. اٺ نوَ سال شادي ڪان پوءِ بہ سندس چيلھہ ۾ اُرھہ پنھنجي ھنڌ تي ايئن ئي مضبوط ھئا جڻ نئين ڇوڪري جواڻ ٿي ھجي. جڏھن ڪان گُلان حويلي منجھہ آئي ھئي ڪنھن بہ ڪيس صحيح آڌرڀاءُ نہ ڪيو ھو. حويليءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ بہ ٽي ننڍڙيون ڪوٺڙيون هيون جت موجوده خان جي والد جي دؤر جون ڪاريون رھنديون هيون انھن پنھنجي سڄي جواني خانن جي سڄي ڪٽنب، مھمانن ۾ گھر جي پورھئي ۾ گھاري ڇڏيون ھيون. انھن جي پير ۾ ھڪ ڪوٺڙي خالي ھئي. اُت گُلان کي رھايو ويو ۽ ڪوشش اھا ٿيندي ھئي تہ خان جي زالن، مائرن يا ڌيئن تي گُلان جو يا اڳ ترسيل ڪارين جو پاڇو بہ نہ پوي. باقي پورھئي ڪرڻ ۾ مڙسن کي پوئتي ڇڏي ايندي يون هيون. پايي پيٽ ساھ جي تند ڪائڻ سڄي عمر غلامي ڪرائيندي ھئي. گُلان کي سينيئر ڪاريون پڏائيندي يون ھيون تہ سندن ساٿير ۾ ٻن ڪارين جو خانن وري نڪاح ڪرايو ھو ۽ انھيءَ زماني ۾ بہ ٽيھہ چاليھہ ھزار ھڪ ھڪ

رن جا ورتا هئائون. گلان سوچيو تہ هوءَ وري نڪاح نہ ڪندي ڪيس پنهنجو ساھہ مٺو هو. خان جي گهر جو پورهيو ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. انسان ڄائو ئي پورهئي لاءِ آهي. تندرستي بہ پورهئي ۾ آهي. مطلب تہ گلان خان جي گهر ۾ سُکي هئي. ڪيس رڳو هڪ ڳالهہ تي عجب لڳندو هو تہ خان جي ڪٽنب جون زالون ساڻن سڌي منهن ڪونہ ڳالهائينديون هيون ۽ ڪين گلان جي عمر ۽ جسم تہ صفا نہ وٽندو هو ۽ سندس پرپٺ ڏيڪ ڏينديون هيون ۽ سامهون بہ نڪن کي موڙا پيون ڏينديون هيون.

هڪ ڏينهن ٻنپهرن جو حڪم نازل ٿيو تہ گلان رئيس جي مانيءَ سان گڏ اوطاق واري بنگلي تي اچي. حويليءَ ۾ ڦرڦوٽ پئجي ويئي. سڀني عورتن جي واتن کي ڪلف لڳي ويا. خان جون ٽي زالون لِڇڻ لڳيون. پر ايئن پئي لڇيون جو لوڪ کي خبر نہ پوي. گلان رڌڻي مان اڌ آلن چنبڙيل ڪپڙن سان خان جي اوطاق واري بنگلي تي، مانيءَ جي ڊاکُن سميت پهتي. گلان سڀني جو لقاءُ ڏٺو پئي. اهڙي آلي پولي هوءَ بہ ڪانہ هئي پر همت نہ پئي پيس تہ پڇي ڇا اڄ منهنجو وارو آهي ماني کڻي وڃڻ جو يا ڪا نئين ڳالهہ ٿئي پئي.

خان ڊائننگ ٽيبل تي ماني کائڻ لڳو. گلان پگهر ۾ شِم اڳيان بيٺي هئي ۽ ٽيبل تي ڊاکُن منجهان ٻوڙ ماني ڪڍي خان کي ڏنائين پئي ۽ پنکو بہ پئي هنيائين.

خان گرھہ وات ۾ وڌو: ”تون گلان آهين.“

”ها رئيس منهنجو نالو گلان آهي.“

رئيس منهن مٿي ڪري گلان جو جائزو ورتو.

”سهڻين عورتن جي حياتي ٿورڙي هوندي آهي.“

”رئيس غريبن جي حياتي ٿوري هوندي آهي. سونهن تہ بهانو آهي.“

رئيس گلان کي وري ڏٺو ڪيس گلان جو پگهرهاڻو منهن، اکيون ۽ چپ وڻيا.

”حق تي کهڻ جهڙي آهين.“ خان ڪليو. ”تو الائي ڪيترا ڪُتا؟“

”رئيس مون کي کهڻ اچي ئي ڪونہ. منهنجو گهر وارو نياڳو هو. مان تہ سڄي عمر سندس نالي ۾ پاڪ صاف گذاري ڇڏيان ها.“

”عورت جي ڪُک ۾ ٻج پوڻ سان گڏ قدرت نياڳ جو خانو بہ ٺاهي ڇڏيندي آهي ۽ اهو ٻج ٻج تي هوندو آهي تہ ڪهڙو ٻج اعليٰ ۽ ٻُٽائتو آهي ۽ ڪهڙو ٻج نيچ ۽ ٻي ٻٽائتو هوندو آهي. تو ڪي گهٽا پار ٿيا؟“

”رئيس هڪ بہ نہ...“ گلان آهستي جواب ڏنو.

”جيڪي خراب عورتون نہ هونديون آهن تن ۾ نيچ ۽ واهيات ٻج ٻيهندا ئي ڪونہ آهن. جيڪي اعليٰ درجي جون عورتون آهن جيڪي اعليٰ ۽ الله جي پياري ٻندن ڪي مليل هونديون آهن سي ئي اعليٰ ٻج کي پاڻ منجهہ سمائينديون آهن ۽ سهٽي، سيبتي ۽ اعليٰ ذهانت واري نسل کي جنم ڏينديون آهن. اهڙو ٻج جڏهن عورت جي جسم ۾ پوندو آهي تہ قدرت نياڳ جي خاني بدران سياڳا خانا تخليق ڪندي آهي. شرط اهو آهي تہ عورت بہ اعليٰ نسل جي هجي. ڪتين، ٻلين، ڍڳين ۽ ٻين مادين جا بہ اصل نسل ڏسبا آهن. نہ تہ گهٽين ۾ سوين ڪتيون ٻليون گهمن پيون. انسان جي ماديءَ سان بہ ساڳيو اصول لاڳو آهي.“

”مان رئيس غريب، غريب جي ڌيءَ آهيان. منهنجو اصل نسل ڪهڙو؟ گهٽين ۾ رلڻ جهڙي هجان ها تہ ڪاري ڇو ٿيان ها.“

”نہ تنهنجي منهن ۾ حشمت ۽ لڱن ۾ سونهن آهي. تون ڪنهن چڱي پيءَ جي اولاد آهين. اها خبر تنهنجي ماءُ کي هوندي. نہ تہ پٺين تہ تڪو بہ نہ لهي. ضرور ڪو چڱو ٻج ماٺهين جي ڪُک ۾ پيو هوندو.“

”رئيس الله جي خبر الله کي.“ گلان کي رئيس جي اها ڳالهہ چڱي نہ لڳي.

”اسان جا وڏا، چون ٿا، سنڌ زمين تي بہ هُو پنهنجو ٻج، اصل ٻج سان هاريندا هئا ۽ موت ۾ ڀلو فصل ڪٽندا هئا. پوءِ اسان جي مرشد منع ڪيو تہ ڌرتي الله پاڪ جي آهي اُت پنهنجو ٻج نہ هاريو نہ تہ الله جو ڏمر بہ اچي سگهي ٿو ۽ اهو اعليٰ ٻج، اعليٰ انسان ذات جي خلقڻ لاءِ استعمال ڪيو.“

خان ماني ڪائي ورتي. گلان جو ڀگهر بہ سڪي ويو. جڏهن گلان ٿانوَ ڪٺي واپس وڃڻ لاءِ مڙي تہ ڪيس خان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

”اسين شڪار تي ويجون ٿا. رات جو منهنجو ڪير ڪٺي اچين تہ مون کي زور بہ ڏجانءِ. اڄ حويليءَ تي ڪونہ ويندس. ٿڪل هوندس.“

گلان ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي ۽ آهستي آهستي وڃڻ لڳي ۽ خان ڪيس ويندو ڏسندو رهيو.

حيدر خان عمر جا چاليهہ سال ڪجهہ ورهيہ اڳ پورا ڪري چڪو هو. بدن جو سپر هو پر قد هئڻ ڪري ٿولهہ نظر نہ پئي آئي. خضاب ڪري اجا بہ جوان نظر ايندو هو. آواز ڀرو ۽ رعبدار هئس. ٽن زالن منجهان ڪنهن جي همت نہ هوندي هئي جو خان کي سامهون ڪجهہ چئي وجهن جيڪو هن جي مرضيءَ مطابق نہ هجي. اولاد، هڪ پُٽ ۽ بہ ڌيئون رکو پهرين زال منجهان ٽيس جيڪا سندس ماسات بہ هئي ۽ پرڻجڻ وقت بہ خان کان اٺ ڏهہ سال وڏي هئي. هاڻ هوءَ پنهنجي وهي وڃائي چڪي هئي. پر نهايت سدوري ۽ بي زبان عورت هئي. خان بہ سندس عزت ڪندو هو. ڪيترا سال اڳ خان کي عرض ڪيو هئائين تہ هاڻ منهنجي عمر اوهان کي زورن ڏيڻ جي ناهي. مرداڻي جسم کي جوان زنانا هٿ ۽ زور کپن، سو مون ۾ هاڻ طاقت ناهي. انهيءَ سال، خان شهر مان هڪ پناٽي پرڻجي آيو. خان جي ٻي زال فخرالنساء بيگم، پر واري واند جي چڳي مڙس ميان پير ڏني خان جي نياڻي هئي ۽ هاڻ ڌري گهٽ پنجتيهہ سال عمر جا پورا ڪيا هئائين. پر هاني چوڪرين جهڙي هيس. بيگم الماس پناٽيءَ جي منهن مان رت لڻا پائيندو هو پر

فخرالنساءَ به صاف رنگ جي هئي ۽ منهن ۾ رت سان گڏ نمڪ به هئس. ڪيترا سال خان جي دل تي راڄ ڪيو هئائين پر هاڻ سال ٻه ڪن ٿيا هئا جو خان وٽس گهٽ ويندو هو. ويچاريءَ وس به ڏاڍا ڪيا ته خان کي پٽ ڄڻي ڏي پر الله جي مرضيءَ کي ڪير ٿو ڦيرائي سگهي. باقي پناٽي بيگم مڙئي رعبدار هئي. خان ٻه ٽي ڏينهن وٽس بنگلي تي نه پهتو ته ماڻهوءَ پٺيان ماڻهو موڪليندي هيس. انهيءَ ڪري خان ڪيس شهر واري بنگلي تي رهائيندو هو. پناٽي بيگم وٽ جڏهن رات رهندو هو ته اهو سمجهي ويندو ته هُو زال وٽ نه پيو وڃي پر ملاڪڙي ۾ لهڻ پيو وڃي. پيو سڄو ڏينهن آرام ڪندو هو ۽ نبو بورچيءَ کان مرداني زور ۽ هٿن سان لڳڻ جي مالش ڪرائيندو هو. پر خان کي اها زال وڻندي هئي. رات جو اوندهه ۾ به جرڪندي هئي. هڪ ڀيري خان چماٽ وهائي ڪڍي هيس. هفتو ڪن پناٽيءَ جي ڳل تان آڱرين جا نشان نه پيا لهن. هن زال منجهان به خان کي اولاد نه ٿيو. خان جي مرضي هئي ته جي هن پناٽي منجهان ڪيس پٽ جو اولاد ٿئي ته سندس خاندان جو سانورو رنگ ڦري اڇو ۽ ڳاڙهو ٿي پوندو ۽ اکيون به ٻُڻ اعليٰ نظر ايندو.

انهيءَ رات نائين ڏاري، گلان، خان جي ڪمري تي پهتي. نوڪر گرم کير جو ڀريل لوٽو ڪٽي اڳيان هليو پئي. گلان جي دل ۾ عجيب وسوسا هئا ته هي ڇا پيو ٿئي. رات جو مرد ڪنهن عورت کي پاڻ وٽ سڏائي ۽ زور به ڏياري ۽ عورت به گلان جهڙي سهڻي ۽ بيوس. مرد به خان جهڙو زورآور- گلان کي پڪ هئي ته وري ڪو نئون ڪتراڳ شروع ٿيڻ وارو آهي. پر هوءَ ڇا ٿي ڪري سگهي. خان جي ٻهرين زال کي خبر هئي ته گلان ڪيڏانهن وڃي پئي. پناٽي بيگم شهر واري بنگلي تي هئي. فخرالنساءَ بيگم کي به خبر پئجي ويندي. عجيب صورتحال آهي ته مرد پيار ڪري ته ڪا ڳالهه ناهي پر عورت مرضي يا بنا مرضيءَ جي مرد جي هنج مان

نڪري ٿي تہ سڄي جهان کي خبر بہ پوي ٿي ۽ اُن تي آگر بہ کڄي ٿي.

سونا ڏائريءَ ۾ وڌيڪ لکيو: منهنجي چاچي، خان جي اوطاق واري بنگلي پهتي. مون ڏائري پڙهندي اهو سوچيو تہ سونا تہ پڙهيل بہ هئي ۽ ڳالهيون بہ ڏاڍيون چڱيون ۽ عقل واريون ڪندي هئي پر محسوس ڪيم تہ سندس چاچيءَ ڳالهين بہ عقل واري ۽ سمجهہ واري عورت هئي. ڪيس خان جي اوطاق، انهيءَ ڏينهن عجيب لڳي. رات جي وڳوڙي ۾ هر طرف سانت ڦهليل هئي. اوطاق واري بنگلي ۾ روشني بہ ٿورڙي ڦهليل هئي. ڳالهين سڄي عمر پنهنجي مرد وٽ آئي وئي. ڪيس مرد جهڙي ظالم شيءِ کان هاڻ ڪوبہ خوف نہ ٿيندو هو. پر اڄ هوءَ جڏهن اوطاق واري بنگلي تي ويئي پئي تہ سندس وجود تي "ڪاريءَ" جو داغ لڳل هو. ذهني طور تي بيوس ٿيندي ويئي پئي. جسم مان بہ ست نڪرڻ لڳو هئس ۽ ڪيس ائين پئي محسوس ٿيو تہ رت جي گردش سست ٿيندي وڃي پئي. ڪِن سهڻين ۽ صاف سٿرين عورتن جي جسمن منجهان بہ اهڙي بُوءَ نڪرندي آهي جو پر ۾ بيٺل ماڻهو محسوس پيو ڪندو آهي تہ اها تيزابي، تکي ۽ اڻ وڻندڙ بوءِ برداشت ڪرڻ جهڙي ناهي. شهرن ۾ اهڙيون عورتون پرفيوم يا deoderant استعمال ڪنديون آهن. ڪي عورتون اهڙيون بہ هونديون آهن جن پگهر توڙي سڄي لڱن ۾ برداشت ڪرڻ جهڙي بُوءَ هوندي آهي ۽ ڪن عورتن جي جسم منجهان هلڪي هلڪي سرهاڻ ايندي محسوس ٿيندي آهي. اهو شايد لڱن جي ڪيميائي جزن جي ڪري بہ هجي. پر ڪن مردن کي عورت جي برداشت نہ ٿيڻ واري بُوءَ بہ ڏاڍي وڻندي آهي ۽ سندن پگهر- هاٺي جسم کي چهٽي چمندا رهندا آهن ۽ پگهرجي ڪاراڻ ڪين وڌيڪ جوش ڏياريندي آهي. سونا لکيو تہ ڳالهين جي جسم منجهان ڪڏهن بہ بُوءَ نہ آئي. هُوءَ پگهر ۾ ٻڏل هوندي هئي تہ سمجهبو هو تہ نلڪي هيٺان ويهي آئي آهي.

گلان، خان جي ڪمري ۾ پهتي. ٻہ ننڍا لئمپ ڪمري منجهہ ٻريا پئي. اجا خان جي ڳوٺ بجلي ڪانہ پهتي هئي. ٽنيا ۽ تارون سڀ لڳي ويون هيون. ڳوٺ جي گهرن ۾ ميٽر بہ هئا پر بجلي اجا ڪانہ پهتي هئي. خان وٽ اوطاق تي پيٽرول تي هلندڙ جنريٽر هو پر اهو خاص تڏهن هلندو هو جڏهن جنريٽر جهڙا مهمان شهر يا اوسي پاسي جي سردارن مان ڪي ايندا هئا.

خان ليٽيو پيو هو. ڪمري منجهہ هڪ وڏي شاهي جنڊيءَ جي کٽ پئي هئي ۽ هڪ شاهي ٿلهو ۽ نرم ايراني غاليچو بہ وڇايل هو. گلان هٿ ادب جا ٻڌي بيهي رهي.

”ويهہ.“ خان چيو.

گلان هيٺ غاليچي تي ويهي رهي. سندس نظرون هيٺ هيون. سيني جي کاٻي طرف ڄڻ پکي پئي ڦٿڪيو ۽ مٿي ۾ ڪيس هلڪو هلڪو سيڪ پئي محسوس ٿيو ۽ ڪيس ايئن پئي لڳو ڄڻ هاڻ منجهس سڄي همت ختم ٿيڻ واري آهي.

”خان مون کي هت، هن مهل خير منجهان گهرايو اٿئي؟“ گلان دل ٻڌي پڇيو.

خان جي کٽ ڀرسان هڪ ننڍي ٽپائيءَ تي ڳاڙهي هرجينا شراب جي مُني بوتل رکي هئي. گلاس بہ اڌ کن ڀريل هو. پهرين ڪوٽڙيءَ وٽ درياهہ جي ڪناري هرجينا بريوري هئي جت ڳاڙهي رنگ جي وسڪي ٺهندي هئي. چڱا خاصا ۽ وڏا ماڻهو هرجينا وسڪي ئي پيئندا هئا.

گلان جي ڳالهہ ٻڌي، خان مرڪي ڏنو.

”هت مون وٽ اچڻ جا ڏوهہ آهي؟“ خان گلاس مان ڍُڪ ڀريو. ”هاڻ هت مٿي کٽ تي اچي ويهہ ۽ مون کي شراب پيئڻ مهل زناني هٿن جا زور وٽندا آهن.“

گلان، غاليچي تان اٿي، خان ٽنگون سيريون ۽ ڪيس قدمن ۾

ويهڻ جي جاءِ ڏني.

”خان، مان حويلي تان ايئن آئي آهيان جو هر ڪنهن کي خبر آهي تہ ڪيڏانهن پئي وڃين.“

”تہ ڇا ٿي پيو؟“خان آهستي سان چيو. ”هيءَ منهنجي حويلي، اوطاق، زمين آهي. هت هرڪو بندو منهنجو آهي. منهنجو حڪم آخري آهي. مان اڄي ڪي ڪارو ۽ ڪاري کي اڄو ڪري سگهان ٿو.“

”پر سائين، مون کي وڏي ۽ وڃين سائنڻ بہ ڏنو تہ ڪيڏانهن پئي وڃان. اڄا ٽين پناٽي بيگم جون طوفان بہ ڏينهن ٻن ۾ اڇٽو آهي. سندس ڏوتيون بہ حويلي ۾ ڦرن پيون. ايئن نہ ٿئي تہ جان اوهان بچائي ورتي پر سڄي عمر انهن جي عذابن ۾ ڦاٿل هجان ۽ چوٽي پئي پٽجي.“

خان هلڪو ٽهڪ ڏنو: ”نڪاح جا ٻہ اکر عورت کي پنهنجي آپي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏين ٿا. خير تون فڪر نہ ڪر.“

گلان ٻئي هٿ خان جي پيرن ۾ وڌا ۽ زور ڏيڻ لڳي. گلان جا هٿ ٿڌا پر خان جا پير گرم هئا. خان کي گلان جي هٿن جو ڇهاءُ وڻڻ لڳو. گلان آهستي آهستي پيرن کي زور ڏيندي رهي ۽ پوءِ سندس هٿ خان جي ٻُڪين تائين وڌيا. خان جو بدن مردانو هو پر ماس ۾ اها مرداني سختي ڪونہ هئي. خان وسڪيءَ جو گلاس خالي ڪيو ۽ ٻيو ڀريو. نوڪر انهيءَ وچ ۾ پليٽ فراءِ گوشت جي رکي ويو.

”گلاس مان بہ ٿي ڍُڪ ڀريندينءَ.“ خان گلان کان پڇيو.

گلان ڪنڌ سان انڪار ڪيو ۽ ادب سان هٿ ٻڌا.

”خير وسڪي نٿي پين تہ هڪ ٻہ گوشت جون ٻوٽيون کڻ.“ خان پليٽ گلان ڏي وڌائي.

”مان تہ رات جي ماني بہ کائي آئي آهيان.“ گلان هڪ ٻوٽي کڻي وات ۾ وڌي.

”ڇا کائي آئي آهين؟“

"گلاس کير جو ۽ ماني ڪٽڪ جي."

"جڏهن مون توکي پهريون ڀيرو ڏٺو تہ سمجهيو تنهنجو مڙس يا تہ حق تي آهي يا صفا نياڻو آهي. تو جهڙي زال جو لائق نہ هو."

"سائين مون کي رب جي سچي ذات جو سونهن آهي تہ تون منهنجي حياتيءَ ۾ ٻيو مرد آهين جنهن کي مون هٿ لاتو آهي. نہ تہ مان ڪاري ناهيان منهنجي نصيب ۾ ڪا ڪاراڻ لکجي ويئي آهي."

"پلا هت ناراض تہ ناهين؟" خان سوال ڪيو

"سائين زور اڳيان زاري آهي. تو منهنجي جان بچائي آهي. جيئدان ڏنو آهي. ڇو ناراض هونديس. پلا جي هوندس بہ ڪٽي تہ ڇا تي ڪري سگهان؟" اها ڳالهہ گلان جي مرڪ ۽ وسڪيءَ جي ڪڙي ڍُڪ ۾ ڍڪجي ويئي.

"تون ڪوبہ ألڪو نہ ڪر." خان وسڪيءَ جو وڏو ڍُڪ ڀريو ۽ وسڪيءَ سندس شهپرن کي بہ آلو ڪري ڇڏيو. "پلا هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ تون سياڻي ۽ سمجهدار عورت آهين. زال ذات کي جڏهن گهر گهاٽ، عزت ۽ مڙس جو پيار ملي ٿو پوءِ هوءَ ڪنهن ٻئي مڙس ۾ اکيون ڇو ٿي وجهي؟"

"رئيس سوال ڪيو اٿئي تہ ٻُڌ. عورت بہ انسان ذات آهي. جيتري غيرت الله سائين مرد کي ڏني آهي اوتري عورت ۾ بہ سمايل آهي. فرق صرف اهو آهي تہ عورت مرد کان طاقت ۾ گهٽ آهي. عورت ۾ ساڙ ۽ حسد مرد کان گهٽو آهي. جيئن مرد نئو چاهي تہ سندس عورت کي ڪو ٻيو مرد ڇُهي تيئن عورت بہ نٿي چاهي تہ سندس مرد ڪنهن ٻي عورت کي ڏسي يا خيال ڪري. پر اها عورت جي سهپ آهي جو ڏينهن ڏني، سڀ ڪجهہ ڏسي، زهر جا ڍڪ ڀري چپ رهي ٿي."

خان ڪلڻ لڳو ۽ ڪل سان ڪنگهڻ بہ لڳو ۽ جڏهن ڪنگهي ورتائين تہ شهپر نيڪ ڪندي چيائين: "گلان اوهان کي قدرت جي قانون جي خبر ئي ناهي. سچي تاريخ ۽ زماني جا ڪتاب ۽ الله تعاليٰ

جا موکليل ڪتاب اها شاهدي ڏين ٿا تہ مرد هميشہ هڪ ڪان وڏيڪ عورتون پاڻ وٽ رکيون ۽ نہ رڳو زماني جي قانون پر رب جي قانون بہ ڪيس اجازت ڏني آهي. انهيءَ ڪري عورتن کي پنهنجي حد ۾ رهي عزت سان زندگي گذارڻ گهرجي.“

”سائين الله جي جڏهن مرضي ٿي تہ انسان کي فقط هڪ زال عطا ڪيائين ۽ ڏاڏي حوا وجود ۾ آئي- باقي جڏهن مرد جي زوراوري ۽ مرضي ٿي تہ رب سائين بہ سندس مرضيءَ موجب ڪم ڪيو ۽ اهي گهڻين زالن وارا حڪم ٿيا. پوءِ مرد پُڄي نہ سگهن تہ زالون هيڏانهن هوڏانهن گهُتون هڻي پنهنجي جان هلڪي ڪن. مرد وٽ طاقت آهي سو زالون روز پيون ڦاهيءَ جي ٽياس تي چڙهن. پر تنهن هوندي بہ قدرت عورت کي ايتري سگهہ ڏني آهي جو هوءَ پاڻ تي ضبط ڪري، پنهنجو پلاند ميرو ٿيڻ نہ ڏيندي آهي. باقي ساڙ، ضد ۽ هوَس جي اڳيان هي ڪوٽ قلعا ۽ حويليون بہ ڪا شيءِ نہ آهن. سهڻي درياهہ تري پنهنجي محبوب وٽ ويندي هئي. سسئي جبل جهاڳيا. خان! الله کي ڏوهہ نہ ڏيو- اها مردن جي فطرت آهي. ڏاپجن ئي نٿا. اکين ۾ نُور نہ هوندن. هٿ پير پيا ڏڪندن پر مٿي ۾ پرائي زال جي پچار ضرور هوندن. ڪري ڪجهہ نہ سگهندا تہ بہ ذڪر ۽ خواهش پئي هلندي. حڪيم ويچارا سچن موتين جا ڪشتا ناهي ٿڪجي پوندا آهن تہ بہ صاحب سڳورن جي حالت نہ سڌرندي آهي پر اڪيون آمريڪا جي بادشاهہ جي زال مان بہ نہ ڪڍندا آهن.“

ڳالهين ٿهڪ ڏنا. خان بہ کلڻ لڳو. خان کي ڳالهين جا ٿهڪ وڻيا.

”تون کلين تہ ڏاڍو سنو ٿي. آهين بہ عاليشان.“ خان چيو.

”منهنجي ڏاڏي پنجاسي ورهين جي عمر ۾ خواهش ڪئي تہ مون کي هڪ دفعو وري پرڻايو. ٽي ڏاڏيون مري ويون هيون بہ اڃا حيات هيون. انهن ٻڌو. هڪ ڏاڏيءَ چيو: ”سائينءَ وڏي ۾ هاڻ رکيو ڇا آهي جو نئين زال جي تمنا ٿو ڪري. اسان جي ابي ۽ چاچن

پاڻ ۾ صلاح ڪري ڏاڏي سائين جي خواهش پوري ڪئي ۽ سندس ئي مرضيءَ سان ڪوڙل ڪمدار جي ڌيءَ ارڙهن سالن جي نوريءَ سان نڪاح ڪيائين ۽ نوريءَ کي پنج سئو ايڪڙ زمين لکي ڏنائين. اها زمين اڃا تائين ڪوڙل ڪمدار جي پٽن وٽ آهي ۽ مائي نوري نڪاح ڪان پوءِ ڏهه پندرهن سال جيئري رهي ۽ هڪ ڏينهن جهنگ ۾ نانگ چڪ وڏو هئس ۽ بابا ٻڌائيندو هو تہ مون نانگ ۽ نوريءَ کي بندوق جا فائر ڪري ماري، اتي ئي پوري ڇڏيو. اسان جي وڏائي ڏس تہ بابي ۽ چاچن ڪوڙل ڪان زمين ڪونہ ڦري. ڏاڏا سائينءَ جي خواهش هئي. پنج سئو ايڪڙ وڏي ڳالهہ آهي. مائٽ، نوري سهسائي ويهي رهيا. اکر بہ زبان تان نہ اُڪلين. پنج سئو ايڪڙ وڏي ڳالهہ آهي.“

گلان خان کي زور ڏيندي رهي ۽ خان بوتل جي خالي ٿيڻ جي انتظار ۾ هو.

”مون کي چمي ڏي.“ اوچتو گلان جي ڪنن ۾ خان جو نئون حڪم پهتو.

گلان پهرين حيران ٿي. پر پوءِ ڦاسڻ ڪان پوءِ ڦٿڪڻ کهڙو، جو سوچي ساعت کن پنڊ پهڻ ٿي ويئي. هوءَ پنهنجي پنيان اونداهو جهنگ ڇڏي آئي هئي ۽ اڳيان ساڳي اونده ۽ گهُٽ جو سمنڊ هو. هوءَ چڻ مشيني انداز ۾ جهڪي ۽ پهرين خان جي پيشاني چميائين ۽ پوءِ آهستي سان پنهنجا چپ، خان جي شهپرن سان ڏڪيل چپن تي رکي ڇڏيائين. شهپرن جا وار گلان لاءِ نوان نہ هئا- پر اڄ ڪيس عجيب احساس پئي ٿيو. ڳاڙهي ڪنٽري هرجينا شراب جي تيز بُوءِ ۽ اُن سان گڏ ڪاڏل آفيم جي روڙي جي وات ۾ رهيل بُوءَ گلان جا حواس لوڏي وڌا ۽ جي هوءَ جلدي الڳ نہ ٿي وڃا ها تہ شايد يا الٽي ڪري وجهي ها يا ساهہ منجهي پوي ها. انهيءَ مهل گلان محسوس ڪيو تہ خان جا هٿ سندس لڱن تي ڦريا پئي. گلان چاهيو پئي تہ پَرَ هجن ها تہ اڏامي وڃي. پر هٿ سڀ ڪجهہ

ختم ٿيل هو. ڪا واهہ نہ هئي ۽ نڪا واٽ نظر ٿي آئي.

”تون سڻي آهين. مون کي وٺين ٿي.“

گلان جواب نہ ڏنو ۽ مُنجهيل ساهہ درست ڪرڻ لڳي.

”پُڌ مون کي ننڊ اچي پئي.“ خان آهستي سان چيو. ”اجا منزل پري پري آهي. تون هيٺ غاليچي تي سمهي رهہ. الائي ڪيڏي مهل راڻو ريجهي ۽ مومل وٽ اچي.“

گلان خان کي ڏسڻ لڳي. هن اکيون پوريون مس تہ ڪونگهرا هڻڻ لڳو ۽ گلان ڪٽ تان لهي هيٺ ٿلهي غاليچي تي ويهي رهي. اُت وهاٽا بہ پيا هئا.

اڌ رات ڪڌهوڪو لنگهي ويئي پر گلان جي نيڻن ۾ ننڊ نہ هئي ۽ حياتيءَ جي هن نئين دؤر جي گلان کي خبر نہ هئي. هوءَ سمجهي نہ پئي سگهي تہ ڇا روز رات جو هي راڳ هلندو. ڏينهن سڄو پورهيو ۽ حويليءَ جي نڪاح پڙهين زالن جي چوٽي پَٽَ ۽ طعنا! رات جو شراب، آفيم، خان جو وزن ۽ ڪلاڪ ڏيڍ جي هڻ هٽان- لڱن اندر ڏپ جهڙي پاٽيات!

هوءَ سڄي رات ڪانہ سمهي سگهي. صبح جي مُلي جي بانگ ۽ ڪڪڙن جا دس بہ پڌائين. سندس اکيون بند ٿيڻ لڳيون. انهيءَ مهل هن سمجهيو تہ خان ڪٽ تان لٿو آهي. پوءِ هن، خان جو سمورو وزن پنهنجي لڱن تي محسوس ڪيو. گهٽي دير ڪان پوءِ خان، گلان جي مٿان لٿو ۽ گلان محسوس ڪيو تہ سندس ڪپڙا پر سان ئي غاليچي تي پيا هئا ۽ خان سڄي ڪنتريءَ جي بوتل ۽ آفيم جي ڪڙي بُوءَ، سندس لڱن ۾، اونهو لهي، هاري، هلڪو ٿي، مردانگيءَ جي نمائش ڪري، ڪٽ تي سڌو ليٽي پيو. سندس سڄو بُت ساٽو ۽ ڪي قدر ڏڪيو پئي. هُو اجا پنهنجي بوت ۾ نہ آيو هو. گلان پهرين پاڻ کي اُگهيو ۽ پوءِ لڳلڳا ڪپڙا پائي اٿي ويٺي.

”خان مون اجا ڪالهہ مٿو ڌوتو آهي.“ گلان چيو. ”مان ڦاسي نہ پوان!“ خان جواب نہ ڏنو ۽ سندس ڊگها ساهہ ڪمري

جي خاموشيءَ ۾ چتا پڌڻ ۾ آيا پئي. ڳوٺ جي ڪنهن ڪتي جي ڀؤنڪ به پريان پڌڻ ۾ آئي.

”خان تو منهنجي ڳالھہ پڌي؟“ ڳلان کي فڪر ٿي پيو.

”جيڪو مون کي ڪرڻو هو سو مون ڪيو.“ خان ٿورو سھڪندي چيو. ”باقي ڇا ٿيندو؟ آسمان ڪرندو؟ ڪرڻ ڏي. خدائي پنهنجي آهي! تون خان جي دنيا ۾ آهين. ڪنهن ڀاڙئي ڀُتي جي ور ڪونہ چڙهي آهين.“

خان خاموش ٿي ويو. ڳلان ويٺي هئي. خان وري کونگهرا هڻڻ لڳو. پريان وري ڪتي جي ڀؤنڪ پڌڻ ۾ آئي پئي.

سونا جي ڊائريءَ ۾ ڳلان جا تفصيل لکيل هئا پر مون کي سندس ڪجهہ سٽن ڏاڍو پريشان ڪيو.

ڳلان پهريان پنج سال، ٽي ڀيرا پيٽ سان ٿي ۽ ٽئي ڀيرا سندس ڪُهائي ٿي. خان جي ٻج کيٰ اُسرڻ کان پهرين ئي ختم ڪيو ويو. ڳلان هر دفعي دائين، ڀوپين ۽ آڙيڪاپ عورتن جي ور چڙهي، موت جي در تائين وڃي موٽي ايندي هئي.

ٻيا پنج سال، خان ڳلان کي تمام گهٽ هٿ لائيندو هو. پر هڪ دفعي ڳلان کي گهرائي، تمام پنهنجائپ سان چيائين: ”ڳلان، اسان تنهنجي حياتي بچائي، ڪا وڏي ڳالھہ ڪانہ ڪئي. پر تو پاڻ نڀايو. تنهنجا ٿورا ڳائڻ جهڙا آهن. تنهنجي لڱن ۾ جيڪا لست هئي سا مون پيتي....“

ڳلان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

”هاڻ هڪ مدد ڪر.“ خان آهستي سان چيو.

”ڳلان ڪيس نهارڻ لڳي. عجب جهڙي ڳالھہ هئي.

”توکي خبر آهي تہ الله سائين مون کي هڪ ئي پٽ ڏنو آهي. هاڻ اهو ننڍڙو خان اڃي سورهن سترهن سالن جو ٿيو آهي ۽ جيڪا ڪني سني رن يا ڇوري ڏسي ٿو تہ اصل آپي کان ٻاهر نڪريو

وجي. اجا ڪچو آھي. ڪيس عورت جي بدن جي بہ خبر ناھي. اجايو خراب ٿي ويندو. اڄڪلھہ الائي ڪھڙي ڪھڙي قسم جي بيمارين جا احوال ٻڌڻ ۾ اچن پيا. سو مون فيصلو ڪيو آھي تہ ننيڙي خان کي تنھنجي حوالي ڪريان. ٿورو سمجھائينس ۽ ٿورو پيار بہ ڏينس. عورت ۽ انب سدائين مٺا ھوندا آھن. ڇوريون ۽ انبڙيون سدائين ڪتيون ۽ مرد کي خوار ڪنديون آھن."

"پر سائين الله ۽ الله جي رسول جي شريعت ۾ اھو آھي ڇا تہ پيءَ ۽ پٽ ھڪ ئي ھنڌ سورھيائي ڏيڪارين."

"گلان توکي اڃ بہ ٻڌايو ھئم تہ ھن حويليءَ ۾، ھن تر ۾ ۽ ھن ڌرتيءَ تي ڪنھن جو حڪم ۽ ڪھڙي شريعت ھلي ٿي. سوال نہ ڪندي ڪر. ڏاھي ۽ سمجھدار عورت آھين. وقت ڇئي مان بادشاھہ. وقت سان ھل."

گلان ننيڙي خان جي حوالي ٿي ۽ ايندڙ ڪجھہ سال ڪيس ائين لڳا ڄڻ سندس سمورا لڱ سانوڻ جي ڪڪرن ھيٺان آھن. نہ ويلو نہ وقت ننيڙو خان چڙھيو ويھي تخت تي. ننيڙي خان کي پيءَ جي تجربيڪار صلاحن مان گھڻو فائدو رسيو ھو.

خان، وڏو خان ھڪ ڏينھن دل بند ٿيڻ ڪري گذاري ويو.

ننيڙو خان يڪدم وڏو خان ٿي پيو.

- ۽ گلان شھر جي وڏي اسپتال ۾ يوٽرس جي مئلگننٽ ڪئنسر ۾ ٻري، سڙي ۽ مٽي جا وار وڃائي جڏھن ساھہ پورا ڪري، بيجان مڙھہ جي صورت ۾ خان جي ڳوٺ پھتي تہ حويلي جي اندران نڪاح ٻڌين سائنٽن جو حڪم آيو تہ گلان ڪاري ھئي. ڪيس ڳوٺ جي قبرستان بدران، ڪارين جي مقام ۾ دفنايو وڃي. نکو ڪفن ڏيوس ۽ نکي جنازي نماز پڙھو. ڳوٺ جي مُلي بہ اھائي فتوي ڏني.

سونا آخر ۾ لکيو ھو: ھڪ ڪاريءَ جي ڪھاڻي ختم ٿي.

هڪ عورت جي ڪهاڻي ختم ٿي.

ٻئي ڏينهن ساڍي ٽين بجي آءٌ ادبي سنگت جي دستوري مهيني وار ڪچهريءَ ۾ ويس. اُت ڪوڙ سارا اديب ۽ شاعر مليا. گهڻو ڪري سڀ نئين ٽهيءَ جا ليکڪ هئا. مون سمجهيو ته جهونن ۽ سينئر اديبن ڪي جيڪي ڪجهه ادبي سنگت مان حاصل ڪرڻو هو سو هٿ ڪري، هاڻ ادبي سنگت کي ٻئي يا ٽئين يا اجائي ليول جو پليٽ فارم سمجهن ٿا ۽ اهي سينئر هاڻ وڏا اديب يا شاعر يا پلي رائٽ يا ڪامورا بڻجي پنهنجي الڳ ادبي ۽ انٽلڪچوئل دنيا ٺاهيو ويٺا آهن ۽ انهن مان ڪجهه اديبن کي ڇڏي ڏيو باقي ٻين سيني جي مرضي اهائي آهي ته هُو عظيم اديب، نثر نگار يا شاعر يا ڊرامه نگار آهن. ڪيترا ته ادبي ورڪرن ۽ مخزنن جي مالڪن کي پنهنجي ڪاموڪري ۽ وڏماڻهپي اثر منجهان فائدا رسائي، پنهنجو نالو مٿيرو ۽ عظمت جي خانن ۾ رکرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر نوجوان يا نئين ٽهي پنهنجي دؤر جي تقاضائن ۽ فرسٽريشن جي ماحول ۾ هوندي به تخليق جي عمل ۾ رڌل آهي ۽ نوجوان هرويرو جهونن ۽ سينئر اديبن جي ڄار ۾ نٿا ڦاسن. اسان جي نئين ٽهيءَ ۾ تخليق جي قوت پهرين ٽهيءَ کان گهٽي آهي پر سينئر اديبن کي موقعا گهٽا هئا ۽ ميدان به خالي مليو. آءٌ نئين ٽهيءَ جي اديب کي ڏسندو آهيان ته تمام خوش ٿيندو آهيان ۽ مستقبل کي روشن ۽ بهتر سمجهندو آهيان. جي پاڻ ڪهاڻي نه ٿو لکي سگهان ته ايئن به نه سمجهندو آهيان ته ڪهاڻي مري ويئي. جيستائين انسان، زندگي ۽ ڌرتي موجود آهن تيستائين هزارين لکين ڪهاڻيون وجود ۾ ايندي رهنديون ۽ اهي ڪهاڻيون اسان جي سماج ۽ ڌرتيءَ جي ڇوڏار محفوظ هونديون. ڪمرشل ڊرامائي تفريح وانگر هوا يا پولار ۾ تحليل نه ٿي وينديون. جيڪو حال نظر اچي پيو اُن مطابق ڪمرشل ادب تخليق کان پوءِ به روشنيءَ منجهان گذري اونداهين

جي لاهه ۾ لهي وڃي ٿو ۽ اديب ڪيسا پري خوشحال ٿي، ٿين دنيا جي ڪنهن رشوتي ڪاموري وانگر نٽ ٺانگر ڪري ٿو. مون پنهنجن نوجوانن دوستن کي ٻڌايو پئي: ”يار ادب کي فيشن ۽ ڪمرشل ڊزائننگ جي Catwalk وانگر نہ هلايو. اها ڳالهہ بہ صحيح آهي تہ معاشري جي ٻين فردن وانگر اديب لاءِ بہ اڪنامڪس تمام ضروري آهي. پر اهڙو ماحول ناهيو جو اديب کي بہ پنهنجين لکڻين جو صحيح اجورو ملي. اڄ سمجهان ٿو تہ سنڌي صحافت ۾ اها ڳالهہ گهڻي قدر رائج ٿي چڪي آهي. ڪالم نگار، تجزيہ نگار ۽ صحيح نيوز مئن ڇهن کان پندرهن ويهہ هزار مهيني جا ڪمائين ٿا. اجا بہ دنيا تمام وسيع آهي. ڪمرشل لکڻين جي پنهنجي هڪ حيثيت آهي. پر اُهو ادب نہ آهي. اولهہ جي ٽي وي چئنلس تي هڪ ڊرامي کي چار کان ڇهہ ست لکڻ وارا تخليق پيا ڪن ۽ سنا ڏوڪڙ پيا وٺن. پر اهو ايئن ئي آهي جيئن هڪ عورت جا پنج ڇهہ مرد هجن. عورت پٽ ڇائو. خبر ناهي تہ اها اصل تخليق ڪنهن جي آهي؟ ٽي سگهي ٿو تہ اسان جي ملڪ ۾ بہ اهو طريقو رائج ٿي وڃي. پر واري ملڪ جي چئنلس تي بہ اهو ڪم جڻ شروع ٿي چڪو آهي.“

پوءِ اڄ پنهنجي اصل مطلب تي آيس. نوجوان اديبن پوري سهڪار جو يقين ڏياريو ۽ چيائون تہ اوهان جڏهن بہ واڪ جو بندوبست ڪريو اسين اوهان سان گڏ آهيون. مظاهرو بہ ڪنداسين. احتجاج بہ ڪنداسين ۽ پنهنجين لکڻين ذريعي انهيءَ چڱي ڪم کي همٿائينداسين. هڪڙو نوجوان، سنهڙو ۽ نيڊڙن وارن وارو اديب اٿي بيٺو ۽ سوال ڪيائين: ”ڇا اديب ۽ شاعر تخليق کان سواءِ، عملي جدوجهد ۾ بہ حصو وٺي؟ ڇا اديب يا شاعر يا دانشور جو اهو temperament ٿي سگهي تہ هُو جيڪي ڪجهہ لکي ٿو يا سوچي ٿو انهيءَ لاءِ رستن تي نڪري اچي تحريڪ هلائي يا جلسا جلوس ڪري. پوءِ سياسي ليڊر ۽ دانشور ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“

”بنيادي طور اديب يا شاعر ادب تخليق ڪري ٿو.“ مون چيو، دانشور پنهنجو فڪر عوام تائين رسائي ٿو. پر گذريل صديءَ يعني ويهين صديءَ جي شروعاتي اڌ ۾، جڏهن دنيا ۾ ۽ خاص ڪري ٽين دنيا ۾ آمريت ۽ عوام جي سماجي ۽ سياسي حقن کي صلب ڪيو ويو ته اديب ۽ شاعر پڻ محسوس ڪيو ته هاڻ آمريت جي خلاف نه رڳو اڪرن جي ويڙهه وڙهبي پر عام ماڻهن سان گڏجي سامهون اچبو نه ته ڊڪٽيٽرشپ، فاشزم ۽ حڪومت جون جابر پاليسيون، عوام کي ۽ انهن جي حقن کي چيپاٽي ڇڏينديون. ٽين دنيا ۾، اوهان کي خبر آهي ته لئٽن آمريڪا جي ملڪن، چلي، ارجنٽائن، هونڊوراس، مڪسيڪو ۽ يورپ ۾ اٽلي، جرمني ۽ اسپين ۾ اهي تحريڪون هليون هيون. فيڊريڪو گارشيا لورڪا ته نه رڳو پنهنجي عوامي شاعري، ماڻهن جا ميڙ گڏ ڪري، انهن اڳيان شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ ڳائيندو هو ۽ پر هن پنهنجي هڪ ناٽڪ منڊلي به ٺاهي ۽ انقلاب لاءِ ڊراما اسٽيج ڪندو هو. اسپين جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ماڻهو لورڪا کي ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا. اسپين جي ٽيهن جي ڏهاڪي ۾ هلندڙ سِولِ وار ۾ لورڪا ٻين اديبن سان گڏ سجاڳيءَ جي ويڙهه جاري رکي هئي. پئبلو نرودا اُن زماني ۾ چليءَ طرفان اسپين ۾ سفير هو. سفارتڪار هوندي به نرودا جيڪو چليءَ جو وڏو شاعر ۽ نوبل پرائيز ونر آهي، تنهن به لورڪا جي مدد ڪئي. آفريڪا جي اديبن پڻ ڪيترن ملڪن ۾ تحريڪون هلايون. سارتر، جنرل ڊيگال جي خلاف ٿي بيٺو ۽ الجزائر جي آزادي لاءِ پنهنجي ٻئي دوست اديب ڪامئو سان گڏ، پنهنجي ئي ملڪ فرانس جي آمريت واري پاليسيءَ خلاف ڪم ڪرڻ لڳو. ادا، نثري ادب يا شاعري هڪ داخلي جبر آهي ۽ جيڪا ڪنهن خارجي چونڊ مسئلي منجهان جنم وٺي ٿي. انهيءَ ڪري اسان جهڙن ۽ ٽين دنيا ۾ اديب ۽ دانشور کي عوام جي حمايت منجهه دانشمندي سان تحريڪ ۾ عملي طور تي اچڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهه ناهي.

سينيگال جي شاعر سينگهور پنهنجي ملڪ ۾ عوامي تحريڪ ۾ حصو ورتو. ملڪ آزاد ٿيو تہ اُن جو صدر بہ ٿيو. اهڙا ٻيا مثال بہ آهن. پئبلو نرودا، پنهنجو گهر گهاٽ ۽ پئسو ملڪ ۾ هلندڙ ڪميونسٽ تحريڪ ۾ استعمال ڪيا. انهيءَ ڳالهہ يا موضوع کي ڇيڙبو تہ ڳالهہ تمام ڊگهي ٿي ويندي. اوهان نوجوانن کي اوڻويهہ ۽ ويهين صدين جي قومي تحريڪن، آمريت ۽ ادب متعلق ضرور ڄاڻ حاصل ڪرڻ کپي. هن وقت پاڻ تمام ننڍڙي ڳالهہ پيا ڪريون تہ حڪومت جي ڪن تي اهو مطالبو اچي تہ قاتل قاتل هوندو آهي. قاتل ماڻهن جا قسم نہ هوندا آهن. هو انسان قتل ڪن ٿا. خون ڪن ٿا ڪين سزا بہ خون جي ڏجي. انهيءَ خون ڪرڻ جي عمل ۾ ڪو نفسياتي، جنوني اشتعال انگيز جذبو نہ وچڙائجي جو خون ڪندڙ کي، قتل ڪندڙ کي پنهنجي عمل جي رڳو نالي ماتر سزا ملي. قانون ۾ تبديلي آڻڻ تمام ضروري آهي نہ تہ مرد، عورتن کي ماريندا رهندا. اسان جي گهڻن مسئلن منجهان اهو بہ اهم مسئلو آهي. اسين اديب دانشور اڳتي وڌي، عوام سان گڏجي، حڪومت کي مسئلي بابت آگاهي ڏينداسين تہ جيئن عورتن جا قتل ايئن بند ٿي وڃن."

پوءِ نوجوان اديبن گهٽيون تقريرون ڪيون. سندن جذبن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيس. نيٺ اهو نهراءُ پاس ٿيو تہ ڪارو- ڪاريءَ جي لاءِ نڪتل واڪ ۾ نوجوان اديب ڀرپور حصو وٺندا. آءٌ اٺيس ۽ سيني سان موڪلائي، بلڊنگ جي نائين ماڙ تان جت نوجوان اديب ۽ دانشور ويٺا هئا، لفٽ ذريعي هيٺ ذرتيءَ تي آيس ۽ گهر پهتس.

شام جو دير سان، شايد اٺ کن لڳا هئا. آءٌ پنهنجي فليٽ جي بالڪونيءَ ۾ ويٺو هئس. سڄي ڏينهن جي هل هلان، منهنجي ٽنگ ۾ هلڪي سُور جون سَٽُون ڏيڻ لڳي. سُور جون گوريون کائي

۽ ڪجهه سنيڪ پئي کاڌم تہ ساره جو ٽيليفون آيو. ڪارڊليس سيٽ تي مون ڳالهايو.

”انڪل اوهان جا ڪهڙا حال آهن؟ ٺنگ ٺيڪ آهي؟“

”حال بلڪل ٺيڪ آهن. ٽنگ ٺيڪ هجي ها تہ اڏامي اوهان جهڙي سٺي مخلوق وٽ نہ پهچان ها. پر ٽيليفون ڪال جي بہ مهرباني. اوهان خبر ڪريو؟“

”انڪل، اسان ڪجهہ NGOs سان ڳالهايو آهي سڀاڻي شام جو پنجين بجي اسان جي گهر ميڙ ڪوٺايو اٿئون. مون رڳو چاهيو پئي تہ اوهان کي يادگيري ڪرايان.“

”مون کي منهنجو ڪم ياد آهي. اوهين فڪر نہ ڪريو.“

”آنٽي بدر ۽ مومل کي ضرور وٺي اچجو.“ ساره چيو.

”آنٽي بدر هينئر ڪچن ۾ آهي. هوءَ تمام سٺي پيار ڪرڻ جهڙي عورت آهي. پر ڪڏهن سندس روح راڳن ۾ آهي تہ ڪڏهن ٻيٽن کان بيزار-“

”انڪل، اوهان آنٽيءَ کي خاطري ڏيو تہ ڪيس ٻيٽن کان بيزار نہ ٿيڻ گهرجي ۽ ٻيٽن جي ٻي ڪابہ ايڪسٽرا ڪريڪيولر ائڪٽوِٽي نہ آهي.“

”ساره اوهان سمجهايوس. مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو آهي ۽ اها بہ خبر آهيس تہ منهنجي ٽنگ فريڪچرڊ آهي ائنڊ آءِ ڊُو ناٽ افورڊ ٽو ريپيٽ ماءِ پاسٽ.“

ساره کلڻ لڳي. ”انڪل، آءِ ڊو سپورٽ آنٽي بدر. شي از رائٽ. يو مي بي اي گڊ پرسن بٽ ناٽ.... مي بي ناٽ اي گڊ هسبنڊ. بٽ اوور آل، وِي ٿنڪ يو آر اي گڊ مئن!،

”ائڪزئڪٽلي. يو آر رائٽ. آءِ ٿنڪ يو آر ماءِ گڊ فرينڊ!“

”ود آئوٽ آئني ڊائوٽ- يس!“ ساره کلندي چيو.

”پر اي دوست! منهنجي ڳڙهي ياسين، ضلع سکر، حال ضلع شڪارپور جي چاول زال، پڙهي ڳڙهي، دنيا ڏسي وائسي، مون

جهڙي مرد کي tame ڪري، شاديءَ جي سلور جوبلي ملهائڻ کان پوءِ بہ ءِ منهنجي پيار جو سمورو ذخيرو حاصل ڪري، ڪپائي، اجا بہ سمجهي ٿي تہ جي مون کي چڙواڳ ڇڏيائين تہ ڇوڪرو نہ رڳو ڪري پوندو پر هٿن مان بہ نڪري ويندو. يو نو آءِ لوَ هر!“

”انڪل آنٽي آهي ئي اهڙي جنهن کي ڀرپور پيار ڏجي ۽ سڄي عمر پيار ڏجي.“

”پر قتل جي ڏوهاريءَ جي سزا عمر قيد بہ چوڏهن سال هوندي آهي هت آءٌ چوويهہ سال تہ ڪاٽي چڪو آهيان.“ مون چيو.

”ڪڏهن ڪڏهن پڃرو بہ پکيءَ جو ديس بڻجي ويندو آهي. اوهان سٺي زندگي گذاري آهي جنهن لاءِ سڄو ڪريڊٽ آنٽي بدر ڏانهن وڃي ٿو. مرد الائي ڇو آخري ڪجهہ سالن ۾ بغاوت تي لهي ايندا آهن.“

مون ڪلي ڏنو. ڪيتري نہ ذهين ڇوڪري آهي: دل ۾ چيم.

”اوهان جي اصل آنٽي مسز راحيل تہ خوش آهي نہ. شي از ويري گڊ ليڊي. مون کي هُن لاءِ تمام گهڻي عزت آهي.“

”اوهان صحيح چئو ٿا. آنٽي راحيل جهڙيون عورتون تمام گهٽ هونديون آهن. انڪل اجا تائين اسان جي ڳوٺ ۾ آنٽي راحيل جي تمام گهڻي عزت آهي. ڪيس سڀ چاهيندا آهن. هونئن آنٽي راحيل پنهنجي شخصيت ۽ ڪرئڪٽر کي برابر maintain ڪيو آهي.“

”ساره عورت جو ڪرئڪٽر فرانس جو ٺهيل نازڪ ۽ نفيس Stem glass آهي. اُن جي حفاظت ئي اُن جي حياتيءَ جو راز آهي نہ تہ هڪ ٿورڙي غلط ڪوشش گلاس کي پرزا پرزا ڪري ڇڏي ٿي. عورت بہ ائين ئي آهي.“

”ڇڱو انڪل سياڻي پنجين بجي....“ ساره ڳالهہ مختصر ڪئي.

”بلڪل ياد آهي.“

”آنٽي بدر ۽ مومل کي نہ وسارجو. آنٽي کي منهنجا سلام ڏجو.“

”نيڪ آهي.“
”۽ پيو اِهو بہ ياد رکجو تہ عورت رڳو Stem glass ناهي.“
ساره ۽ مون ٿهڪ ڏنا ۽ ساره فون بند ڪري ڇڏيو.

اُن ڪان پوءِ مون پنهنجن سڀني دوستن، فئملي فرينڊس، مخزنن اخبارن ۽ سوشل ورڪرن کي ٽيليفون ڪيا ۽ کين پنهنجي مقصد بابت ٻڌايو ۽ کين اهو بہ چيو تہ سڀاڻي اوهان کي پوري پروگرام بابت آگاهہ ڪندس تہ اسين ڪارو ڪاري مسئلي لاءِ ڇا ڪرڻ وارا آهيون. سڀني دوستن توڙن اخبارن ۽ مخزنن وارن ساٿ ڏيڻ جو وعدو ڪيو. سيڪريٽري ايڊيوڪيشن سان گهر تي ڳالهايم تنهن پڻ ٻڌايو تہ ڪراچيءَ جي سمورن پرائمري اسڪولن، مڊل ۽ هاءِ گرلس اسڪولس ۽ ڪاليج وارن طرفان بہ سهڪار جي اميد آهي. اوهان رڳو پروگرام پڪو ڪريو.

ٻئي ڏينهن آءُ ڇهين بجي، بدر ۽ مومل سان گڏ، آنٽي راحيل جي بنگلي تي پهتس. وڏي ڪشادي ڊرائنگ روم ۾ پنجويهہ ٽيهن ماڻهن جي ويهڻ جي جڳهہ ٺهيل هئي. اڌ ڪان وڌيڪ ڊرائنگ روم ڀريل هو ۽ بدر کي سڀني پاڻوهہ منجهان ڪيڪاريو. بدر هينئر بہ جڏهن محنت ڪري ٻاهر نڪرندي آهي تہ تمام Elegant ۽ اسمارٽ ۽ گريس فل عورت لڳندي آهي. ساره کي ڪاٽن جو اڇو وڳو پيل هو جيڪو ڪيس ٺهيو پئي. آنٽي راحيل سڀنيءَ ۾ مختلف هئي. ليٽ فارٽيز ۾ بہ لڳن جي Shape پنهنجو پاڻ نہ وڃايو هو ۽ پيو تہ رئيس سنجر خان ڪيس شايد گهٽ استعمال ڪيو هو ۽ وڌيڪ سگهہ شايد اڳ ئي ختم ڪري چڪو هو. يا انهيءَ ڪري مهذب مرد وانگر راحيل کي tenderly استعمال ڪيو ۽ ڪيس اهڙو ڪارٽن سمجهائين جنهن تي ڪمپنيءَ منجهان لکيل هوندو آهي Fragile: Handle Carefully اڄ بہ هلڪي نيري رنگ جي شلوار

قميص پيل هئس. چيلهه وٽ قميص کي تورڙو شيپ ڏنل هو پر مٿي ۽ هيٺ قميص ڪجهه لوز هئي. پر خاص ڳالهه اها هئي ته قميص کي مردانا ڪالر لڳل هئا جنهن ڪري هوءَ سيني عورتن ۾ الڳ ٿلڳ هئي ۽ ڪوبه زيور نه پيل هئس سواءِ هيري جي منڊيءَ جي.

چانهه، اسڪوائش ۽ ڪافيءَ جو دؤر شروع ٿيو. ساره مون کي جيڪي مهمان اچا تائين آيا هئا تنهن سان تعارف ڪرايو.

”هي پروفيسر احمد علي قاضي آهي. ريٽائرڊ. سبجيڪٽ مئٿمئٽڪس اٿس. هينئر NGO Moonlight جو ميمبر آهي. سندس ڪم ڳوٺاڻن عورتن کي اسمال انڊسٽريز ۾ ڪم ڪرائڻ ۽ انڊسٽريز ناهڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. خاص ڪري ٿر ۽ لوئرسنڌ ۾ ڪم ڪن ٿا. اهل زبان آهن ۽ تمام سٺو شاعر آهي. تخلص جوانيءَ توڙي پيريءَ ۾ ”ناتوان“ رهيو اٿن.“

ناتوان صاحب، آءٌ، ۽ ٻيا سڀ مرڪياسين.

”هيءَ بيگم ترمذي آهي. شهرن جي ڪچي آبادين ۾ اسڪول ۽ هنري اسڪولن جي ترقيءَ سان وابسته آهي. بيگم ترمذي اسان جي واڪ ۾ گهٽي ۾ گهٽو تعداد نياڻين جو وٺي ايندي. She is extremely dedicated worker.

”هيءَ مس فرزانه عباسي آهي. هيڊ مسٽريس شمع علم هاءِ اسڪول آهي. اِهو سنڌس پرائيويٽ اسڪول آهي. هن جو پيءُ لاڙڪاڻي جو هو. پيءَ جي مرڻ کان پوءِ پنهنجي ۽ ماءُ جي ملڪيت مان حصو وٺي قومي ڪم ڪري رهي آهي. سنڌس اسڪول ليڊنگ اسڪول آهي ۽ انهيءَ اسڪول کي حڪومت ۽ يونيسيڪو طرفان به فنڊس ملندا آهن.“

”هي سر محمود علي فاروقي آهي. يونيورسٽي ريٽائرمينٽ کان پوءِ، ڪتابن جي وڏي بزنس آهي. Piracy جي سخت خلاف آهي. هن کي به ڊونر ايجنسين کان فنڊس ملندا آهن جنهن جو بهترين استعمال سر جو ڪمال آهي.“

مون کي سر ڏسڻ ۾ معتبر ۽ ڏاهو شخص لڳو پئي.

”هي سڀ اسان جا دوست ۽ کي NGOs ۾ آهن کي پنهنجي سر ڪم ڪن ٿا. پر سڀ dedicated worker آهن. هيءَ دل جان آرا آهي. هن جو بيوٽي پارلر آهي. مان آنٽي دل کي چوندي آهيان تہ ڊفينس ۽ ڪلفٽن جي اڌ کن عورتن جي خوبصورتيءَ جو راز اوهان جي محنت جو نتيجو آهي.“

دل جان آرا کلڻ لڳي. مون کيس ڏٺو. مون کي منجهس نڪا دل نظر آئي، نڪا جان رڳو آرا مشين نظر پئي آئي.

پوءِ ساره سيني جو تعارف ڪرائيندي ويئي. هڪ ٽيهہ پنجٽيهہ سالن جي عورت لاءِ چيائين، ”هي مس عذرا ڪريم آهي. Feminist تحريڪ جي روح روان آهي. عورتن جي ڀلائي لاءِ ليگل ايڊ ڊپارٽمنٽ بہ قائم ڪيو اٿس ۽ ڪيترائي ڀيرا آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن جا ٽوئر بہ ڪري آئي آهي.“

پوءِ ٻين سيني جو تعارف بہ ٿيو.

نيٺ مون پنهنجو تعارف پاڻ ڪرايو: ”هڪ عام سنڌي ليکڪ آهيان. ڪهاڻيون لکندو آهيان. ڪجهہ زمين جو ٽڪر بہ آهي جيڪي منهنجا ڀہ پٽ سنڀاليندا آهن. گرمي سهي نہ سگهندو آهيان. انهيءَ ڪري گهڻو ڪري ڪراچي ۾ رهندو آهيان. هيءَ منهنجي بيٽر نہ پربيسٽ هاف بدر آهي. هن ايم ايس سي فزڪس ۾ ڪيو آهي پر سڄي عمر سنڌي زالن وانگر ايڪسپريمنٽ ڪچن ۾ ڪيا اٿس. ويري گڊ وائف ويري گڊ ڪُڪ! آءِ لو هر!“ سيني تاڙيون وڄايون. بدر جا ڳل ڳاڙها ٿي ويا ۽ کلڻ لڳي. ڪنهن زماني ۾ پوئٽري بہ لکندي هئي پر مون کي ڄار ۾ ڦاٿل ڏسي هاڻ پوئٽري نہ ڪندي آهي پر ڪُڪنگ ردم سان ڪندي آهي. هيءَ مومل آهي. اسان جي موجوده وقت ۽ مستقبل جي هيروئن! هن جي ماءُ کي، هن جي پيءُ کي، هن جي مامي، ڪارو ڪاري ڪري ماري وڌو. مون پنهنجي فليٽ منجهان اهو لقاءُ ڏٺو. مومل جي ماءُ سونا، هن ڏوڙ

جي پرفيڪٽ عورت يا ڇوڪري هئي. مومل انهيءَ سونا جي ڏيءَ آهي. مومل جي نانيءَ کي به سندس ناني ڪاسائيءَ وانگر ٽڪرا ٽڪرا ڪري کهي ڇڏيو هو. اهي قتل Honour killing جا شاهڪار هئا. هاڻ هيءَ مومل، مون هڪ دانشور يا ڪهاڻيڪار وٽ مستقبل جي امانت آهي. آءٌ چاهيان ٿو ته اسان وٽ سنڌ ۾ ايئن ڪارو ڪاريءَ جي نالي تي سُونهان قتل نه ٿين. انهن خونن ۾ ڪٿي به honour يا غيرت جو ذرو به شامل نه آهي. پاڪستان پينل ڪوڊ جو آرٽيڪل 302 ۽ 304 انهن ڳالهين ڪي هٿي ڏين ٿا. خون، خون آهي. اوچتو جذبات يا غيرت ۾ خون ڪرڻ به 302 قلم هيٺ اچڻ کپي نه ڪي 304 قلم هيٺ جنهن ۾ قاتل کي ٻن ٽن سالن کان پوءِ آزادي ملي وڃي ٿي. اسان کي انهيءَ سسٽم ۽ قانون کي Condemn ڪرڻو آهي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪرڻو آهي ته ڪنهن به عورت جو قتل ايئن ئي آهي جيئن ڪنهن مرد جو قتل آهي. قتل، قتل آهي. اُن جي سزا ڦاسي يا عمر قيد هئڻ کپي. قانون ۾ ترميم جو مطالبو ڪرڻو آهي. اسلامڪ لا جي بي واجبي ۽ مفاد خاطر استعمال کي به ”ڪارو ڪاري“ جهڙي حرفتي ۽ چاٽي واٽي قتل لاءِ معافي يا آزادي طور استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اسلامڪ دؤر ۾ مرد عورت کي ايئن ”پنهنجي مفاد“ خاطر قتل نه ڪندو هو. انهيءَ ڪري اهڙن قتلن لاءِ اسلامي قانونن جي سهاري کي استعمال نه ڪرڻ گهرجي.“

منهنجي اها ڳالهه سيني کي وڻي ۽ سيني آهستي سان تاڙيون وڄايون. پروفيسر قاضيءَ چيو: ”اها ڳالهه صحيح آهي. پر تاريخ شاهد آهي ته مرد هميشه پنهنجي قوت ۽ برتريءَ ڪري عورت کي قتل ڪندو رهندو آهي.“

مون چيو: ”قاضي صاحب اوهان صحيح چئو ٿا. پر جهالت جي دؤر ۽ روشن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر ۾ ته فرق هئڻ گهرجي.“

اِتي عذرا ڪريم ڳالهايو: ”ڳالهه هيءَ آهي ته هيءَ مرد جي

دنيا آهي جنهن ۾ عورتون ساھہ ڪٽڻ پيون. عورتن لاءِ بہ قانون مرد ناهي ٺو. ڪنهن عورت کي شامل نٿو ڪجي تہ هوءَ قانون جي رُڪن اکرن کي عورتن جي جذبي سان رڳي. منهنجو Feminist تحريڪ سان واسطو آهي. مرد جي طاقت گهٽائي نٿي سگهجي. انهيءَ ڪري جو مرد کي اهو بہ فخر آهي تہ الله تعاليٰ جي ذات جو تصور بہ مردانو آهي زنانو نہ. انهيءَ ڪري ذري گهٽ سڀني عالمن، عورت کي ٻئين درجي جو شهري قرار ڏنو آهي. ڪيترن عالمن ۽ دانشورن تہ عورت کي تمام نيچ ۽ گهٽ سمجهيو آهي. آسٽريليا جي هڪ دانشور Feminist عورت آهي. هن حال ۾ ئي لاهور جي انسٽيٽيوٽ آف وومن اسٽڊيز (IWSL) ۾ ريڊيڪل Feminisim ۾ هڪ خيال پڌايو. اُن عورت جو نالو Bronwyn Winter هو. هن چيو: ’عورت جي استحصال جو سڀ کان وڏو سبب هن جي ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت آهي. جيڪڏهن عورت کي استحصال کان آزاد ٿيڻو آهي تہ هن کي ٻار پيدا ڪرڻ بند ڪرڻ کپي.‘ هونئن بہ Man is instinctively a rapist. پوءِ پل ڪيترو بہ Sophisticated ۽ reasonable هجي. هي ڪارو ڪاري يا Honour killing سڀ انهن ڳالهين جا منطقي نتيجا آهن....“

سر فاروقيءَ وچ ۾ ڪتيو: ”اوهان جو خيال تہ عورت ۽ مرد ۾ جيڪو سوشل ڪانٽريڪٽ آهي ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. انسان جي نسلي افزائش کي بند ڪجي. پوءِ تہ ڌرتيءَ تي بہ ڌريون رهنديون. هڪ عورت ۽ ٻيو مرد! جڏهن تہ عقل چوي ٿو تہ اهي ٻئي Opposite Sex آهن ۽ انهن جو ملڻ هر صورت ۾ ايئن لازمي آهي جيئن تہ سائنس ۾ آهي تہ مخالف قوتون هڪ ٻئي ڏانهن ڪشش رکن ٿيون. مان مس عذرا ڪريم کي عرض ڪندس تہ چڱا يا خراب هر جنس ۾ آهن. اوهان جون اهي ڳالهيون انسان جي Nature جي خلاف آهن. Lesbianism ڇا آهي؟ هڪ فرار آهي نارمل عورت ۽ مرد جي جنسي ميلاپ جو. مرد جيڪڏهن عورت ڏانهن

نہ چڪجي ۽ عورت مرد جي ڪشش محسوس نہ ڪري تہ انسان جي Species ڪڏهڪو extinct ٿي چڪي هجي ها ۽ انهيءَ حالت ڪي قيامت ئي چئبو پيو چا چئبو. مون ڪي خبر آهي تہ آمريڪا يا يورپ ۾ جيتري عورت ڪي آزادي مليل آهي اوترو ئي هوءَ غير محفوظ پڻ آهي. عورت جي ذهن ۾، چاتين ۾ ۽ توليدي عضوون ۾ پار چٽڻ جي هڪ قدرتي خواهش جنم وٺندي آهي جيڪا ڪيس مرد جي ويجهو اچڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. جانورن ۾ بہ مادي جڏهن mating لاءِ تيار ٿيندي آهي تہ هوءَ نر جي چؤگرد ڦيرا پئي ڏيندي ۽ پنهنجي جسم جي بائلاجيڪل ضرورت ڪي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هوندي آهي. مرد يا جانور نر ۾ قدرت هڪ قسم جي Sexual aggresiveness يا initiative عطا ڪيو آهي جنهن ڪري پيدائش جو قدرتي عمل خودڪار نموني پنهنجي منزل ڪي پهچي ٿو. باقي مرد، پنهنجي عقل يا ڏاهپ يا قوت ڪي پنهنجي مفاد ۾ غلط طور استعمال ڪري وجي ٿو. انهيءَ لاءِ بہ مردن ئي قانون ٺاهيا آهن. زالون هاٿي اڳتي وڌن پيون. معاملا ٺيڪ ٿين پيا ۽ آهستي آهستي ٺيڪ ٿيندا رهندا. ٿي سگهي ٿو هيءَ ايڪويهہ صدي عورت ۽ مرد جي برابري واري هجي. پر برابري بہ Social plate form تي ٿي سگهي ٿي. عورت جي خلاف قانونن جو خاتمو ٿئي پر مرد جي قوت ۽ اگرائي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ نظرايندي رهندي. Survival of the fittest جو پهاڪو پنهنجو اثر ڏيکاريندو رهندو نہ رڳو شهري تهذيبي حالتن ۾ پر جهنگ جي جانورن جي جيوت ۾ بہ اهي نظارا روز نظر ايندا آهن. مون ڊان ۾ هڪ پاڪستاني عورت جو آرٽيڪل پڙهيو هو جيڪا چاليهہ سال عمر پورا ڪري چڪي هئي ۽ اقتصادي طور تي خود ڪفيل هئي. مڙس کان طلاق ورتل هئس. تنهن سوال پڇڻ تي چيو تہ هوءَ ٻيهر شاديءَ لاءِ تيار آهي پر مڙس سان گڏ نہ رهندي. هُوءَ پنهنجي گهر رهي، مڙس پنهنجي گهر رهي. جڏهن ڪين جنسي ضرورت محسوس

ٿئي تہ اهو ڏينهن پاڻ ۾ گذاري، هلڪا سلڪا ٿي هرڪو پنهنجي گهر هليو وڃي. هوءَ عورت ايترو آزاد هئڻ کان پوءِ بہ، پنهنجي ماضيءَ کي يڪدم نٿي ختم ڪري. جائز جنسي تعلقات- ها! پر گڏ رهڻ- نہ! سوال اهو آهي تہ اها ڳالهہ ڪيتريون عورتون افورڊ ڪري سگهنديون ۽ ان ۾ ڪيتري ڳالهہ Nature جي خلاف آهي؟"

عذرا ڪريم چيو: "وقت اچي پيو تہ عورتون مردن جي برابريءَ جو مطالبو ڪنديون. انهيءَ ڳالهہ تي ڪم 70's کان شروع ٿي چڪو آهي."

مون چيو: "چڱي ڳالهہ آهي. پر انهن کي پنهنجي سيڪيورٽي لاءِ بہ مردن کان مطالبو ڪرڻو پوندو يا ان لاءِ ڪٿن جي هڪ فورس ٺاهينديون؟ منهنجي پيڻ عورت رڳو عورت ناهي. هوءَ ڌيءَ آهي. ڀيڻ آهي، زال آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ ماءُ بہ آهي. هوءَ بائيلاجيڪل ۽ ايموشنل Cobweb ۾ ايترو جڪڙيل آهي جو هڪ چار مان جان ڇڏائيندي تہ ٻئي چار ۾ ڦاسي پوندي. فرسٽريشن ۽ ڊپريشن اڄوڪي عورت جون بہ وڏيون بيماريون آهن. انهيءَ ڪري لکن سالن کان هلندڙ، مردن جي قوت ۽ ذهن تي هيءَ دنيا، اڃا بہ هلڻ ڏيو. مرد بہ جانور آهي انهيءَ کي اڃا بہ وڌيڪ tame ڪرڻ جي ضرورت آهي. اڄو گڏجي مرد منجهان، اهو جانورن وارو باقي رهيل جذبو ڪڍون يا صفا گهٽ ڪريون. عورت ۽ مرد جي Polarisation سان مسئلو حل نہ ٿيندو- پوءِ ڪارو ڪاري قتل ٻئي ڪنهن Form ۾ سامهون ايندا. آءٌ سمجهان ٿو تہ رڳو قدرت نہ پر Wisdom بہ اهوئي چاهي ٿي تہ عورت ۽ مرد پيار ڪرڻ لاءِ تخليق ٿيا آهن، Intrigues لاءِ نہ. هي ڪارو ڪاري يا ٻيا ڏوهہ انسان طرفان ڊپ، ذهانت، چالاڪي ۽ ڏاهپ جو منفي يعني nagative استعمال آهي جنهن ۾ سندس خود غرضيءَ جو جذبو موجود هوندو آهي."

"عورت آخر ڪيستائين مرد جي دنيا جو ٺاهيل جبر سهندي."

مس فرزانہ عباسيءَ چيو: "وقت اچي پيو تہ اسان عورتن کي مردن

جي ناھيل سائنسي، سماجي ۽ اقتصادي دنيا کي بدلائي اسان کي پنهنجي طور نئين دنيا اڏڻي پوندي.“

اِت سر فاروقي وچ ۾ ڳالھايو: ”اوھان پلا ھن دنيا کي مرد جي دنيا چئو. چاڪاڻ تہ اھا حقيقت بہ آھي. مرد دنيا ۾ عورت کي پنهنجي دؤر جي حالتن ۽ عقل بابت اَن سماج جو ضرور حصو بنايو آھي. ڪٿي بہ ڪنهن بہ قانون ھيٺ عورت جي بي عزتي کي حصو نہ بنايو ويو آھي. دنيا ۾ ڪي رسمون عورتن جي وقار ۽ Existence يا وجود لاءِ ضرور ھاڃيڪار آھن. مثال طور ھندستان جي قديم زماني ۾ عورت جو پنهنجي مڙس سان ستي ٿيڻ يا بيوہ جي صورت ۾ مٿو ڪوڙائي ھن کي نياڳ جي نشاني سمجھڻ. پر ھاڻ ھندستان ۾ ڏسو تہ ايتري رجعت پرست برھمڻ جي سوسائٽيءَ ۾ مسلمان ڇوڪريون ھندن سان شاديون پيون ڪن ۽ مسلمان ڇوڪرا ھندو ڇوڪرين سان شاديون ڪن پيا. اھا ڳالھ رڳو ابتدا محسوس ٿئي پئي. مستقبل جو ھندستان، برھمڻ مان آزاد ٿي ھڪ نهايت ترقي يافتہ ۽ ماڊرن ملڪ ھوندو. Adultery (زنا) يا ريپ يعني زنا بالجبر، ھر دؤر ۾ قابل مذمت رھيو آھي ۽ ھر قانون ڏيندڙ يا ناھيندڙ انھيءَ کي ناپسند ڪري، سزا مقرر ڪئي آھي پوءِ اھي آسماني احڪام آڻيندڙ پيغمبر ھجن يا ڪتاب يعني ويد، قرآن شريف، بائيبل، توريت يا زبور ھجن يا آمريڪا يا يورپ جا قانون ناھيندڙ ھجن. مطلب تہ پھرئين ڏينھن کان وٺي، ھر سماج يا قدرت جنسي تعلقات کي regularise, Legalise ۽ rationalise ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. اھوئي جانورن ۾ ۽ انسان ۾ فرق آھي. جانور Sexual relations ۾ tame ۽ regularise نٿو ٿي سگھي جڏھن انسان صدين کان انھيءَ عمل جي پيروي ڪري پيو ۽ جت انحرافي ڪري ٿو اُت اُن لاءِ سزا مقرر آھي. سزا ھر دؤر جي حساب سان بہ آھي تہ Universalised بہ آھي. پر قانون جي اڪرن سان راند ڪيڏي، ڪيل جرم کي ڪنهن ٻئي فارم ۾ گھٽ ڪري،

بَري تجي يا تمام گهٽ سزا ڪرائي ونجي. اها ڳالهہ غلط آهي. رڳو سنڌ ۾ ڪارو ڪاري رسم نہ آهي. اها ڪنهن نہ ڪنهن فارم منجهہ Universal آهي. هڪ فيمينسٽ عورت ڊوروٿي ٿامس، پنهنجي هڪ پيپر ۾ لکيو آهي.... اهو پيپر 1990ع ۾ ڇپيو هو. Women's Right Project ڊوروٿي لکيو آهي تہ آگسٽ 1988ع تي برازيل جي شهر اپوڪارانا ۾ هڪ مڙس "جو سِلڪ"، ٻہ ڏينهن پنهنجي زال کي ڳوليندو رهيو. آخر هن کي خبر پئي فلاڻي هوٽل منجهہ سندس زال موجود آهي. هو اُتي پهتو. ٻيري جي مدد سان، ڪمري جو در ڪولائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اتي ئي بنا ڪجهہ چوڻ جي مرد کي ٽي چار فائر ڪري ماري وڌائين. جو سلڪ جي زال جيڪا اگهاڙي بيٺي هئي سا ڪمري مان نڪري ۽ هوٽل جي گيٽ مان ڀڄي ويئي. سندس مڙس پيڇو ڪري نيٺ ڪيس پڪڙيو ۽ ڪيس چاقو جا ٻہ ٽي وار ڪري ماري وڌائين. ڊوروٿي وڌيڪ لکيو آهي تہ "All-male جيوري، بچاءُ جي وڪيل جي بحث ٻڌي ۽ بحث کي منظور ڪندي چيو تہ Joe slick had acted in legitimate defence of his offended honour in killing the two victims, and unanimously absolved him of the double homicide. The State Appellate Court also upheld this decision.

انهيءَ فيصلي خلاف فيڊرل منسٽري، سپريئر ٽرابيونل آف جسٽس ۾ اپيل ڪئي. انهيءَ سپ ڪان وڏي ڪورٽ ڪيس کي اوور ٽرن ڪندي ٻيهر ڪيس هلائڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ گڏ اهو ريمارڪ بہ ڏنائين:

"The Tribunal declared that murder can not be conceived of as a legitimate response to adultery and that what is being defended in this type of crime is not honour but self esteem, vanity and the pride of the lord who sees his wife as property."

آگسٽ 1991ع ۾ اهو ڪيس ريمانڊ ٿي ٻيهر ساڳي اسٽيٽ

ڪورٽ آف پرانا ۾ هليو ۽ آخرڪار جج صاحبان فيصلو ڏنو ۽ جو سِلِڪ کي پيھر بري ڪيو ويو تہ هن جيڪي بہ قتل ڪيا سي Legitimate defence of honour جا مثال هئا. اهڙي طرح برازيل ۾ honour killing کي هٿي ملي ۽ عورتن جي ڪيترين ئي جماعتن انھيءَ متعلق جلسا جلوس ڪيا پر جج Voilant emotion as a factor inthe crime کي لاڳو ڪندا رهيا. سو اسان وٽ سنڌ ۾ بہ قانون جي اهڙي ساڳي تشريح هلي پئي ۽ عورتن جا قتل ٿين پيا. عورتن بابت ناانصافي، دنيا جي هر سڌريل توڙي اڻ سڌريل ملڪن ۾ دنيا جي شروعات کان وٺي ٿي رهي آهي. اُتر سنڌ ۾ مون کي هڪ واقعو پڌايو ويو تہ هڪ مرد ڪنھن ڏوهہ ۾ جيل ۾ آيو. جڏهن سندس ننڍو ڀاءُ ساڻس ملاقات تي ويو تہ انھيءَ مرد ڏاڍي جوش سان ننڍي ڀاءُ کي چڻ حڪم ڏنو: 'بي غيرتي کان موت ڀلو آهي. هيءَ ڪراڙي امڙ ڪڏهن ڪم ايندي. انھيءَ کي ماري ڇڏ ۽ فلاڻن جي چڱي مڙس کي ڪارو ڪري، يا تہ انھيءَ چڱي مڙس کي بہ ماري اچ يا راڄ برادريءَ ۾ فيصلو ڪرائي تہ مان بہ ڇٽان ۽ تنھنجو بہ ڪنڌ مٿي ٿئي.

هندستان ۾ شل نہ عورت جو مڙس مري. بينگال ۾ رن زال کي Forbidden fish چون ڇو جو Fish is a symbol of fertility ان کان علاوه هت tonsure of widows يعني بيوه کي گنجو ڪرڻ هڪ عام فعل آهي. اهو سڀ انھيءَ ڪري ڪن ٿا تہ جيئن هوءَ بيوه، ٻين مردن کي هرڪائي نہ سگھي ۽ وڌيڪ بدنام نہ ٿئي. تامل، تيلگو ۽ ڪنڙ ٻولين ۾ بيوه عورت لاءِ جيڪي متبادل لفظ آهن سي تمام نيچ ۽ بيعزتيءَ جھڙا آهن. تامل ۾ جيڪو بيوه عورت لاءِ اکر آهي تنھن جي معنيٰ آهي 'مرده عورت' راجستان جي بيوه عورت اونداهي ڪمري ۾ رهندي آهي. هوءَ نياڳ جي نشاني آهي. اڄڪلهہ ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ منجهان خبر پوي ٿي تہ پيٽ ۾ ٻار جي جنس ڪھڙي آهي. مهاراشٽر ۾ 8000 اهڙن ڪيسن

منجهان 7999 عورتن پنهنجا پار ڪيرايا ۽ فقط هڪ عورت جيڪا يهودي هئي سا ڏيءَ ڄڻڻ لاءِ تيار ٿي. هاڻ هندستان جي اخبارن ۾ اهڙو به اشتهار ايندو آهي: ”هن وقت رپيا 500 خرچ ڪري ٻار جي جنس معلوم ڪري وٺو نه ته وڏي هوندي ڇوڪريءَ جي شاديءَ تي رپيا 500،000 خرچ ڪرڻا پوندا.“ سو دوستو اسان جي ملڪ ۾ به عورتن جا وڏا مسئلا آهن. پر جنهن نموني جي سماج ۾ اسين رهون ٿا اسان کي اجا گهڻو وقت لڳندو. تعليم جيسين بلڪل عام نه ٿي ٿئي ۽ اسين تهذيبي طور تي بهتر زندگي ڏانهن پنهنجا رويا نٿا ڪريون ته اسان وٽ سونا جهڙا هر سال هزارين ڪيس پيا ٿيندا ۽ لکين سونائون الائي ڪٿي ڪٿي پاڻ کي Surrender ڪري ذلت جي زندگي پيون گذارين. ٻيو جيڪو اهم مسئلو آهي سو ڪن آفريقي ۽ ايشيائي ملڪن ۾ Female mutilation or female genital cutting آهي. آفريڪا ۾ سينيگال، تنزانيا، نائجيريا، اريٽريا، سوڊان ۽ مصر جهڙن ملڪن ۾ عورتن جي زنانن عضوون کي ايئن ڪٽين ٿا جيئن مرد جو طهر ٿئي ٿو. اقوام متحده جي هڪ شاخ ورلڊ هيلٿ آرگنائزيشن مطابق لڳ ڀڳ 130 ملين عورتن ۽ ڇوڪرين جي genital cutting ٿيل آهي. انهيءَ غير محفوظ آپريشن ۾ عورت يا ڇوڪريءَ جي زناني عضوي کي ٿورو Cut ڏيندا آهن يا alteration ڪندا آهن. اها رسم فرعونن جي زماني کان هلندي اچي ۽ اهڙين عورتن يا ڇوڪرين کي پاڪ صاف سمجهيو ويندو آهي.

What does seem clear is that female genital cutting is linked with efforts on the part of largely partriarchal societies to control women's behaviour, bodies and lives.

پر هاڻ خود آفريڪا جي ملڪن جي عورتن ۽ مردن انهيءَ رسم جي خلاف تحريڪون هلايون آهن ۽ فيبروري 98ع ۾ 13 ملڪن جي نمائندن هڪ ناهه The Dia Bongon Declaration تي

صحيحون ڪيون آهن ۽ انهيءَ نتيجي ۾ سڀ کان پهرين 1999ع ۾ سينيگال جي پارليامينٽ قانون پاس ڪيو. اسان وٽ بہ ضرورت آهي تہ پارليامينٽ اهڙو قانون پاس ڪري ۽ ماڻهو مذهبي قانونن کي بہ ناجائز طور پنهنجي مفاد لاءِ استعمال نہ ڪن. اهڙي تحريڪ هلڻ کپي."

چانهہ جو ٻيو دؤر هلڻ لڳو.

چانهہ پيئندي مون چيو: "اوهان سڀ منهنجا دوست آهيو. اڄ هيءَ مومل اسان سان گڏ آهي. هيءَ هن نئين صدي ۽ مستقبل جي اها عورت آهي جيڪا پنهنجا حق ماڱيندي. منهنجي خيال ۾ عورت کي Love ,protection ۽ respect کپي. سيڪس کپي پر سيڪشيوئل هراسمنٽ نہ کپي. آزادي کپي. ڇڙواڳي نہ کپي. عورت جي آزاديءَ جي نالي ۾ ڇڙواڳي جي تاريخ هزارن سالن ۾ ڦهليل آهي. انهيءَ ڪري انگريزي ۾ چوندا آهن تہ: The prostitution is the oldest profession of mankind.

اوڀر، وچ اوڀر، مصر، يونان، اٽلي ۽ گهڻو ڪري بندرگاهن وارن شهرن ۾ قديم زماني کان عورتون ٻيڙن ۽ جهازن جي خلاصين، آفيسرن ۽ مسافرن جي انتظار ۾ هونديون هيون. شايد اُن قديم زماني ۾ عورت جي اقتصادي حالتن جو دارومدار جسم فروشيءَ تي ئي هوندو هو. فرانس ۽ انگلينڊ جي وڪٽورين دؤر جي پورنوگرافڪ ادب کي پڙهي ڏسو تہ انهيءَ ڏنڌي ۾ وڏيون بيگمات، مئڊمس ۽ سوسائٽيءَ جون گهاگ عورتون ملنديون. اهي عام غريب ڀهراڙي ۽ شهري ڇوڪرين کي پاڻ وٽ پناهہ طور رکنديون هيون ۽ انهن کان اهو ڌنڌو بہ ڪرائينديون هيون. انهيءَ روزگار جو تسلسل ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. پر اسان اڄ هتي جنهن مقصد لاءِ جمع ٿيا آهيون سو آهي عورتن جي بيگناهہ خون ۽ اُن خون کي مردن طرفان پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ. مون هيستائين رڳو ڪتابن ۽ اخبارن ۾ ڪارو

ڪاريءَ جا واقعا پڙهيا ۽ ٻڌا آهن. پر سونا ۽ سندس مڙس جي قتل ڪان پوءِ، قاتل سان ٻن ٽن ملاقاتن ڪان پوءِ آءٌ اهوئي سمجهان ٿو ته انهي لاءِ سخت سزا جو قانون نهڻ ڪپي. قانون ۾ جيڪا لچڪ آهي سا remove ڪرڻ ڪپي. اسان سڀ پڙهيل ۽ حساس دلين وارا ماڻهو آهيون. اسان Voilance against women ڪنهن به صورت ۾ ٿيڻ جي حق ۾ ناهيون. اسان سيني دوستن سوچيو آهي ته اسين سڀ گڏجي هڪ واڪ (Walk) جو پروگرام ٺاهيون جن ۾ اديب، دانشور، سڄاڻ انسان، اسڪول ڪاليج جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ۽ عام ماڻهن کي موجود هئڻ ڪپي. منهنجا ڪيترائي دوست آهن جيڪي اخبارن سان وابسته آهن سي پنهنجين اخبارن ۾ انهيءَ ڏينهن فرنٽ پيج تي واڪ ۽ اُن مقصد بابت اشتهار ڏيندا. انٽرنيشنل ايجنسيز کي اپيل مون ڊرافٽ ڪئي. پنهنجي حاڪمن کي ميمورنڊم موڪليو اٿم. سرڪاري آفيسرن سان به ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. اوهان لاءِ مون کي راحيل ۽ ساره چيو آهي ته اوهين به پنهنجا رسورسس موبلائز ڪريو ته جيئن هيءَ تحريڪ ڪامياب وڃي. هت پاڻ کي واڪ لاءِ تاريخ ۽ وقت مقرر ڪيو."

مون ڪان پوءِ ٻين به تقريرون ڪيون. آخرڪار فيصلو اهوئي ٿيو ته ورڪنگ ڊي تي، اينڊڙ سومر ڏينهن واڪ ڪجي. واڪ صبح جو ڏهين بجي ڪلفٽن بيچ ڪان شروع ڪجي. مون تي اهو ڪم رکيو ويو آءٌ سيني ادارن کي پيهر ڏينهن ۽ وقت ۽ Venue بابت ڄاڻ ڏيان.

اڄا اينڊڙ سومر به ڏينهن پري هو. آءٌ بالڪونيءَ ۾ ويٺو هئس. بدر منهنجا سڀ بندوبست ڪري، نوڪر کي سمجهائي، مومل کي پاڻ سان وٺي ڊفينس ۾ مئرين ڪلب ۾ هڪ شاديءَ ۾ ويئي هئي. مون انهيءَ وچ ۾ پنهنجن دوستن، اديبن، شاعرن، NGOs، تعليم کاتي جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي پرنسپالن کي

پيھر يادگيري ڏياريم. انٽرنيشنل فورمس کي اپيل بہ موڪلي ڏنم. پنھنجين حڪومت جي صاحبن کي بہ منٿ ڪيم تہ ھي وقت آھي کي قدم کنيا وڃن. گھٽن ھنڌان جواب بہ آيا ھئا. گھٽي ھمت افزائي ٿي ھئي.

سنڌ ۽ پاڪستان جي ليول تي عورت آرٽسٽ/ پينٽرس متعلق مون کي پنھنجي پراڻن ڪاغذن ۾ مضمون مليو جنھن ۾ سليمہ ھاشميءَ لکيو آھي:

An Intelligent Rebellion: Women Artists of Pakistan

1983ع ۾ لاھور ۾ ملڪ جي نامور ۽ وڏين عورتن آرٽسٽن ھڪ سيمينار ۾، ملڪ جي عورتن جي مجموعي خراب صورتحال تي ھڪ مينيفيسٽو لکيو جيڪو ھن سٽن سان شروع ٿئي ٿو.

We Women Artists of Pakistan, having noted with concern the decline in the status and condition of the life of Pakistani women, and having noted the effects of ante-reasons, anti-arts environments on the quality of life in our home, land, and having noted the siginificant contribution with the pioneering women artists have made to the cause of arts and art education in Pakistan, and believing as we do in the best rights of all men, women and children to a life free from want and enriched by the joys of fruitful labour and cultural self realisation and our commitment as practitioners and teachers of the arts to the noblest ideals of a free, rational and civilised existence, affirm the following priniciples to guide us in our struggle for the cultural development of our people to serve as the manifesto of the women artists of pakistan.

اھو مينيفيسٽو، ملڪ جي بدترين آمر ضياءالحق جي دؤر حڪومت ۾ لکيو ويو ۽ ملڪ جي پنڌرھن وڏين عورت آرٽسٽن انھيءَ تي صحيحون ڪيون. عورت آرٽسٽن جو لکيل، عورتن جي حال تي اھو مينيفيسٽو منظر عام تي نہ اچي سگھيو. سبب اھوئي

ضياءَ الحق جي آمريت ۾ عورتن جي معاملي ۾ سخت گير پاليسي هئي جيتوڻيڪ اهو ليک سماج جي سڀني طبقن سان عورت سميت، واسطو رکندڙ هو. انهيءَ انقلابي مينيفيسٽو تي صحيح ڪندڙن ۾ سليمه هاشمي، ائنامو لڪا احمد، عصمت رحيم، زبيده آغا، صغرا ربابي، هاجره منصور، رابعه زبيري، مسرت مرزا، ثمينه منصوري، ليلا رحمان، عاصمه محمود.

انهيءَ کان علاوه، ورهاڱي کان پوءِ، ليکڪائن ۾ زينت عبدالله، ثميره زرين، خيرالنساءَ جعفري، نورالهديٰ شاهه، زرينه بلوچ، اختر بلوچ، مهتاب محبوب، انيتا شاهه، رياض ميمڻ انهن سڀني عورتن ۾ گهٽين پين گهُٽ جي ماحول منجهان نڪري سياسي توڙي سماجيٰ ۽ ادبي پليٽ فارم تي پاڻ پتوڙيو هو جنهن جا ڪي نتيجا به نڪتا هئا. سڀ ترقي پسند مرد ڪين همٿائيندا به رهيا- پر آهستي آهستي تحريڪون سرد ٿينديون ويون ۽ فقط اقتصادي ۽ سماجي حالتن جي ديوار وڌندي ويئي ۽ ٻين طرفن ۾ خاص ڪري سياسي چڪتاڻ ۾ اسين سجاڳ هئڻ جي باوجود، غلط طرفن ڏانهن هليا وياسين ۽ ڏينهون ڏينهن انهيءَ ڏس ۾ عورتن جو رول، ماحول جي ڏاڍائين، ڪري گهٽ ٿيندو ويو.

انهيءَ کان علاوه، موڻ ڪي اهو مطالعو ڪري ڏاڍو ڏک ۽ مايوسي ٿيندي هئي ته دنيا جي وڏن مدبرن، عورتن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن عجيب جملا چيا آهن. جرمنيءَ جو جڳ مشهور فلاسفر ۽ اديب نتشي چيو آهي ته ”جيڪڏهن عورت اسڪالر ۽ دانشور هجي ته سمجهو هن جي جنسي عضون ۾ ڪا گڙٻڙ آهي.“ فرينچ پهاڪو آهيٰ ته ”اهڙي عورت جو ڪڏهن به اعتبار نه ڪجو جنهن جو آواز مردانو هجي.“

صبح جو واڪ جو پروگرام ٿي ويو هو. سڀني چيو ته مفاصلو

تمام گهٽو آهي. سنڌ جي ساموندي ڪناري کان سنڌ جي سپ کان وڏي عدالت تائين ۽ سنڌي جي انهيءَ سنڌ اسيمبليءَ جي عمارت تائين جنهن کي اسين سڀ اڻ پڙهيل، اڌ-پڙهيل، سجاڳ، اڌ سجاڳ، اديب، شاعر، دانشور ۽ ڏاهاـ سڀ نمائندا ميمبر سچي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان چونڊ ڪري، جاهل، خود غرض، اڻ ڄاڻ، چاپلوس، سون تي سيڻ متائڻ وارن، اهڙن بي همتن، ٻاڙين، بزدلن ۽ ڪرپٽ نمائندن کي، ووٽ ڏيئي چونڊ ڪري موڪليندا آهيون. جيڪي سمجهندا آهن تہ وتن وڏو وکر آهي، هو سنڌ وڪڻي سگهن ٿا. هُو پوتار بدلائي سگهن ٿا. هو ايوان ۾ نہ ڳالهائڻ جو وچن ڪري سگهن ٿا ۽ ٻہ ٽي ڪلاڪ، ايئرڪنڊيشنڊ ۾ ننڊ ڪري سگهن ٿا. پنهنجي تر جي ووٽرن کي چڪر ۽ ڦيرا ڪارائي سگهن ٿا. پوليس آفيسرن جون سيٽون لکن ۾ وڪڻي سگهن ٿا. پنهنجن پٽن، ڀائٽين، ڀائٽين يا سينڌين جي ڀائرن کي اسسٽنٽ ڪمشنر جي پوسٽ، چيف منسٽر کان ڏياري سگهن ٿا. اسيمبليءَ جي ميمبري يا وزارت دوان عام پاڪستاني نرو شراب پيئڻ پنهنجي بي عزتي سمجهندا آهن. گهٽ ۾ گهٽ جاني واڪر بئلڪ لئبل يا پوءِ اُن کان وڏيڪ Mature شراب پي، صبح جو اسيمبليءَ ۾ هينگ اوور سان گڏ، immaturity ڏيکاريندا آهن. 1970ع ۾ بہ انهن ميمبرن جا "بنگلا" ڏسو ۽ هاڻ 1999ع ۾ بہ سندن بنگلا، گاڏيون ۽ سريتون ضرور ڏسو ۽ ڳڻيو. انهيءَ معاملي ۾ رڳو ميمبرن جو ڏوهہ. اهي سندن پوتارن، سندن ورڪرن سندن سفارش تي پرتي ٿيل ڪامورن سيني پلا پليءَ جا ڇيهہ ڪيا آهن. اها ڳالهہ جڏهن مون بدر سان ڪئي تہ هن چيو: "جڏهن ميمبر يا قانون ساز اهڙا آهن تہ پوءِ انهن وٽ ڇو ٿا وڃو. انهيءَ کان بهتر آهي تہ سائين غازي عبدالله شاهہ، ٽي ٻہ ٽي ديڳون باسي، دعا گهرجي. الله وڏو ڪارساز آهي."

"بدر، سڀ ميمبر خراب ناهن. ڪي تہ ڳلن جهڙا آهن." مون

چيو. ”پر انهن سڀني ميمبر گڏجي سنڌي معاشري جي نهايت اثرائتي نموني ڀيڙي سِير تي چاڙهي آهي.

اسين واڪ ۾ نوجوانن يا ٻين کي انهن ميمبرن ڏانهن ڪونہ وٺي ويجون پيا. اسان جو مقصد سنڌ اسيمبليءَ ڏانهن وڃڻو آهي جت ملڪ جا قانون ٺهن ٿا ۽ سامهون هاءِ ڪورٽ آهي جت انهن قانونن تي عمل ٿئي ٿو. اهي ٻہ ادارا مضبوط هجن تہ سنڌ جو معاشرو مضبوط هوندو.“

ايتري ۾ مومل آئي ۽ منهنجي پرسان ويهي رهي. مومل ڏاڍي سهڻي لڳي پئي.

”امان ماني کاڌي“ بدر چيو.

”ها آنٽي کاڌي آهي.“

مومل وسڪيءَ جي اڌ گلاس ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

”انڪل هي ڇا آهي؟ اوهان ڇا پيا پيئو؟“

مون کان پهرين بدر جواب ڏنو: ”هي انڪل جي دوا آهي. ڊاڪٽرن ڏني آهي ۽ انڪل جي ٽنگ صحيح ٿي ويندي.“

”نہ پٽ!“ مون چيو. ”هيءَ وسڪي آهي. دوا پيئڻ کان پوءِ مون کي سُور ٿيندو آهي. وسڪي پيئڻ کان پوءِ سور لهي ويندو آهي ۽ مون کي ننڊ اچي ويندي. تون ننڍي آهين توکي خبر ناهي. وڏي ٿيندي تہ خبر پئجي ويندي. هيءَ دوا ناهي.“

”منهنجي امي وڏي هئي. انهيءَ کي خبر هئي؟“

مون کلي ڏنو: ”يار سونا پاڻ وسڪي هئي اوهان جي بابا جي، جيئن آنٽي منهنجي روح افزا آهي. هاڻ ڪم جي ڳالهہ ٻڌو.“

مومل مون ڏانهن غور سان ڏٺو. ”سڀاڻي بابا جلدي اٿبو ۽ پاڻ هڪ واڪ ۾ شامل ٿينداسين. اوهان سڀ کان اڳيان ٿيندا!“

”سڀني کان؟“ مومل پڇيو.

”ها. انهيءَ ڪري جو اوهان ايندڙ زماني جي هيروئن آهيو؟“

”مان هيروئن آهيان؟“ مومل خوش ٿيڻ لڳي. ”هيرو ڪٿي آهي؟“

”اُھو اوھان کي پاڻھي ڳولي وٺندو. اوھان بھتر محفوظ زماني ۾ رھندا.“

”ڇا مون کي بہ اميءَ وانگر ماري ڇڏيندا؟“ مومل خاموش ٿي ويئي.

”نہ بابا. کنھن کي مجال آھي جو اوھان کي ڪير ماري. ھاڻ ايئن نہ ٿيندو. اوھان خوش رھو. پڙھو. اڳتي وڌو. اوھان کي آمريڪا موڪليندس.“

مومل خوش ٿي ويئي.

”پوءِ منھنجي امي ۽ بابا کي ڇو ماريو ويو؟“ مومل وري سوال پڇيو.

”بابا اوھان جي اميءَ جو پاءُ، اوھان جي اميءَ سان ڪاوڙجي پيو ۽ سونا کي ماري جيل ۾ پيو آھي.“

”اھو پلي جيل ۾ ھجي نہ تہ مون کي بہ ماري ڇڏيندو. خراب ماڻھو آھي. پلا پاءُ ڀيڻ کي ماريندو آھي؟“

”نہ تنھنجي اميءَ جو پاءُ چريو ھو.“

”پر منھنجو تہ ڪو پاءُ ئي ڪونھي.“ مومل چيو.

”تنھنجو انڪل آھي نہ- بس پئي ڪنھن جي ضرورت ناھي.“

مومل مون کي پاڪر پاتو ۽ بدر ڪيس پنھنجي ڪمري ڏانھن وٺي ويئي.

مومل ويئي ھلي ۽ مون مٿي آسمان ڏانھن ڏٺو تہ چؤطرف ڪارا پورا ڪڪر ڊوڙيا پئي ۽ چنڊ انھن منجھان ليئا پاتا پئي. چؤطرف روشنيون ھيون. مون مومل جي لاءِ سوچيو:

”جڏھن تون وڏي ٿين
ھيءَ دنيا تنھنجي آھي
دنيا توکي عذاب ڏي
تون دنيا کي پيار ڏجائين.

مومل پنهنجي ڪمري ۾ ويئي هلي. بدر بہ منهنجين نظرن آڏو نہ هئي. بالڪونيءَ ۾ ويٺو هئس. منهنجي ذهن جي ورن ۾ وسڪيءَ جي پاٽيات جو اثر هو. مون اڳ پڙهيو بہ هو ۽ هڪ سنڌي ليکڪا عطيہ دائود ڪان پڌو بہ هو. سندس اهو نظم منهنجي ذهن جي مٿاڇري تي اُڪرڻ لڳو:

جي توکي ڪاري ڪري مارين،
مري وڃجان، ضرور نينهن لائجان.
شرافت جي شوڪيس ۾
نقاب ڪڍي نہ ويهجان، ضرور نينهن لائجان.
اُجايل خواهشن جي رڻ پٽ ۾،
ٿوهر جيان نہ رهجان، ضرور نينهن لائجان.
جي ڪنهن جي ياد هوريان هوريان،
من ۾ تنهنجي هُري پئي،
مُرڪي پئجان، ضرور نينهن لائجان.
هُو ڇا ڪندا؟ توکي رڳو سنگسار ڪندا،
جيون پل تون ماڻجان، ضرور نينهن لائجان.
نينهن تنهنجي ڪي گناهہ بہ ڇئبو
پوءِ ڇا هي!؟... سهي وڃجان،
ضرور نينهن لائجان.

مون سوچيو تہ ڇا مومل کي سندس مستقبل لاءِ، آءٌ اهو سبق يا صلاح ڏيئي سگهان ٿو؟ ڇا مومل کي ”جيون پَلَ“ ماڻڻ خاطر، سنگسار ٿيڻ کپي؟ ڇا آءٌ مومل کي چوان تہ ”شرافت جي شوڪيس“ ۾ ويهڻ ضروري ناهي؟ مومل کي چوان، اسان جي اينڊڙ جوان نسل کي چوان ”نينهن“ ضرور لائجو ۽ لوڪ يا سماج يا سوسائٽي اُنهيءَ کي گناهہ سڏي تہ ڇا ٿي پيو؟ منهنجي ذهن ۾

نينهن، پيار يا محبت بابت واضح احساس آهن. ايئن نينهن لائڻ خاطر آءُ مومل کي سونا جو تسلسل ثيڻ لاءِ نہ چوندس. عورت انسان آهي. قدرت هُن کي جسماني طور ٿورو مختلف ۽ ڪجهہ جسماني طور ڪمزور ناهيو آهي. قدرت ئي دنيا کي Might is right جي اصول تي بہ هلائي ٿي. انساني سڀ جذبا طاقت يا زور جي تابع آهي. پل ڪير بہ چوي تہ سياڻپ، ڏاهپ يا عقل اعليٰ آهن. پر زور، ڏاهپ يا عقل کان پہ رتيون اڳتي آهي. انهن ٻن رتين جي زور ئي نر کي طاقتور ۽ زوراور بنايو آهي. اعليٰ عدالتون بہ زور اڳيان بي وس آهن ۽ عجيب تاويلون ۽ اکرن جي هنر سان ڏاهپ ۽ عقل کي زور جي اڳيان ٻئي خاني ۾ رکي زوراور کي مٿيرو ڪن ٿيون. انهيءَ ڪري مون سوچيو تہ مومل کي حق آهي تہ محبت ڪري. محبت کان سواءِ، زندگي خالي آهي. رڳو پيٽ ڀرڻ ۽ پيٽ خالي ڪرڻ حياتيءَ جو نالو ناهي. رڳو محبت ۽ نينهن لائڻ تي زور بہ زندگيءَ جو مقصد ناهي. زندگي مختلف دنيائي عنصر ۽ جذبن کي balanced بنائي، گذارڻ جو نالو آهي ۽ هڪ اردو شاعر جي شعر مطابق موت انهن عنصرن جي منتشر يا ڇڙوڇڙ ٿيڻ جو نالو آهي. سو مومل جي مستقبل يا اسان جي ايندڙ تهيءَ کي محبت يا پيار ۾ بہ balanced ٿيڻو پوندو. ڏاهپ بہ اهوئي چاهي ٿي. عقل بہ انساني حياتيءَ کي آزاد ۽ مقرر پيچري تي هلائڻ چاهي ٿو. ڇڙواڳي ۽ اجائي پرواهي، تباهيءَ جي واٽ ڏانهن وڃي ٿي. پر مغرب ۾ هاڻ جنس جي باري ۾ نوان تصور ۽ نوان پيچرا پيا سامهون اچن.

پيار ڪرڻ انساني زندگيءَ جي پيڙهہ آهي ۽ سڄي حياتيءَ جي عمارت انهيءَ پيڙهہ تي ڪچيل آهي. تڏهن تہ بائيبل ۾ آهي تہ جت پيار آهي اُت ڪوبہ گناهہ نہ آهي. دنيا ۾ پهريون قتل بہ عورت جي پيار خاطر ٿيو هو. انهيءَ قتل جو هڪ سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ مرد پنهنجي زور جي آڌار تي عورت کي بہ پنهنجي ملڪيت جو حصو سمجهي ٿو ۽ قتل جهڙو ڪم ڪري بہ عورت کي حاصل

ڪري ٿو. پر بائيبل ۾ ئي عورت کي شيطان جي ساٿي ۽ ازلي مردود سڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري عهدنامہ قديم ۽ حمورابي جي قانون موجب عورت کي جانورن وانگر مرد جي ملڪيت سمجهيو ويو آهي.

پر انهيءَ محبت انسان کي جت اعليٰ ۽ ارفع درجي تي پهچايو آهي، اُت سڄو انسانيت جو ڏوڙ، انهيءَ ڳالهہ جي اُپٽار ڪري ٿو تہ مرد يا عورت نهايت هيٺ بہ ڪريا آهن. ذليل بہ ٿيا آهن ۽ جت پيار ڪين اعليٰ ۽ ارفع درجي تي وٺي ويو اُت ڪين ادنيٰ ۽ خوار بہ ڪيو.

ابتدا اُن وقت کان ٿي جڏهن خداوند، حوا کي چيو هو تہ منع ٿيل ميوو کاڌو ۽ آدم کي بہ کارايو انهيءَ ڪري خدا ناراض ٿي فرمايو- ”آءُ تنهنجي ٻار ڄڻڻ وقت سُور کي وڌيڪ ڪندس تہ تون ٻار تمام سُور کائي پوءِ ڄڻين.“ (بائيبل- عهدنامہ قديم)

صحيح آهي عورت سدائين سُور کاڌا ۽ انهيءَ کي قادر جي قدرت جو هڪ حصو سمجهايائين. پر انسان وٽ عقل ۽ ڄاڻ هڪ وڏو هٿيار آهي ۽ انهيءَ کان علاوه ڪائنات جي اسرارن جي کوج ڪرڻ بہ قدرت کيس عطا ڪئي آهي. هاڻ حال اهو آهي تہ ڊاڪٽر پنهنجي ڄاڻ ۽ طب جي زور تي بنا سُور جي ٻار ڄڻائين پيا. عورت هيتريون صديون سور سٺا سي شايد قدرت، معافيءَ جي دفترن ۾ لکي ڇڏيو هجي. پر انسان قدرت جي سرشتي ۾ بہ هٿ اٽڪائي ٿو. قدرت کي اها اڳوات ڄاڻ هئي. فردوسي پنهنجي شاهنامي ۾ لکي ٿو تہ رستم پيدائش وقت تمام ٿلهو هو جنهن ڪري سندس ماءُ کي ويم مهل ڏاڍي تڪليف پئي ٿي ۽ سندس ماءُ بيهوش ٿي وئي. نيٺ ٻار ڄائو تہ ماءُ هوش ۾ آئي ۽ شڪر ادا ڪندي چيائين: ”رستم“ يعني منهنجي جان ڇُٽي. پوءِ اهوئي نالو ٻار جو رکيو ويو. اُنهن شروعاتي ڏينهن ۾ بہ انسان ٻاران قدرت جي اسرار سان هٿ اٽڪايو ويو ۽ هڪ عورت جو پيٽ چيري، ٻار ڪڍيو ويو ۽ اهو ٻار هو جوليس سيزر- انهيءَ ڪري طب ۾ هاڻ انهيءَ آپريشن کي

”سيزرن“ چئبو آهي. ايئن طهر ڪرائڻ بہ مصرين جي رسم آهي. هُو اڻ- طهريل مرد کي گندو سمجهندا هئا. يوناني حڪيم طاليس، فيثاغورس، افلاطون، اقليدس ۽ بقراط جڏهن علم جي حاصلات لاءِ مصر ويا تہ کين طهر ڪرائڻو پيو. طهر جي اها رسم يهودين جي آهي. حضرت عيسيٰ بہ طهر ڪرايو هو جو هُو اصل يهودي هو. پوءِ سينٽ پال طهر جي رسم کي ختم ڪرايو. مغل شهنشاهه اڪبر بہ طهر جي رسم ختم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا. مغل گهراڻي جي آخري حصي ۾ اهو قانون هو تہ ڪوبہ وڍيل عضوي وارو شخص تخت تي نٿو ويهي سگهي. انهيءَ ڪري عام طور تي بعد جا مغل شهزادا طُهر ڪونہ ڪرائيندا هئا. انهيءَ مان هو ظاهر ڪندا هئا تہ قدرت مرد کي مڪمل نہ بنايو هو ۽ انسان هن جو طهر ڪرائي، ڪيس صحيح ڪيو. مغل قدرت تي اهو الزام سهڻ لاءِ تيار نہ هئا.

عورت لاءِ هڪ پيو عذاب بہ قديم سماج ۾ جاري رهيو آهي. اُهو عذاب آهي ڇوڪرين جو طُهر ڪرائڻ ۽ انهيءَ رسم جي شروعات قديم مصر ۽ سوڊان ۾ ٿي. اسلام کان پهرين مڪ جي هڪ عورت اُم نمر اها طهر جي رسم سرانجام ڏيندي هئي انهيءَ ڪري انهيءَ عورت کي ”مبظره“ يعني بظر (Clitoris) يا اُن جي مٿئين ڪل جو حصو (Prepuce) وڍيندڙ چيو ويو. جيئن اڄڪلهہ ننڍڙن عربي فارسي لفظن کي ٻارن جي نالن رکڻ لاءِ پڙهيل اڌ پڙهيل فئمليون استعمال ڪن ٿيون تيئن متان ڪنهن جي نظر ۾ اهو لفظ ”مُبظره“ اچي ۽ پنهنجي ڌيءَ جو نالو رکي ويهي رهي. اهڙا گهڻا اجائي معنيٰ وارا نالا رکڻ اڄڪلهہ فيشن آهي. منهنجي هڪ ڄاڻ سڃاڻ واريءَ پنهنجي پٽ جو نالو ”لاريب“ يعني ”بي شڪ“ رکيو آهي. اسلام کان اڳ ڇوڪريءَ کي ڄمڻ تي ئي اُن کي بدنصيب ڄاڻائي ماري ڇڏبو هو. هندستان ۾ بہ، مسلمان ٿيڻ کان اڳ، نياڻين کي، راجپوت ۽ گکڙ قبيلي جا ماڻهو ماري ڇڏيندا هئا.

هندو مت ۾ اُهوئي شخص سرگ (جنت) ۾ وڃي سگهي ٿو جنهن جي چِتا ڪي، هن جو پٽ باهہ ڏي. انهيءَ ڪري سنسڪرت زبان ۾ لفظ "پُتَر" جي لغوي معنيٰ آهي: "پُت (دوزخ) کان بچائڻ وارو."

قديم چين ۾ نياڻين کي، خشڪ ساليءَ جي موسم ۾ پانهين جي روپ ۾ وڪڻي ڇڏيندا هئا يا کين درياهہ ۾ ٻوڙي ڇڏيندا هئا تہ جيئن مائٽن مٿان بار جهڪو ٿئي.

آفريڪا جي ڪجهہ قديم ملڪن ۾ عورت جي بالغ هئڻ کي نياڳ سمجهيو ويندو آهي ۽ کيس "پاڪ صاف" ٿيڻ تائين اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئا. روم ۾ جڏهن ڇوڪرو بالغ ٿيندو هو تہ خوشيون ملهائيبيون هيون ۽ اهو نوجوان حُسن عشق جي ديوي وينس جي مندر ۾ وڃي ڪنهن ديوداسيءَ کي پنهنجي مردانگيءَ جو پهريون مظاهرو ڏيکاريندو هو. ڪجهہ قومن منجهہ نوجوان ٿيڻ تي مرد کي هڪ ٻانهي ڏبي هئي جيئن فيل مست جوان هلڪو بہ ٿئي ۽ ٻين خرابين کان بچي سگهي. مسلمانن ۾ بہ اهو رواج رهيو آهي. جڏهن هارون بالغ ٿيو تہ سندس پيءَ مهديءَ کيس "محياة" نالي هڪ ٻانهي تحفي طور ڏني جنهن مان هارون کي هڪ پٽ بہ ڄائو هو. روس جي مشهور ناولسٽ ليو ٽالسٽاءِ جي وڏي ڀاءُ نڪولس کي بالغ ٿيڻ تي پڻس هڪ ڪنيز عطا ڪئي تہ همراهہ گمراهي ۾ هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ بدران هڪ ئي هنڌ هلڪو ٿيندو رهي.

تاريخ جي هڪ وڏي حصي مان اهو معلوم ٿيندو رهندو آهي تہ پيءُ پنهنجين ڌيئن کي ايئن وڪڻي ڇڏيندو هو ڄڻ ڍور ڍڳا وڪامجن پيا. موجوده انقلابات کان اڳ ايران ۽ افغانستان ۾ دختر فروشي جو رواج عام هو. قبائلي علائقن ۾ ۽ خود سنڌ ۾ ڪيترا قبيلا آهن جيڪي ڌيءَ جي قيمت وصول ڪن ٿا يا انهيءَ جي بدلي پنهنجي پٽ لاءِ سڱ گهرن ٿا يا پيٽ لڪائي ونن ٿا.

قديم تاريخ کان وٺي عورتن کي هڪ ٻئي عذاب کي بہ منهن

ڏيٺو پيو آهي. هڪ ئي وقت هڪ عورت سيني ڀائرن جي جوءِ هوندي هئي. پيءُ پٽ به هڪ عورت کي، عرب ۾ استعمال ڪندا هئا. شرط اهو هوندو هو ته اُها عورت انهيءَ پٽ جي ڳڳو ماءُ نه هجي. البيروني پنهنجي ڪتاب الهند ۾ لکي ٿو ته ڪافرستان، چترال، سوات ڪان وٺي ڪشمير جي آسپاس هڪ عورت سيني ڀائرن جي زال سمجهي ويندي هئي. جنوبي هند ۾ نائر قبيلي ۾ هڪ عورت جا ڪيترائي مڙس هوندا آهن جي سندس مڙس جا ڀائر هوندا آهن. مشرقي ميسور جي تنيار قبيلي ۾ چاچن، مامن، ڀائرن ۽ ڀائٽين جون گڏيل زالون هونديون آهن. اهوئي حال بنگال جي گارو ۽ ٽوڊا قبائل جو آهي. چين جي قبضي ڪان اڳ تبت ۾ پيءُ پٽ هڪ ئي عورت کي استعمال ڪندا هئا. تاريخ ممالڪ هند ۾ لکيل آهي ته مالابار ۾ هڪ عورت جا گهڻائي مڙس هوندا آهن ۽ هوءَ واري تي هر ڪنهن وٽ ويندي آهي. دروپدي پاندون ڀائرن جي گڏيل زال هئي. رومي مؤرخ ”ڊيو“ لکي ٿو ته اتر برطانيه ۾ اسڪاٽ لينڊ جا رهاڪو تنبُن ۾ رهندا هئا ۽ انهن جون زالون يا ڀار گڏيل تخم منجهان هئا. سکن ۾ اهو رواج پڻ پراڻو هو. راجا ڏاهر پنهنجي سڳي ڀيڻ سان شادي ڪئي. عرب، اسلام ڪان اڳ، پنهنجين زالن کي بهادر ۽ شهزور ۽ اعليٰ نسل جي مردن ڏانهن موڪليندا هئا ته جيئن سندن ٻار ”نجيب“ پيدا ٿئي. اهڙي درخواست ۽ عرض عام ماڻهو، بهادرن ۽ سخي سردارن کي ڪندا هئا. قديم زماني جي هندي آرين ۾ نيوڳ جو رواج هو. ڪنهن به لاولد شخص جي زال کي انهي ڳالهه جو حق هو ته اولاد خاطر ڪنهن تازي تواني مرد ڏانهن وڃي. اهڙو رواج قديم يونان ۽ اسپارٽا ۾ به هو. مڙس پاڻ چاهيندا هئا ته سندن گهرن ۾ سُورمن منجهان اولاد ٿئي. ڏکڻ هند جو حاڪم همايون شاهه بهمني، هر نئين ڪنوار کي پهرين پاڻ وٽ گهرائيندو هو. ڏکڻ هند جا نمبودري برهمن اڄ به هرڪنهن ڪنوار کي پهرين رات پاڻ وٽ گهرائيندا آهن.

ڪراچيءَ جي آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا هئا. هيٺ زمين تي روشن بتين جو شعاع آسمان تائين پئي ويو ۽ ڪارن ڪڪرن منجهہ ڪٿ ڪٿ پورا ڪڪر انهيءَ شعاع ۾ ڇُرندڙ نظر آيا پئي. رات اڌ ڪان مٿي گذري چڪي هئي پر مون کي ننڊ نہ پئي آئي. منهنجي ذهن ۾ اڳ پڙهيل ڪتاب يا پڌل ڳالهيون ويڊيو پليئر وانگر بنا ڪنهن تسلسل جي آيون پئي ۽ ويون پئي تہ عورت کي زماني قديم کان ڪيترو ذليل ۽ خوار ٿيڻو پيو آهي. سندس هڪ نافرمانيءَ ڪري خدا ۽ مرد گڏجي ڪيس لاڳيتو ذليل ڪيو آهي. چون ٿا تہ Prostitution is the oldest profession of world انهيءَ مان محسوس ايئن ٿئي ٿو تہ مرد بہ ڪو ڏنڊو ڏاڙي ڪندا هئا يا نہ. رڳو عورت ئي پنهنجي جسم وڪڻڻ جو واپار ڪندي هئي؟ تاريخ ۽ تمدن جي مطالعي مان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو تہ عورت کي روزي ڪمائڻ لاءِ هڪ ئي وسيلو هو تہ هوءَ پنهنجي جسم جو سودو ڪري. جسم کي وڪڻڻ جا بہ طريقا هئا. هڪ مختصر عرصي لاءِ پيو بنا مقرر ڪيل وقت لاءِ- پهرين طريقي جو نالو ڪسب هو ۽ عورت ڪسبياڻي هئي. ٻئي طريقي جو نالو شادي هو. پهريون طريقو، زماني جي ڦيرگهير سان بهتر انداز ۾ ٻين مذهبن سان گڏ اسلام ۾ بہ داخل ٿيو جنهن کي مُتع سڏبو هو. اهو عورت جو ساٿ چند گهڙين، چند ڏينهن يا مهيني ٻن لاءِ بہ ٿي سگهيو ٿي جنهن جو اجورو ڏار ڏار هو. قديم زماني ۾ هزارين عورتون يا ڪسبياڻيون مذهبي مندرن سان لاڳو هونديون هيون ڪٿي ڪٿي تہ پرڻيل عورتن کان بہ وڌيڪ سندن مانُ هو. انهيءَ جو سبب اهو بہ هو تہ هُو پنهنجي ڪسب سان گڏ مذهبي مندرن ۾ پروهتن سان بہ گڏ مذهبي ڪمن ۾ حصو ونديون هيون. اُنهي دؤر جي مذهب منجهہ ڌرتي ماتا، آسمان ديوتا ۽ سورج ديوتا جي پوڄا ٿيندي هئي. ڌرتي ماتا جي ڪُکَ ۾ آسمان ديوتا بارش جو پاڻي پري فصل

اپائيندو هو جنهن کي سورج ديوتا جي تپش تيار ڪندي هئي. ان زماني جا ماڻهو هر هلائڻ ۽ جنسي ميلاپ جي عمل کي هڪ ئي درجو ڏيندا هئا ۽ انهيءَ ڪري مندرن ۾ عورتن سان تمام گهڻو ۽ لاڳيتو جنسي عمل ڪندا هئا تہ جيئن فصل ڀلو ٿئي. مندرن ۾ نہ رڳو حسين ترين ڇوڪريون ويندڀون هيون پر رئيسن، پوتارن ۽ وڏيرن جون ڌيون بہ ويندڀون جيڪي پوڄارين ۽ ياترين کي پيار ۽ انهن سان جنسي عمل ڪنديون هيون. مقدس ڪسبياڻين جي شروعات سميريا جي شهر ”اِروڪ“ جي ”عشتار“ ديويءَ جي مندر کان ٿي. پوءِ مصر قديم ۾ ”آئسِس“، يونان ۾ ”افروڊائٽي،، ايشيا ڪو چڪ ۾ ”سائي بيلي“ ۽ اروم ۾ ”وينس“، بار آوري، افزائش، حسن ۽ شباب ۽ عشق ۽ محبت جون ديويون هيون جيڪي ڌرتي ماتا جون جدا جدا شڪلون پڻ هيون. انهن مندرن ۾ جنسي ميلاپ جي عام اجازت هئي. فصل پوکڻ ۽ لاباري لهڻ ۾ هزارين پوڄاري ۽ عام مرد عورتن سان ملي، گيتن جي ڌنن تي، چرين وانگر نچندا بہ هئا ۽ مرد پنهنجا نرا خالي ڪري عورتن جي لڱن ۾ نهيل خال کي ٽپٽار ڪري ڇڏيندا هئا. بابل شهر ۾ ”عشتار“ جي عظيم مندر ۾ مقدس ڪسبياڻيون رنگ برنگ ڪپڙن سان رقص بہ ڪنديون هيون ۽ مردن کي پنهنجا انگ آڇينديون هيون.

انهن سڀني فعلن ڪري، ضرور عورتون پيٽ سان ٿينديون هونديون ۽ ڪين اها بہ ڄاڻ نہ هوندي تہ ڪهڙي مرد جي ٻج سان سندن پيٽ جو خال وڌي پيو. ضرور ڪي ڪُهائيون (abortions) ٿينديون هونديون ۽ ضرور ڇاول ٻار يا تہ مارجي ويندا هوندا يا بي سهاري ڪنهن رستي پنڌ يا ڍنڍ ڍوري جو ڪاڄ بنجندا هوندا. اُن وقت عورتن جي مامتا وارو جذبو ڪهڙي حال ۾ هوندو، سا خبر تاريخ نوسين کي بہ نہ آهي جو ڪٿ هنن انهيءَ موضوع کي نہ ڇيڙيو آهي. خدا، عورت کي الائي ڇو ايڏي وڏي سزا ۽ لاڳيتي سزا ڏني! عورت جي پيٽ جو خال ۽ انهيءَ خال هيٺ نهيل عضوا عورت

جي ازلي عذاب جو ڪارڻ آهن. قدرت انهيءَ هنڌ گند ۽ غلاضيت سان گڏ بي حد لذت ۽ انسان جي تخليق سيني کي آٽي گڏ ڪيو آهي.

جيئن جيئن انسان جو معاشرو ۽ زراعت جو ڪلچر ترقي ڪرڻ لڳو تہ مرد، عورت کي پنهنجي ملڪيت سمجهڻ لڳو. بابل شهر جي قانون موجب مرد پنهنجي عورت کي مارڻ جو حق رکندو هو جيڪڏهن هُن عورت کي ڪنهن ٻئي مرد سان ڏٺو. ساڳي ڳالهہ روم ۾ پڻ رائج ٿي ويئي. بادشاهہ ۽ زورآور مڙس ٻين جي زالن کي ديده دانستہ پاڻ وٽ گهرائي استعمال ڪندا هئا. ڪوڪ شاستر جو ليڪڪ "وتسياين" چئي ٿو تہ برابر صوبي ۾ ماڻهو پنهنجيون سهٽيون عورتون راجائن يا منترين کي سوکڙيءَ طور ڏيندا هئا. بابل شهر ۾ مرد کي اهو حق هو تہ پنهنجي سرڪش ۽ واترادي عورت کي، ڪنيز بڻائي بازار جي چوڪ ۾ وڪڻي ڇڏي. مجوسي مذهب ۾ عورت کي عبادت جو ئي حق نہ هو. هو رڳو ڏينهن ۾ ٽي دفعا پنهنجي مڙس وٽ وڃي هن جي جنسي آسودگيءَ جي سار لهندي هئي. جڻ مرد عورت جو خدا بڻجي ويو. هندن وٽ اڄ بہ مڙس "پتي ديو" آهي. مسلمانن وٽ مرد پرٽيل عورت لاءِ مجازي خدا آهي.

عورت کي انساني تهذيب جي شروعات کان، پنهنجي جسم جي ڪاروبار ۾ ملوث ڪيو ويو. جدا جدا مذهبن جي عبادتگاهن ۾ هزارين ديوين جون عورت خدمتگار ۽ هزارين ڪسبياڻيون رهنديون هيون جيڪي نہ رڳو پنهنجي جسم جي استعمال سان، پوڄاري، پروهت، عام مرد ۽ ديوين کي خوش ڪنديون هيون پر وقت گذرڻ سان سيني ۾ جنسي بيمارين جا جيوڙا بہ ڦهلائينديون هيون. پاڻ بہ ننڍي عمر ۾ ختم ٿي وينديون هيون ۽ اُهي جيوڙن ۾ ورتل مرد جيترو مرض ڦهلائي سگهندا هئا، هر هنڌ ڦهلائي، چاليهہ- پنجاهہ سالن جي عمر ۾ مري ويندا هئا. برٽرينڊرسل پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ "عيسائيت کان اڳ جنسي

چڙواڳي رڳو مندرن تائين محدود هئي جت انهيءَ کي مقدس پيشو سمجهبو هو. عيسائيت جي نفاذ کان پوءِ مندر ختم ٿي ويا ۽ اها چڙواڳي بہ ختم ٿي ويئي پر نتيجو اهو نڪتو تہ پوءِ جت ڪٿ عصمت فروشيءَ جا اڏا هلڻ لڳا. انهن اڏن ۾ ڪسبياڻيون، اڏن جي مالڪن جون زرخريد هيون. انهيءَ ڪري نفعو بہ مالڪن کي پهچڻ لڳو. اسان واري دؤر جون آزاد ڪسبياڻيون پوءِ وجود ۾ آيون. هندستان ۾ اجا تائين مذهبي عصمت فروشيءَ جو ادارو پوري طرح ختم نہ ٿيو آهي."

جڏهن حاڪمن ڏٺو تہ اڏن جا مالڪ جاوا پيا ڪن ۽ تمام گهڻو پيا ڪمائين تہ انهن انهيءَ ڌنڌي کي منظم organise ۽ regularise ڪيو ويو. عام چڪلن جو ايجاد ڪندڙ ايٿينز جو عملدار "سولن" هو جنهن سرڪاري چڪلا کوليا. انهيءَ مطابق قاعدا قانون ناهيا. عورتن کي مختلف درجن ۾ ورهايو ۽ انهن جا اگهہ ۽ سندن خرچي بہ مقرر ڪئي. ڪسبياڻين کي "جمبنائي"، "التراڊ" ۽ سڀ کان اعليٰ درجي جي عورتن کي "هيٽرا" سڏبو هو. هيٽرا تعليم يافتہ هيون ۽ علم ۽ فن ۾ ماهر سمجهبيون هيون. هو علمي مباحثن ۾ شرڪت ڪنديون ۽ ڪيترن فيلسوفن کي بہ لاجواب ڪري ڇڏينديون هيون. تاريخ ۾ اعليٰ درجي جي ڪسبياڻين يعني هيٽرائن جا وڏا ذڪر آهن. هڪ "ديوتيما" هئي جنهن کي سقراط پنهنجو استاد مڃيندو هو. افلاطون، "آر ڪي نيسا" سان عشق ڪندو هو. هڪ هيٽرا "دنائي" هئي جنهن فيلسوف ابيقورس کي عشق ۽ جنسي رمزون ۽ مزي وٺڻ جا گس ٻڌايا هئا. پوڙهي فيلسوف سوفوڪليز کي "ٿيورس" پنهنجي جسم ۽ ٻگالهين سان گرم رکندي هئي. فلسفي ۽ ادب جي پڙ هيٽرا، "اسپاشيا" هئي جنهن جا انگل ۽ ناز فيلسوف پريڪليز کڻندو هو. هيٽرا "ٿمستونو" سوَن نوجوانن کي عشق بازي جا آداب سيکاريا. يونان وانگر روم جا شهزادا ۽ رئيسن جا پٽ ادب ۽ شائستگي

سڪڻ لاءِ اعليٰ درجي جي ڪسبياڻين وٽ ويندا هئا. شاعر اوودِ (ovid) چئي ٿو تہ روم ۾ ڪسبياڻيون آسمان تي چمڪندڙ تارن وانگر بي شمار هيون. ايئن ئي هندستان ۾ بہ رنڍين جي درجہ بندي هئي. اُت بہ اهو ڪم حڪومتن جي سرپرستيءَ ۾ ٿيندو هو. هرڪا عورت ڏينهن سڄي جي ڪمائيءَ جو هڪ حصو سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائيندي هئي ۽ مهيني ۾ هڪ ڏينهن جي ڪمائيءَ جو پيڻ، محصول طور حڪومت کي ڏيندي هئي. انهيءَ قديم زماني جو شاعر "دامودر گپت" پنهنجي رسالي "نٽني متم" ۾ ڪي شعر ۽ هدايتون لکيون هيون:

"– جيئن سون ۽ چانديءَ ۾ مڙهيل هيرو سهڻو لڳي ٿو، ايئن ئي عورت بہ پنهنجي پريتم جي ٻانهن جي گهيري چڱي لڳي ٿي."

"– روپ ۽ جواني جيون جو ڏن آهي ۽ بسنت سموري مُندن جي دولت آهي– پر منهنجا پيارا ۽ سهڻا، سڀ کان وڏو ڏن اهوئي آهي جو ڪو پريم ۽ ڪامنا جا مزا ماڻي ۽ امرت جا ڍڪ پِري امر ٿي وڃي."

– محبت کان سواءِ جواني کهڙي ڪم جي، جواني کان سواءِ پريم کهڙي ڪم جو ۽ ڪامنا (جنسي حظ) کان سواءِ رُکو سڪو پريم ۽ جواني کهڙي ڪم جي."

– نندپڻ جو ڦل آزادي آهي. جوانيءَ جو ڦل موهہ ۽ پيار آهي. پيريءَ جو ڦل آتما جي شانتي آهي."

چندر گپت، هند جو شهنشاهہ رنڍين کان جاسوس بہ ڪرائيندو هو.

جيئن روم ۽ ايٿينسر ۾ اعليٰ درجي جون ڪسبياڻيون هيون تيئن تاريخ ۾ هندستان بہ پٺتي رهيل نہ آهي. "چترليکا" ۽ "وسنت سينا" پنهنجي حسن ۽ جمال ۾ بي مثال هيون. "امباپالي" وشالا جي مشهور رنڍي هئي جنهن گوتم ٻڌ کي پنهنجي باغ ۾ رهايو هو

۽ پوءِ اهو اُنهيءَ کي بخش ڪري ڏنائين. مورخ لکن ٿا تہ هندو راجا ڪسبياڻين تي جيڪو محصول لاڳو ڪندا هئا تہ اها رقم پوليس ۽ فوج تي خرچ ڪندا هئا. البيروني بہ اها ڳالهہ پنهنجي ڪتاب الهند ۾ لکي آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ تاريخ اسلام ۾ چڪلي جي اداري کي، ”عضد الدولا ويلمي“، منظم ڪيو ۽ انهيءَ ڏنڌي تي محصول پڻ لڳايو. هو چوندو هو تہ جي اهي ڪسبياڻيون نہ هجن ها تہ مٿي ڦريل طاقتور فوجي، رعيت جي شريف عورتن لاءِ آزار بنجي پون ها علاؤالدين خلجي، چور بازاري ۽ مهانگائيءَ جو دشمن هو. انهيءَ ڪري بازار ۾ هر شيءِ جو اگهہ هو پاڻ مقرر ڪندو هو. ڪنهن درٻاريءَ، جسم وڪڻندڙ عورتن جو ٻڌايس تہ يڪدم انهن جا بہ عمر، سونهن ۽ گهُرج مطابق اگهہ مقرر ڪيائين.

جلال الدين اڪبر شهنشاھہ هند، اهڙين عورتن لاءِ خاص وستي ٺهرائي ۽ اُن جو نالو شيطان پورا رکيائين ۽ سڀني عورتن جا نالا هڪ رجسٽر ۾ لکرائي باقاعدي Documentension جو بندوبست ڪيائين. ڪنهن نئين عورت جو پرده بڪارت ٽوڙڻ جو ڪيس هوندو هو تہ باقاعده سرڪار کان اجازت وٺڻي پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اڪبر انڪوائريون بہ ڪرائيندو هو تہ متان سرڪاري قاعدن جي پيچڪڙي تہ نہ پئي ٿئي. اهڙين عورتن کان حاصل ٿيل محصول باقاعدي سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿيندو هو.

نواب وزير شجاع الدولا اهڙين عورتن جو تمام شوقين مڙس هو. اُنهي زماني ۾ يعني 17 ۽ 18 صديءَ ديسان ديس جون طوائفون لکنؤ ۾ اچي جمع ٿيون هيون. انهن ڪسبياڻين کي نن درجن ۾ ورهايو ويندو هو. هڪ ”ڪنچني“ هيون. اِهي پيشہ ور هندو عورتون ناچ ۾ ماهر هونديون هيون، ٻيون ”چوني“ واريون ۽ ٽيون ”ناگرنيون“ هيون. انهن ۾ هر ڪنهن قسم جون عورتون هيون. اعليٰ درجي جي طوائفن کي ”ڏيرادار“ سڏبو هو. انهن جي ڪوٺن تي نوچين کي ناچ ڳائي سان گڏ ادب ۽ شعر جي تعليم بہ

ملندي هئي. انهن طوائفن جي ادب آداب ڪي سند جو درجو حاصل هو ۽ اهو مشهور هو تہ جيسين ڪو شريف انسان رنڊيءَ جي صحبت ۾ نہ ويهي تہ اهو انسان چوائڻ جي ئي لائق ناهي. وڏا وڏا رئيس پنهنجن پٽن کي انهن ڏيرادار طوائفن وٽ فضيلت ۽ آداب زندگي سکڻ لاءِ موڪليندا هئا ۽ انهن آداب زندگي سکيل شريف ماڻهن جي آخري کيپ 1947ع کان پوءِ گهٽي انداز ۾ هجرت ڪري نئين ملڪ ۾ وارد ٿي ۽ هت فضيلت ۽ ادب جو درس ڏيڻ ۽ مظاهرو ڪرڻ لڳا.

پيرس لاءِ، مشهور ليکڪ ڪامئو چئي ٿو تہ هت ماڻهن جا ٻہ مشغلا آهن: اخبار پڙهڻ ۽ زنا ڪرڻ.

مشهور ليکڪ سمرسيٽ ماهم بہ پيرس کي جنسي آسودگي لاءِ بهتر شهر سڏيو آهي: ”آءٌ جڏهن ڏسندو آهيان هاڻ منهنجو نفس منهنجي ڪم ۾ اتڪاءُ وجهي ٿو تہ آءٌ ڪنهن عورت وٽ هليو ويندو آهيان ايئن ئي جيئن قبض ٿئي تہ اُن جي لاءِ دوا وٺبي آهي.“

صدر ابراهام لنڪن چيو هو تہ اوهان ڪنهن کي گندي ناليءَ ۾ رکڻ تي بضد آهيو تہ پوءِ اوهان پاڻ بہ انهيءَ گندي ناليءَ جا ئي ڪينئان بنجي پوندا.

جيئن مون پهرين بہ چيو آهي تہ مرد جي برتري، انهيءَ جي فطري زوراوري تي آهي تہ قانون بہ عام طور تي ”زور“ جي آڌار تي ٺهيل آهي. پر جي قانون عقل جي رمزن تي ٺهيل آهي تہ بہ انهيءَ جي تشريح، گهرج مهل زور يا طاقت جي پڙ ۾ هلي وڃي ٿي. دنيا جو سڀ کان شروعاتي قانون ٺاهيندڙن ۾ حمورابي جو نالو سڀ کان اڳ آهي ۽ هو مسيح کان بہ هزارين سال اڳ هو. هن بہ انهي عورت لاءِ سزا موت مقرر ڪئي آهي جيڪا ناجائز تعلقات قائم ڪري ٿي. لفظ عورت عربي آهي جنهن جي لغوي معنيٰ ”شرمگاهہ“ آهي. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ عورت کي پنهنجي شرم ۽ جسم جي جائز حفاظت ڪرڻي آهي نہ تہ زورآور مرد، پنهنجي عطا ٿيل

فطرت موجب هن کي ماري ڇڏيندو. مارڻ واري مرد لاءِ شروعاتي قانونن ۾ ڪا سزا مقرر ٿيل نہ آهي ۽ هاڻ رڳو جذباتي انداز ۾ هوش ۾ نڪري وڃڻ جي ثابتيءَ تي بہ ٽي سال جيل جي سزا ملي ٿي. پر اهو ساڳيو مرد ڪير بہ آهي، پڙوو بہ آهي ديوث بہ آهي تنهن کي ڪا سزا نہ آهي. ديوث انهيءَ مرد کي چئبو آهي جيڪو پنهنجي نڪاح پڙهيل زال کان بدپيشو ڪرائي. مون کي ياد آهي تہ صفا جوانيءَ جي ڏينهن ۾، جڏهن منهنجي پوسٽنگ ڪنڌ ڪوٽ ۾ هئي تہ شام ڌاري دروازي تي گهنٽيءَ وڳي. نوڪر ٻاهر ويل هو. مون در کولي، هڪ شخص کي ڏٺو ۽ پڇيو ڪير آهين. هٿ ٻڌي چيائين سائين فلاڻو ڪير آهيان. اوهان جي نوڪر ڪجهہ چيو هو. جيئن حڪم هجي. هندو عورت کپي، سمات کپي، بروچ کپي يا ڪاليج جي ڪا نئين ڇوڪري کپي يا اجا بہ حڪم ڪريو تہ سکر منجهان ڪا پناٽي گهرائي ڏيان اڄڪلهہ سردي هئڻ ڪري ڪوئٽہ هٿ آتلي پئي آهي. آءُ مُنجهي پيس. چيومانس تہ نوڪر يعقوب اچي انهيءَ سان ڳالهائجان.

هو ڪير تہ ويو هليو. يعقوب آيو تہ چيائين سائين قهر ڪيو اٿو. حراميءَ کي ڇڙس ها جوٽس کي وٺي اچي ها. هٿ اجا هلي ڪانهي. وڏن ڪامورن ۽ اميرن سيني جون اکيون انهيءَ ڇوري منجهہ آهن. پاڻ بہ استعمال نٿو ڪريس. سنياليو وينو آهي. آڏيو ڳاڙهي ڪنٽريءَ جو وٺي پيارجيس تہ پنهنجي جوءِ تہ ڇا جوٽس جي ماءُ بہ گڏ وٺي ايندو.

”جوٽس جي ماءُ کي آءُ ڇا ڪندس؟“

”سائين اها پڙوي بہ شوقين ٽاپ جي آهي. ٽي چار پيگ پياريوس ڏهن کي منهن ڏيئي ويندي. مان ڇا جي لاءِ وينو آهيان باقي سهڪائي اهڙو ٿي جو ڇڻ ايريگيشن ڪاتي وارا ڪاتي پيا ڪٽائين.“

يعقوب تہ الائي ڇا ڇا چئي ويو پر مون کي اچرج ويڙهي ويو تہ هڪ مرد پاڻ کي ڪير سڏي ٿو جيڪو پنهنجي لاءِ اشرف

المخلوقات جو لقب به گهڙي ٿو.

يعقوب نشي ۾ هڪ پيري ٻڌايو ته ”سائين ڪيرپو هُن جو پيشو آهي جيئن لعل بخش خان جو پيشو مختيارڪاري آهي. هُو ڪير سڏبو ۽ مختيارڪار خان صاحب! انهيءَ ۾ حيرانگيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

رات گهٽي گذري چڪي هئي. سامهون ڪلفٽن روڊ تي ٽريفڪ به گهٽ ٿي ويئي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪا گاڏي لنگهي پئي. منهنجي ننڊ اڏامي ويئي هئي. صبح جو واڪ“ جو پروگرام به رٿيل هو. مون چاهيو پئي ته اختياري وارن ۽ عام مردن تائين پيغام پهچي ته اسين سنڌ ۾ عورتن جي ناجائز قتل منجهان پنهنجي انا يا اجائي روايت پوري ڪري پاڻ کي سرخرو ڪريون ٿا ۽ پوءِ وڪيلن جي ذريعي يا هاڻ مذهبي قانون مطابق پاڻ کي آجو ڪرايون ٿا- سا رسم ختم ٿيڻ کپي يا ماڻهن ۾ انهيءَ لاءِ نفرت جو جذبو پيدا ڪجي.

باقي اسين مرد، روز اول کان عورت کي، پنهنجي ملڪيت، پنهنجي جان، پنهنجي عزت ۽ پنهنجو زيردست سمجهون ٿا. ماءُ جي حيثيت ۾ هن جي قدمن هيٺ بهشت جي ڄاڻ اٿئون. ماءُ ٿيڄ نه بخشي ته پنهي جهانن ۾ آزار ۾ هونداسين. اسين سنڌي مرد نياڻيءَ کي ست قرآن سمجهون ٿا. نياڻيءَ- ميڙ کي ڪو يزيد جهڙو شخص ئي موٽائيندو نه ته اسان وٽ اها تمام وڏي روايت آهي ۽ عزت ۽ غيرت جي حد آهي. سڀ قانون مرد جا ٺهيل آهن. خدا جو پاڇو به مرد آهي. الله جا نوانوي صفاتي نالا به انسان ۾ موجود هڙني جذبن جا نالا آهن. سڀني انسانن ۾ اهي سيئي صفاتي جذبا موجود ناهن ته به تاريخ شاهد آهي الائي ڪيترن موقعن تي مرد پاڻ کي ڌرتيءَ تي خدا جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. پر قديم دؤر کان وٺي عورت جي زنا ڪرڻ جي سزا هميشه سخت رهي آهي پل

کھڙو بہ ملڪ هجي، قوم، تهذيب ۽ مذهب هجي. انساني تاريخ ۾ مسيح کان هزارين سال اڳ، سڀ کان پهرئين قانوندان حمورابي بہ مڙس کي زاني عورت کي طلاق يا قتل ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. انهيءَ سان گڏ اهو بہ حڪم آهي تہ زاني عورت ۽ سندس يار کي ٻوڙي ڇڏجي. يا عورت زنا نہ بہ ڪئي آهي. تنهن هوندي بہ متس آڱر کڄي ٿي نہ هوءَ مڙس جي عزت خاطر پاڻ کي درياهہ ۾ ٻوڙي ڇڏي. اسيريا ۽ سميريا جي ملڪن ۾ زاني عورت لاءِ موت جي سزا هئي. يونان، هڪ ٻئي ملڪ ٽراءِ وارن سان ڏهہ سال جنگ ڪئي جو ٽراءِ جو شهزادو پيرس، يونان جي شهزادي هيلن کي ڀڄائي ڪٽي ويو هو. قديم روم ۾ پڻ زاني عورت کي بنا ڪيس هلائڻ جي موت جي سزا ڏيندا هئا. جوليس سيزر شڪ جي ڪري پنهنجي زال کي ماريو ۽ اهي مشهور اکر چيا هئا: "منهنجي زال شڪ کان بہ بالاتر هجي." جيتوڻيڪ سيزر جا تمام گهڻين عورتن سان تعلقات هئا. هندن جو قديم قانون ناهيندڙ منو سمرتيءَ چيو آهي زاني عورت کي ڪتن کان ٻچ ڪري، ڦاڙائي مارجي. ايران جي انقلاب کان پوءِ، قصاص وارو قانون، مرد کي اهو اختيار ڏيئي ٿو تہ هو انهيءَ شخص کي ماري سگهي ٿو جيڪو هن جي حرم سان هٿ چراند ڪري ٿو. عورتن لاءِ اهڙيون ئي سزائون اردن، مصر، لبيا، الجيريا ۽ ڪويت ۾ ڪجهہ گهٽ وڌائيءَ سان موجود آهن. فرينچ پينل ڪوڊ 1810، عثمانيہ پينل ڪوڊ 1898 ۾ اهڙي ئي سزا موجود هئي. پوءِ فرانس وارن 1975 ۾ اها سزا ختم ڪئي. ترڪيءَ کان سواءِ، يورپي ملڪن اسپين، پورچوگال ۽ اٽليءَ ۾ پڻ (1979 تائين) اهي سزائون لاڳو هيون.

عورت کي، تہ بائيبل مطابق، خود خدا پڻ ڏمرجي، ويم جي سخت سُورن جو ڇتاءُ ڏنو هو. عيسائي شروعات ۾ عورت کي پليد سمجهندا هئا. پر پوءِ اها ڳالهہ زماني سان بدلجي ويئي. پر مون کي انهيءَ سيني ڳالهين جي هوندي بہ هڪ ڳالهہ عجيب لڳندي آهي

تہ دنيا جي فيلسوفن، دانشورن، مذهبي امامن، اديبن ۽ شاعرن پڻ عورت کي دنيا جي شروعات کان وٺي نهايت گهٽ ۽ نيچ ڪري سمجهيو آهي ۽ سرِعام انهيءَ ڳالهہ جي تبليغ بہ ڪئي آهي. جيتوڻيڪ عورت اوترو ئي عزت لائق ۽ بهتر مخلوق آهي- جيتري عزت ۽ مان مرد جو آهي.

ڪجهہ دانشورن جا قول جيڪي ياد اچن ٿا سي هيٺ ڏيان ٿو:

1. ”عورت وٽ سواءِ پنهنجي ذات جي بابت ڳالهائڻ کان سواءِ ڪو وقت نہ آهي.“ -آلڊس هڪسلي
2. ”جيستائين عورت جوان آهي ڪيس ضمير جو آواز پريشان نہ ٿو ڪري.“ - سمرسيٽ مام
3. ”احمق اهو آهي جيڪو شادي ڪري ٿو ۽ سڀ کان وڏو احمق اهو جيڪو احمق سان شادي نہ ٿو ڪري.“ - جوڊ
4. ”عورتون مردن کي خوش رکڻ لاءِ نت نوان لباس پائن ٿيون ۽ پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ اهي لباس لاهي ڇڏين ٿيون.“
- لِن يو نانگ
5. ”خدايا تو عورت کي ڇو پيدا ڪيو؟ هيءُ چمڪدار ڇار آهي جيڪو هن دنيا ۾ اسانجو پيڇو نٿو ڇڏي. توکي ماڻهوءَ کي خلقڻو ئي هو تہ اُن کي عورت جي بطن ۽ عشق وسيلي ڇو پيدا ڪيو.“ - يُوري پيڊني
6. ”عورت کي رڳو پلنگ سان محبت آهي، زيور سان شوق آهي. شهوت، ڪاوڙ، برائي ڏانهن رغبت، ضد ۽ ايذاءُ ڏيڻ، سندس فطرت ۾ آهي.“ - منو
7. ”هر عورت کي انهيءَ ڳالهہ تي شرم اچڻ کپي جو هوءَ عورت آهي.“ - سينٽ ڪليمنٽ
8. ”عورت غلام کان بہ بدتر آهي.“ - سينٽ ٿامس اڪوئنس
9. هئملٽ، اوفليا کي چيو: ”توکي شادي ڪرڻي آهي تہ ڪنهن

احمق سان ڪر. عقلمند کي خبر آهي اوهين عورتون انهن جو
ڇا حشر ڪريو ٿيون." - شيڪسپيئر

فلاسفرن ۾ شوپنهار، هاپٽ مان ۽ نتشي عورت دشمنيءَ لاءِ
مشهور آهن. انگريز فيلسوف اي ايم جوڊ چوي ٿو تہ مان ايترو
پوڙهو ٿي ويو آهيان جو جسماني طور تي مون کي عورت جي
ضرورت ناهي ۽ حيران آهيان تہ انهيءَ کان سواءِ بہ عورت جو ڪو
ڪارڻ آهي.

مرد ڪيترو بہ روشن خيال هجي پر سندس ذهن ۾ اهوئي
جذبو هوندو تہ سندس زال جو واحد مقصد ڪيس خوش ڪرڻو
آهي. بروٽس جي زال پورشيا ڇڻ عورتن جي ترجماني ڪئي هئي.
هُن پنهنجي مڙس کي چيو هو تہ- "بروٽس مون کي ٻڌاءِ تہ آءٌ
تنهنجي نڪاح ٻڌي زال ٿي بہ تنهنجي همراز نہ بنجي سگهيس. ڇا
منهنجي ضرورت رڳو ايتري آهي جو توسان گڏ ڪاڏي ۾ ۽ بستر ۾
شريڪ هجان ۽ توکي لذت ونايان. ڇا منهنجو اهوئي فرض آهي تہ
تنهنجي اشارن تي نچندي رهان. جي منهنجو انهيءَ کان وڌيڪ حق
ناهي تہ پورشيا، برُوٽس جي داشتہ آهي زال ناهي."

ڪراچيءَ جي آسمان تان ڪڪر گهٽا ڇنجي ويا هئا ۽ چنڊ
جي روشني ڏرتيءَ تي ڪجهہ گهٽ تي ويندڙ روشنين سان گڏ
ڦهليل هئي. آءٌ ڇڻ Soliloquy ۾ مصروف هئس. چؤطرف ڦهليل
خاموشيءَ ۾ منهنجي ذهن منجهان اکر زبان رستي ايئن آهستي
آهستي نڪرندا ويا پئي ڇڻ آءٌ ڪنهن ڊرامي نگار جي ڪردار
وانگر اسٽيج تي پنهنجي رول جي ادائگيءَ ۾ مصروف هئس. پر اهو
بہ محسوس ڪيم پئي تہ وسڪي دماغ جي ورن ۾ گهمي پئي.

"اسان وٽ عورت کي آزادي يا مرد جي برابري ڪڏهن ۽
ڪيئن ملندي؟ اسين تہ جاگيرداراڻي ۽ زمينداري سسٽم ۾ رهون ٿا
جت عورت کي نهايت هيڻانهون درجو ڏيون ٿا. ضرورت مهل

"ست قرآن" بہ چئون ٿا. مرد جي منافقت جي حد آهي. هت نوجوان يونيورسٽين ۽ ڪاليجن مان پڙهي نئين روشني حاصل ڪري بہ واپس ڳوٺ وڃي پنهنجي ابي ڏاڏي جي سسٽم کي اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا. مون کي سنڌ ۾ ڦهليل تعليم ۽ روشنيءَ، جنهن کي پورا پنجاهہ سال يعني اڌ صدي لڳي آهي؛ نهايت مايوس ڪيو آهي. اسان وٽ پڙهيل نوجوانن ۾ وڌيڪ مايوسي ۽ فرسٽريشن محسوس ٿئي پئي. استاد ۽ مائٽ شايد پنهنجو رول صحيح طور ادا نہ ڪري سگهيا آهن. انهيءَ ڪري نوجوانن سان گڏ پوري ماحول ۾ سماجي بدعنوانين جو چار ڦهلجي ويو آهي. نوجوان، سواءِ آگرين تي ڳڻڻ جيترن ڪان سواءِ، سڀ زماني جي روشن مستقبل بدران، اونداهي ماضيءَ ڏانهن وڃن پيا. زميندار ۽ جاگيردار ملٽي- پرپز رول ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. هو جاگيردار بہ آهي. عوامي نمائندو بہ آهي. جمهوريت پسند ۽ اسلام پسند بہ آهي تہ ضرورت مهل نئشنلسٽ ٿيو پوي. جڏهن سياستدان بنجي سياسي ڪيڏ جي ميدان ۾ اچي ٿو تہ هن جهڙي سستي ۽ حاضر Purchaseable Commodity ڪابہ نہ آهي. ڏاڙيلن جو يار آهي، ڏاڙيل پالي ٿو ۽ ٻي معنيٰ ۾ پاڻ ڏاڙيل آهي. هو هاڻ پنهنجا تعلقات انٽر پروانشل فيول لارڊس، بيورو ڪريسي، آرمڊ بيوروڪريسي ۽ عام ڪارڪنن سان بہ رکي ٿو. هر هنڌ سندس روپ بدليل آهي. اهي سنڌ جا ڏٺي آهن. هاڻ تہ جرڳا سسٽم ورائي، ملڪ جي قانون مان رهيل ست بہ نپوڙي ڪڍين پيا. رڳو جڏهن ورديءَ وارا حڪومت ڪندا آهن تہ ڪوئن وانگر پنهنجن ٻرن ۾ هليا ويندا آهن. اُت بہ وس هلندو اٿن تہ چگن مڙسن جو ڪردار ادا ڪندا آهن. جن ڪوئن جي، وردي‍ءَ وارن کي ضرورت هوندي آهي تن کي گهرائي وٺندا آهن ۽ سندن منشور ۽ اشارن تي نهايت قابليت سان هلندي، پنهنجي عهدي ۽ ڪرسيءَ کي بچائڻ ۾ پورا هوندا آهن.

"اهڙن ڪوئن جو سنڌ ۽ پاڪستان کي تباهيءَ ڏانهن وٺي

وچڻ ۾ وڏو حصو آهي، جنهن جا الڳ داستان لکجي سگهجن ٿا.
”آمريڪا ۽ يورپ ۾ عورتن کي مکمل آزادي ۽ شخصي ضمانت مليل آهي. پر تنهن هوندي به اُت عورت insecurity ۾ مبتلا آهي. ايئن لڳي ٿو تہ مرد عورت جو ڏک ۽ حفاظت ڪندڙ آهي. اها ڳالهہ آسماني صحيفن ۾ بہ لکيل آهي. پر هاڻ آمريڪا جي عورت مرد کان آزاد رهڻ چاهي ٿي. مرد بہ عورت جي ٻار کان پاڻ کي آجو ڪرڻ چاهي پيو. هڪ هنڌ پڙهيو هوم تہ هڪ ڇوڪري مامتا جي جذبي خاطر ٻار جي خواهش رکندڙ هئي پر هوءَ شاديءَ لاءِ تيار نہ هئي. هوءَ هڪ آمريڪن جج لِنڊسي وٽ ويئي، ۽ چيائين: ’مان مڙس ڪرڻ پسند نٿي ڪريان پر مون کي ٻار جي خواهش آهي ۽ مون هڪ نوجوان شاگرد کي راضي ڪيو آهي تہ هو منهنجي ٻار جو پيءُ ٿئي ۽ مون ڪيس اهو بہ ٻڌايو آهي تہ مون کي ساڻس ڪو پيار ويار ناهي. فقط ٻار کپي. هڪ عورت جي حيثيت ۾ مون کي ٻار پيدا ڪرڻ جو حق آهي. پر مان بنا پيءُ جي ٻار ٿيڻ جي خواري ۽ بي عزتي سهڻ لاءِ تيار نہ آهيان. اوهين منهنجي مدد ڪريو.‘ جج لنڊسي ڇوڪري جي درخواست مڃندي، ڇوڪريءَ کي تحفظ ڏنو ۽ هوءَ ماءُ بڻجي ويئي.‘
”مغربي ملڪن ۾ هاڻ هڪ پيءُ- هڪ ٻار يا هڪ ماءُ- هڪ ٻار جو ڪٽنب عيب نہ آهي ۽ سماج انهن کي ڌڪاري نٿو. فرينچ اديب ۽ ڏاهي جين پال سارتري جي بي نڪاحي زال يا ساٿي، مشهور اديبہ سمون دي بوار جا اکر آهن تہ عورت مڪمل آزادي حاصل ڪري، مرد جي غلاميءَ منجهان نڪري سگهي ٿي.“
”پر انهيءَ کان چڱا اکر اڳوٽي سوويت روس جي هڪ دانشور ڊاڪٽر ”نيمي نوف“ لکيا آهن: ’هاڻ جڏهن نئون انسان وجود ۾ اچي پيو تہ انهيءَ ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ عورت متعلق قديم نظريو ترڪ ڪيو وڃي ۽ ڪيس سماج توڙي مملڪت جو هڪ پورو رڪن ۽ ساٿي تسليم ڪيو وڃي.“

مون کي انهيءَ ڪميونسٽ ڪامريڊ جا اکر وڻيا. عورت واقعي ساٿي آهي. زرخريد غلام ناهي. هوءَ منهنجي زال- ساٿي آهي ۽ منهنجي اندر ۾ جيڪو قدرت تخليق جو مادو خلقيو آهي، تنهن کي پنهنجي جيءَ جان ۾ جاءِ ڏيئي، اسان ٻنهي لاءِ پٽ يا ڌيءَ تخليق ڪري ٿي. انهيءَ کي سور ڪائي، ڄڻي ٿي. پوءِ هن جو رول پٽو ٿي پوي ٿو. هوءَ هڪ تہ منهنجي زال ساٿي آهي ۽ ٻيو اسان ٻنهي ڄڻن جي تخليق ڪيل اولاد جي ماءُ آهي. اهائي ماءُ جنهن جي قدمن هيٺ جنت آهي. پوءِ اسين ڇو نفرت ڪريون؟ آءٌ مرد عورت کي ڇو ايذاءُ يا عذاب ڏيان جو هُوءَ ردعمل طور ڪجهہ ڪري وجهي ۽ آءٌ مرد- زورآور جي حيثيت ۾ هن کي ذهني يا جسماني نقصان پهچايان ۽ دنيا کي پنهنجي مردانگي ڏيکاريان. مرد جي جسم ۾، طاقت هئڻ ڪري، قدرت شعور سان گڏ ڪيس درندن جو نفسياتي عنصر بہ عطا ڪيو آهي، جيڪو هن سڀني مانداڻ ۽ شر جو سبب آهي.

اڄ مون الائي ڇو وسڪي ڪجهہ گهٽي پي ورتي هئي. ننڊ نہ پئي آئي ۽ ذهن جي تهن ۾ سموري عمر جي حاصل ڪيل ڄاڻ ايئن پئي هلي ڄڻ ڪا ويڊيو ڪئسٽ هلندي هجي. اُن وقت مون محسوس ڪيو ڄڻ ڪو منهنجي پرسان بيٺو آهي. مون ڪنڌ ڦيريو تہ مومل بيٺي هئي.

”پُٽ اوهان هتي بيٺا آهيو! ڇو ننڊ نٿي اچي ڇا؟“

”نہ انڪل ننڊ نٿي اچي.“ مون ڏٺو مومل جون اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون. مون کيس ڇڪي ڀاڪر پاتو ۽ مٿي تي هٿ ڦيريو.

”انڪل امي ۽ بابا ياد تا اچن.، مومل روئي ڏنو.

”پٽ مون کي بہ سونا ڏاڏو ياد اچي پئي.“ مون بہ روئي ڏنو. مومل مون کي روئندي ڏسي ڀهرين تہ حيران ٿي ۽ پوءِ لڙڪ سندس ڳلن تي اچي بيٺا. منهنجيون اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون.

پھرين تہ دل ۾ آيم تہ مومل کي چوان: امان اڄ تہ گڏجي روئون. ڪجھہ مَن ھلڪا ڪريون. پر پوءِ پاڻ کي سنڀالي ويس ۽ اکيون اگھي، مومل جون اکيون ۽ سڄو منھن اگھيم ۽ کيس ڳلن ۽ پيشانيءَ تي ٻہ ٽي چميون ڏنم. ھوءَ مون کي چنبڙي ويئي.

”انڪل اوھان ڇو نٿا سمھو؟“ مومل پڇيو.

”بابا رات جو چئين بجي تائين اوھان جي آنٽي زور سان کونگھرا ھڻندي آھي ۽ پوءِ ٽاپ گيئر مان سيڪنڊ ۾ ايندي آھي يعني آھستي آھستي خرخر ڪندي آھي. اُن مھل آءٌ وڃي سمھندو آھيان.“ مون مومل جو ڌيان ڦيرائڻ چاھيو.

”اوھان آنٽيءَ جو علاج ڇو نٿا ڪرايو؟“

”ڪھڙو علاج پٽ؟“

”آنٽيءَ جو نڪ ۽ وات ٽيپ سان بند ڪري ڇڏيو...“

”پوءِ ساھہ ڪٿان منجھان کڻي؟“ مون مرڪندي چيو.

”نہ ٿورڙو ذرو ٽيپ جو کولي ڇڏيو ۽ پوءِ انھيءَ مان ٿورو ساھہ کڻندي تہ ٿورا کونگھرا ھڻندي.“ مومل تجويز ٻڌائي.

”نہ آمريڪا وارن ”سائلنسر“ ٺاھيو آھي. اھو رڳو پاڪستان ۾ اچي تہ اوھان جي آنٽيءَ جي ساھہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ واري ھنڌن تي Silencer فٽ ڪرائي ڇڏبو ۽ اوھان جي آنٽي انھيءَ قابل ٿيندي جو آءٌ سندس پرسان سمھان يا اسين سمھون. باقي ھينئر تہ بند ڪمرو ڄڻ پاڻي پٽ جي لڙائي ميدان لڳو پيو آھي.“

مومل کلڻ لڳي.

”انڪل سپاٽي پاڻ ڇا ڪنداسين؟“

”بابا سپاٽي ھزارين ڇوڪرين، عورتن ۽ مردن جو واڪ ٿيندو ۽ اوھان انھن سڀني جي اڳيان ھوندا تہ جيئن ٻيھر ماڻھو پنھنجي زال پنھنجي پيڻ يا ڌيءِ کي نہ ماري.“

”پوءِ امي- مومل جي امي واپس اچي ويندي؟“

مون وري روئي ڏنو.

"اڙي بابا اهڙيون ڳالهيون تہ نہ ڪر."
"پوءِ ڇا ٿيندو. مون کي بہ تہ ٻڌايو؟"
"ها اهو صحيح سوال آهي. اسين سڀ، دنيا سڄيءَ کي ۽ حڪومت کي ٻڌائيندا سين تہ اهڙا ظلم بند ڪرائن. ماڻهو مارڻ گناهہ آهي. ماڻهو نہ ماريو. پيار ڪريو. ماڻهن کي ساهہ کڻڻ ڏيو. ساهہ کڻڻ وڏي ڳالهہ آهي. انهيءَ وڏي ڳالهہ ۾ پٽ الله پاڻ انسان جي اندر ۾ وڃي ويهي ٿو ۽ انسان پوءِ چڱا ڪم ڪري ٿو."
"اوهان جي اندر ۾ الله آهي؟" مومل پڇيو.
"نہ پٽ هينئر تہ وسڪي آهي پر صبح جو وهنجي سهنجي صاف دل ۽ صاف ڪپڙا هوندا تہ الله بہ هوندو."
"مون وٽ الله هوندو آهي؟"
"الله سڄو تو لاءِ آهي. تون فڪر نہ ڪر انڪل بہ تہ اوهان وٽ آهي. هاڻ وڃو ۽ سمهو. صبح جو سوير اٿو آهي."
مومل وڃڻ لڳي ۽ وري رڪجي چوڻ لڳي: "اوهان بہ وڃي سمهو آنٽيءَ جي ڪونگهرن جو اسٽاڪ ختم ٿي ويو. نو اسٽاڪ نو ڪونگهرا!"
"حاضر آءٌ بہ وڃي سمهان ٿو."

مومل واپس پنهنجي ڪمري ۾ ويئي. منهنجي ذهن ۾ صبح جو رٽيل واڪ جاءِ والارڻ لڳو. پر الائي ڇو هزارن سالن کان مرد، جيڪو پاڻ کي اشرف المخلوقات سڏي ٿو سو برابر عورت کي ذليل خوار ۽ هڪ عام جانور سمجهندو آيو آهي جنهن کي جنهن مهل چاهي ڪات سان ڪهي ڇڏي يا ڪلاشنڪوف سان ذرا ذرا ڪري ڇڏي- ۽ جڏهن پيار ڪريس ٿو تہ پنهنجي جان بہ گهوري ڇڏيس ٿو- جڏهن عزت ڏيس ٿو تہ سندس قدمن هيٺ جنت محسوس ڪري ٿو ۽ نياڻيءَ کي ست- قرآن بہ سمجهي ٿو. ڪٿي خرابي آهي؟ ڳالهہ متوازن ٿيڻ ڪپي.

آخر ۾ مون پنهنجي خيالن جي چار مان پنهنجي جان ڇڏائڻ چاهي ٿي ته يونان جي ڏاهي، سڪندر اعظم جي استاد، ارسطوءَ جا اکر ذهن ۾ ۾ تري آيا:

Women were some kind of deformed men. They didn't have the potential for rational thinking and, therefore, their purpose in the life was to serve men.

اهڙن اکرن جي چوڻ جو ڪارڻ پس منظر ڇا هو؟ خبر نه آهي. اها به خبر ناهي ته ارسطوءَ جي پنهنجي حياتيءَ ۾ عورتن جو ڪردار ڇا رهيو آهي. پر پوءِ به لڳي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ ڪرسچئن ۽ مسلم تهذيبي ۽ تمدني زندگي ۽ معاملن ۾ ارسطوءَ جي انهن اکرن جو نهايت گهرو اثر رهيو آهي جيڪو هاڻ ويهين صدي ۾ ڪجهه بي اثر ٿيڻ شروع ٿيو آهي. هندو عورت ته ارسطوءَ جي انهن اکرن سان گڏ يا اڳ ئي پنهنجي مرد جي خدمت ۾ رُڌل آهي ۽ پنهنجي سماجي فريم ۾ پانهيءَ وانگر رهي خوشي محسوس ڪري ٿي. پر اَت به حالتون بدلجن پيون. هيءَ صدي ڪو نئون سماجي طور طريقو آڻيندي، جنهن ۾ شايد آزادي وڌيڪ هجي ۽ پيار گهٽ ٿيندو رهي. جيئن جيئن انسان منجهان پيار گهٽبو تيئن شايد اسين پنهنجي انت کي ويجهو ٿيندا رهنداسين. مون کي وسڪي چڙهي ويئي ۽ منهنجي وات منجهان چڻ رڙ نڪري ويئي. ”پيار نه گهٽجي- پيار نه گهٽجي! نه ته انسان ختم ٿي ويندو!“

[4]

سومر جو ڏينهن هفتي جو پهريون ڪم ڪار جو ڏينهن آهي. اسان ٻه اهو ڏينهن چونڊيو هوسين. پروگرام مطابق سيني ڪي سنڌ جي سمنڊ جي ڪناري تي گڏ ٿيڻو هو. NGOs، اسڪول ۽ ڪاليج وارن پنهنجون بسون آنديون هيون. آهستي آهستي سوين ڪارون ٻه اچي پهتون. مون پنهنجي ڪار ڪڍي جنهن ۾ بدر ۽ مومل ويٺل هيون. گاڏي ڊرائيور هلائي پئي. اسين سمنڊ جي ڪناري لٿاسين. ڪيترين NGOs ۽ ڪاليج جي ڇوڪرين پنهنجا بئنر ٿهرايا هئا جن ۾ عورت جي عزت ۽ احترام ۽ قانون جي هڪ جهڙائي جهڙا نعرا لکيل هئا. مومل ڪي ٿري پرت سان ٽِڪن وارو چولو ۽ ڪناري لڳل سٿڻ ۽ سينڊل پيل هو. هوءَ انهيءَ ميڙ ڪي ڏسي خوش پئي ٿي. ساموندي ٿڌي هوا تيز ٿيڻ شروع ٿي هئي. عورتن ۽ مردن ڪي هوا جڻ ويڙهي پئي وئي ۽ سندن وار وکريا پئي. چوڌاري اٺ ڏهه ماڙ عمارتن منجهان ڪيترائي مرد ۽ عورتون هٿن سان ڪيکر ڪري

اسان کي همٿائي رهيا هئا. اُن وقت منهنجي اندازي مطابق ٻه ڏائي هزار ماڻهن جو مجموعو هو.

نيڪ ڏهين بجي، اسان مومل کي، ساره، آنٽي راحيل ۽ ٻين عورتن ۽ ڪجهه مرد سوشل ورڪرن کي اڳيان ڪيو ۽ هنن هلڻ شروع ڪيو. آءُ ٿورو مفاصلو هليس پر پوءِ هلي نه سگهيس ۽ ساره جي چوڻ تي وڃي پنهنجي گاڏي ۾ ويٺس. بدر به گاڏيءَ ۾ ئي ويٺي رهي. منهنجي گاڏيءَ ۾ پاڻيءَ جون بوتلون به رکيل هيون. جڏهن قافلو بار بي ڪيو ريسٽورنٽ وٽ پهتو ته آهستي آهستي سڀ گاڏين ۾ بسن ۾ چڙهڻ لڳا جو ڪين خبر هئي ته منزل ڪافي پري آهي ۽ پروگرام به ايئن رٿيل هو. مون گاڏيءَ جي دريءَ منجهان ڏٺو پئي ۽ سمجهيم ته ماڻهو هاڻي ٿڪا ٿي چڪا آهن. مٿي آسمان سڄو ڪڪرن سان ڍڪيل هو ۽ سنڌ جي سامونڊي ڪناري جون تيز هوائون ڪڪرن کي اڳتي وڌي ويون پئي ۽ موسم خوشگوار ۽ وڻندڙ هئي. بسن، ڪارن، ٽيڪسين، رڪشائن ۾ ۽ پنڌ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو قافلو وڌندو رهيو. تان جو ڪلفٽن برج اُڪري گورنر هائوس واري اتر پاسي نهيل چوراهي تي فواري وٽ سڀ اچي بيٺا ۽ پوءِ سڀئي سوارين مان لهي، آهستي آهستي اسٽريچن روڊ کان هلندا سنڌ اسيمبلي ڏانهن هلڻ لڳا. جڏهن سڀئي سنڌ اسيمبلي جي سامهون رستي تي پهتا ته هزارين عورتون، ٻار ۽ ڇوڪريون ڇوڪرا ۽ مرد نظر آيا پئي. نيٺ آءُ به ڪار مان لٿس ۽ ساره ۽ آنٽي راحيل جي سهاري مومل کي وٺي انهيءَ چوراهي تي پهتاسين جت اوير ڏانهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي عظيم الشان بلڊنگ هئي ۽ سامهون سنڌ اسيمبلي جي باوقار عمارت ڪر ڪنيو بيٺي هئي. اُن مهل ڪجهه نعرا لڳا. ”عورت انسان آهي“ انصاف ڪريو. انصاف ڪريو. عورتن جو بي گناهه قتل بند ڪريو.

سمورو ويڪرو رستو جلوس سان ڀريل هو. پوليس وارا تمام

پرتي ويٺا هئا. انهيءَ مهل مون مومل کي پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪيو. بدر، ساره ۽ راحيل مون کي سهارو ڏيو ويٺيون هيون ۽ مومل جي هٿ ۾ هڪ بينر هو جنهن تي لکيل هو: ”مون کي ساھہ کڻڻ ڏيو!“ اسيمبليءَ جا سڀ دروازا بند هئا- پر هاءِ ڪورٽ جي ججن جا در کليل هئا ۽ سيني جي وات منجهان اهوئي نعرو نڪتو پئي.

مون کي بي گناھہ نہ ماريو!
مون کي بي گناھہ نہ ماريو!
مون کي بي گناھہ نہ ماريو!
مون کي بي گناھہ نہ ماريو!
مون کي ساھہ کڻڻ ڏيو!
مون کي ساھہ کڻڻ ڏيو!!
مون کي ساھہ کڻڻ ڏيو!!!

پوءِ آهستي آهستي انهي واڪ جا شريڪ ترڙي پکڙي ويا. آءٌ ساره، راحيل، بدر ۽ ڪجھہ پيون عورتون ۽ مرد انهي چوراهي تي ڪجھہ منٽ ويٺا رهياسين نيٺ مومل جي واتان زور سان نڪتو:

”مون کي بي گناھہ نہ ماريو!“
”مون کي بي گناھہ نہ ماريو!“
”مون کي ساھہ کڻڻ ڏيو!“

مومل جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. ڪيس شايد پنهنجي ماءُ سونا ۽ پيءُ محمد علي ياد آيا پئي. منهنجين اکين مان بہ لڙڪ لڙي آيا. بدر اوڇنگار ڏني. مون ڪيس ڀاڪر پاتو. راحيل، ساره ۽ سندس ساٿي پڻ روئڻهارڪا ٿي ويا. اوڏي مهل مون مومل ۽ بدر کي گاڏي ۾ ويهڻ لاءِ چيو ۽ ساره اسان جي پٺيان هئي.

اُن وقت تيز هلندڙ ڪڪرن مان بہ هڪ هلڪي بوندن جو وسڪارو. اسان کي هٿن ۽ ڳلن تي محسوس ٿيو ۽ اسان گاڏين ۾

ويهي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳاسين پٺيان سنڌ اسيمبلي جي عاليشان عمارت ۽ هاءِ ڪورٽ جي رعبدار پر ماڙ پٿر جي ٺهيل بلڊنگس خاموش بيٺيون هيون.

آڪٽوبر- 2000ع
B-20- پرنس ڪامپليڪس
ڪلفٽن برج، ڪلفٽن،
ڪراچي، سنڌ.

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا تازه شايع ٿيل ڪتاب

## پيار پناهون چانورا (ناول)

مصنف: ماهتاب محبوب

## سِرَ جي صدا سُرَ ۾

مصنف: عبدالواحد آريسر

## حر گوريلا جنگ

(Terrorist جو ترجمو)

مصنف: ايچ ٽي لئمبرڪ

سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو

پڪي جلد سان ـ صفحا 354 ـ قيمت -/200

## اهي ڏينهن اهي شينهن (جلد پهريون)

مصنف: پير علي محمد راشدي

پڪي جلد سان ـ صفحا 552 ـ قيمت -/300

## مغربي دانائيءَ مان عظيم اقتباسات

(The Great Profiles from western Wisdom)

سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب جنهن ۾ مغرب جي مشهور و معروف ڏاهن:
بادشاهي، جمهوريت، آزادي ۽ توازن، تعليم، شادي، جرم ۽ سزا، عزت، ملڪيت، نوڪري، مذهب، عظمت، حسن ۽ خوشي، فن ۽ اميري، اندر وارو سٽل انسان، چڱا ارادا، قدرتي حق، شهرت، تهذيب، جوا، بادشاهت، دولت، معاشرو ۽ شخصيت، انسانيت جي حقيقت، مذهب ۽ سائنس وغيره تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. قيمت -/60

## جهولي لال (سفرنامو)

آغا سليم جو لکيل هندستان، چين ۽ صوبي سرحد جو دلچسپ ۽ معلوماتي سفرنامو. خوبصورت ٽائيٽل سان سينگاريل. قيمت -/80

## آل اباؤٽ سنگاپور (سفرنامو)

ايتار ڪي هزارين روپيا خرچ ڪري هاڻ سنگاپور وڃڻ جي ضرورت نه آهي. الطاف شيخ جو هي نئون سفرنامو اوهان کي گهر ويٺي سنگاپور متعلق دلچسپ، معلوماتي ۽ عجيب و غريب ڳالهيون سندس ڪتاب پڙهڻ سان مهيا ٿي سگهن ٿيون.
پڪي جلد سان ـ خوبصورت ٽائيٽل ـ قيمت صرف -/110

# رهجي ويل منظر (ناول)

مصنف: طارق عالم ابڙو

سنڌي زبان جو واحد ناول جنهن جا هن وقت تائين 5 ايڊيشن نڪري چڪا آهن. خوبصورت ٽائيٽل سان سينگاريل ـ قيمت -/100

**عبدالواحد آريسر جا ڪتاب**

*متيءَ هاٿا ماڻهو*

*روح جا ربلا*

*اسان جيئڻ جيئيءَ ڪو*

## جمال ابڙي جي آتم ڪٿا (3 جلد)

* ڏسي ڏوهه اکين سين * اونهي ڳالهه اسرار جي * توهر ۾ ڳاڙها گل.

**علي احمد بروهي جا ڪتاب**

* جام، جاموٽ، جامڙا * ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون.

**ماهتاب محبوب جا ڪتاب**

* چانديءَ جون تارون ۽ پرهه کان پهريون * خواب خوشبو ڇوڪري

**پلصراط** (جيل جي ڊائري)

**ڊاڪٽر دودو مهيري**

**ماڻهو** ( ماڻهوءَ جي ارتقا جي ڪهاڻي )

مصنف: بدر ابڙو

**خط، انٽرويو ۽ تقريرون** (جلد پهريون ۽ ٻيو)

مصنف: شيخ اياز

## نيلسن منڊيلا جي ڪهاڻي

هيستائين انهيءَ ڪتاب جا ڪُل ست ايڊيشن انگريزيءَ ۾ شايع ٿيا آهن. جڏهن ته فرينچ، اسپينش کان علاوه ٻين ڪيترن ئي ٻولين ۾ پڻ هي ڪتاب ترجمو ٿي شايع ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهي ٿو. اندازو آهي ته هيستائين هن ڪتاب جون 50 لک ڪاپيون جيجي وڪرو ٿي چڪيون آهن. صفحا 440 ـ قيمت -/125